
(ناول)
پتڪيل
ماٺو
امر ثناءَ

پٽڪيل ماڻهو

[ناول]

امر ثناءَ

احسان پبليڪيشن ميهڙ 2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب نمبر 09

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	ڀٽڪيل ماڻهو
موضوع:	ناول
ليکڪ:	امر ثناءَ
تعداد:	هڪ هزار
ڪمپوزنگ:	خادم سولنگي
ٽائيٽل:	شاهزيب ميمڻ
سنِ اشاعت:	جون 2020ع
ڇپائيندڙ:	احسان پبليڪيشن ميهڙ، سنڌ 03003671729
قيمت:	250/- روپيه

ISBN 978-969-9289-00-2

"BHATKYAL MANHON"
by: Amar Sana
Published by:Ihsan Publication, Mehar, Sindh
Contect # 0300-3671729
Email: ihsanpublication@gmail.com

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد
مک بک هاؤس حيدرآباد
دستگير ڪتب خانه دادو
عبدالرزاق ڪتاب گهر ميهڙ

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”پتڪيل ماڻهو“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هن ناول جو ليکڪ گھڻ رخي شخصيت نئين ٿهيءُ جو نوجوان قلمڪار ثنا الله لهبر (امر ثناءَ) آهي.

امر ثناءَ لهبر جي لکڻين ۾ معاشري اندر ٽيندڙ سماجي برائين، ناانصافين، دين ڌرم، ذات پات وارن نه متجندڙ فرقن، ديس ڌڻين جي لاوارث ٻڌيل دانهن دردن ۽ پيڙائن جي عڪاسي واري جهلڪ سادن لفظن جي جامي ۾ اوڊيل واضع طور نظر اچي پئي. امر ثناءَ لهبر پنهنجي لکڻين ذريعي هر پل معاشري اندر جهالت واري ڦهليل ٻاٽ کي ختم ڪرڻ خاطر پنهنجي ادبي مهارت سان جڳنو جهڙو ڪردار ادا ڪري روشن سڄ اپارڻ جي جستجو ڪري رهيو آهي.

هي ڪتاب **احسان پبليڪيشن ميهڙ** پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون امر ثناءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ ڌرتي جيڪا انيڪ قدرتي نعمتن سان مالا مال هئڻ سان گڏوگڏ اوليائن بزرگن دانشورن ڏاهن اديبن ۽ سورمن جي ڌرتي پڻ آهي. هن جنم ڀومي جا ڪيترائي ڪردار پنهنجي قابليت ڏانءُ ڏات دانشوري ۽ بهادري وارن انيڪ عملي ڪرت سبب تاريخ جي بابن اندر هميشہ هميشہ ڪاڻ اسان لاءِ اتساهہ جو سبب بڻجي امر ڪردارن جي حيثيت ۾ زنده بڻيل آهن. شايد انهن هن ڌرتي جي گولي تي اچي ڪري پنهنجي جيون جا پل بيڪار نہ گهاريا ۽ پنهنجي مقصد کي ساڻ ڪري پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم سرانجام ڏيئي ويا آهن ۽ ڪجهہ اهڙا گهڻ رخي شخصيتن وارا ڪردار پنهنجي حصي جو ڪم ڪري پاڻ پتوڙڻ ۾ هن وقت بہ ڪوشان بڻيل آهن. ڏات قدرت طرفان هڪ انمول تحفو آهي، جيڪا گهٽي ياڳي ڪنهن خوشنصيب کي ئي نصيب ٿيندي آهي باقي اها ڏات جي ديوي هر ڪنهن مٿان مهربان ٿيندي نظر نٿي اچي. ڏات کي اگر اسين ڏانءُ واري اسلوب سان مضبوط بڻايون تہ اسان کي هڪ سگهارو ۽ اڏول ڪردار پسڻ ۾ ملي ويندو. ڏانءُ ۽ ڏات سان سرشار هڪ اهڙو ئي اڏول ڪردار گهڻ رخي شخصيتن جو مالڪ نئين ٿهيءَ جو نوجوان قلمڪار ثنا الله لهر(امر ثناء)ادب جي آڪاش ۾ روشن ستاري جيان اڀرندي نظر اچڻ لڳو آهي. جيڪو ادبي کيتر ۾ پنهنجي قلمي پورهئي جو پگهر وهائيندي پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجو پاڻ پتوڙي رهيو آهي. امر ثناء لهر جي لکڻين ۾ معاشري اندر ٿيندڙ سماجي برائين، ناانصافين، دين ڌرم، ذات پات وارن نہ متجندڙ فرقن ديس ڌڻين جي لاوارث بڻيل داهن دردن ۽ ازيتن پيڙائن جي عڪاسي واري جهلڪ سادن لفظن جي جامي ۾ اوڏيل واضع طور نظر اچي پئي. امر ثنا لهر پنهنجي لکڻين ذريعي هرپل معاشري اندر جهالت واري ڦهليل ٻاٽ کي ختم ڪرڻ خاطر پنهنجي ادبي مهارت سان جڳنو

جهڙو ڪردار ادا ڪري روشن سج اپارڻ جي جستجو ڪري رهيو آهي. هن نئين ٽهيءَ جي نوجوان قلمڪار جي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙن کي اتساهه سان گڏ هڪ وڏو پيغام به ملي ٿو ته ڪٿي ڪٿي وري پيار محبت جا رومانوي داستان به ملندا آهن. ڪٿي وري نفرتن جا پالا ته وري ڪٿي ڪٿي منافقيت جا انيڪ ويساهه گهاتي وارا گهرا گهاءَ پسڻ وٽان ملندا. مطلب ته هن جي قلم ۾ اهي سڀئي رنگ روپ موجود آهن جيڪي پنهنجي پڙهندڙن جي معيار تي پورو لهي انهي جي اندر وارن جذبن ۾ چرپر پيدا ڪري سگهن. امر ثناء لهڙ هڪ پختگي سوچ رکندڙ نئين ٽهيءَ جي اڀرندڙ ڪهاڻيڪارن واري سٽ ۾ هڪ نمايان ڪهاڻيڪار محسوس ٿي رهيو آهي جنهن وٽ وقت جي وڌندڙ وراڪن جيان روشن خيالي وارا انيڪ تصور فني ۽ فڪري حوالي سان نياءَ وارو سٺو ڏانءُ ڏسڻ وٽان ملي پيو. ڳوٺ صاحب خان لهڙ يوسي پيارو اسٽيشن تعلقا وضلعا دادو جي ادبي گهراڻي ۾ اک کوليندڙ امر ثنا لهڙ ۾ ٻچپن کان وٺي ڏات جي ديوي مهربان هئي جو شايد هن جو تعلق علمي ادبي ماحول سان جڙيو. هن جو والد الهرکيو لهڙ ڪتابن سان دلچسپي رکندڙ ۽ انهن جو مطالعو شوق سان ڪندڙ وڏو ريڊيو ليسنئر هيو جنهن پنهنجي جيون جو ڪافي حصو ادبي پروگرامن ريڊيو ۾ خط وڪتابت ڪري ۽ سگهڙن وارين لوڪ ڪچهرين ۾ وقف ڪري ورتو هيو، گهر اندر ڪتابن جي وڏي تعداد يعني لائبريري جو هئڻ ڪري امر ثناء لهڙ ۾ به ادبي شوق بيدار ٿيڻ لڳو هيو پر هن لکڻ پڙهڻ جي شروعات منهنجي لکڻين کي ڏسي ڪري ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته آئون ادب سان وابستگي رکندڙ هڪ ڪهاڻيڪار ۽ نثر نويس جي حيثيت سان ادبي پورهيو ڪندو پيو اچان. منهنجي تحريرن ۽ لکڻين کي سنڌي ڊائجيسٽن ۽ ميگزينن جي صفحن جي زينت بڻيل ڏسي هن کي به شوق ۽ ادب سان لڳاءُ ٿيڻ لڳو هيو. جنهن ڪري امر ثناء لهڙ قدرت طرفان مليل ڏات کي استعمال ڪندي ادب طرف رخ رکيو. شاعري ذريعي شروعات ڪندي هن

قلمڪار ادب جي دنيا ۾ بانبڙا پائڻ شروع ڪري ڏنا هيا. جيڪو هن وقت اسان اڳيان پنهنجي ذات ۾ ڏان سان گڏ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار جي روپ ۾ پنهنجي پيرن تي بيٺل پسڻ ۾ اچي پيو. امر ثنا لهر جو هي ڪتاب جيڪو پتڪيل ماڻهو جي نالي سان هڪ مڪمل ناول اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي جڏهن هن جو مهاڳ هن ڪنهن وڏي نالي واري مهان ليکڪ ۽ اديب بجاءِ مونکان لکرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اچي مونکي چيائين تہ ادا اوهان مونکي مهاڳ لکي ڏيو تہ آئون سچ ۾ حيران ٿي ويس. خوشي سان گڏ تعجب بہ ٿيو هن جي سوچ ۽ ساڃاهہ تي. خير ناول وٺي مطالعو ڪيم ۽ چيومانس تہ تون ڪنهن وڏي ليکڪ ۽ اديب کان پنهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکرائي تہ پذيرائي ڪتاب کي ملندي جئين اڄڪلهہ ادب جي دنيا ۾ فيشن طور هلي رهيو آهي آئون ننڍڙو ليکڪ آهيان ۽ وڏي ڳالهہ تہ تنهنجو وڏو ڀاءُ بہ آهيان. ان لاءِ شايد آءٌ اهو نياءُ نہ ڪري سگهان يا تنهنجي هن ادبي پورهئي کي ڪو مان نہ ملي سگهي تہ بہ بهتر ناهي. چيائين تہ ڪجهہ بہ ٿئي منهنجي خواهش آهي آئون مهاڳ توکان ئي لکرائيندس. سچ پڇو امر ثناءِ جا هي الفاظ ٻڌي ڏاڍي سرهائي ٿي ۽ وت وس آهر ڪجہ لفظ لکڻ جي ست ساري ويٺم. "پتڪيل ماڻهو" امر ثناءِ لهر جو هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين ڪاوش آهي جنهن ۾ هن پنهنجي وس آهر ستو نياءُ ڪيو آهي. هن ناول۾ ڳوناڻي ماحول کان ويندي شهري ماحول جي بہ بهتر نموني عڪاسي ٿيل آهي. ڌرتي ڌڻين جي اٻوجهہ سادڙن ماروئڙن کي هٽرادو فرسوده ريتن رسمن جي چار ۾ ڦاسائي انهن جي خواهشن جذبن ارمانن جو سفاڪ پوش رهزنن هٿان ٿيندڙ ناحق خون جي واردات لفظن جي روپ ۾ هن قلمڪار وڏي مهارت سان پنهنجي فن ذريعي پيش ڪرڻ جو مظاهرو ڪيو آهي. پتڪيل ماڻهو جي نانءَ سان سرجيل امر ثناءِ لهر جي هن ناول ۾ ڀهراڙي جي خوبصورت آلودگي کان پاڪ ٻڌيل فضا ۽ ساوڪ جي ويس ۾ اوڍيل ڌرتي جي ساوڪ سان ڀريل ڪک واري سونهن ۽ سندرتا جي منظر

نگاري ۾ بہ هڪ الڳ قسم جو موه ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. خيالن جي حوالي سان بہ هن قلمڪار جا خيال وڏي اڏام پريندي ڪٿي ڪٿي ڏسڻ وٽان ملن پيا. چاڪاڻ تہ عقيدن جي آڙ ۾ پيري مريدي هٿان اٻوجهہ سانگيئڙن جا درد اهنج ۽ جهالت وارا ڪلور خيالن جي روپ ۾ حقيقتن سان ملندڙ جلندڙ پاسجڻ لڳي رهيا آهن تہ ڪئين نہ هن ترقي يافتا دور ۾ بہ اسان جا اٻوجهہ مارو سادگي ۽ علم جي کوٽ سبب پنهنجي ونين ۽ ڀنين جي تذليل ٿيندي ڏسي رهيا آهن ۽ بيوسي وچان اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪري رهيا آهن. ڪئين نہ هو پنهنجي عقيدي هيٺ پيرن پوتارن هٿان لتجي رهيا آهن. امر ثناء جي هن ناول ۾ هڪ ڳالهہ بهترين ۽ سندر پاسجڻ لڳي تہ ڪوبہ ماڻهو پنهنجي جيون مان مطمئن نظر نہ پيو اچي. ڳوٺن جا رهواسي اهو محسوس ڪن پيا تہ شهري زندگي بهتر آهي پر شهري ماڻهن ڪي وري ڳوناٺي ماحول سان چاه آهي. هن قلمڪار انهي فرق کي تمام سهڻي نموني تشبيهن خيالن تصورن ۾ هڪ بهتر منظر نگاري ڪندي ادب سان چاهہ رکندڙ دوستن اڳيان پيش ڪيو آهي. امر ثنا لهڙ جي هن لکڻي ۾ جتي سماجي روين ڏاڍ جبر اوچ نيچ ۽ اٻوجهہ ماروئڙن کي جهالت جي ڏيڍ ۾ ڦاٿل هئڻ جو هڪ واضع تصور پيش ڪيو آهي تہ اتي وري ناڪام چاهتن جا انيڪ داستان بہ بيان ڪري چاهتن ۾ ٿيندڙ ويساهہ گهاتن جي عڪاسي بہ پڻ ڪئي آهي. هن ناول پٽڪيل ماڻهو ۾ دوستن هٿان فريبي مڪاري ۽ پروسي ۽ اعتماد کي ڇيهو رسائڻ وارن نقابن تان پردو پڻ ڪنيو آهي تہ ڪيئن نہ دوست منافقت جو نقاب اوڍي دوستي واري انمول رشتي واري تند کي پنهنجن مفادن خاطر پٽي پويان وار ڪن پيا. امر ثنا لهڙ پنهنجي هن لکڻي ذريعي هڪ وڏو سبق ۽ پيغام پڙهندڙ اڳيان پيش ڪيو آهي تہ هن معاشري ۾ سڌارو علم سان ئي ٿي سگهي ٿو. اگر علم جو ڏيئو روشن رکيو وڃي تہ اسان جي سماج مٿان پکڙيل جهالت واري اونداهہ ختم ٿي سگهي ٿي ۽ اسين هن سماج مٿان علم ذريعي ئي ترقي سڌاري جو نئون سج اڀاري هميشہ

هميشہ لاءِ ظلميت ۾ هٿرادو غليظ ريتن رسمن کي ختم ڪري سگهون ٿا. نئين ٿهيءَ جي هن نوجوان قلمڪار جي هن ناول ۾ ڪٿي ڪٿي جهول ضرور آهي پر هن جي خوبصورت منظر نگاري بهترين ڪردارن ۾ هن ناول جو سماج سان ملندڙ جلندڙ مقصد ان جهول طرف پڙهندڙن کي متوجہ نہ ڪري سگهندو. نوجوان قلمڪار امر ثناءِ لهر جو هي قلمي پورهيو ادب جي کيتر ۾ لڳايل هڪ ٻوٽي جيان واڌارو محسوس ٿي رهيو آهي جنهن تي پڪ سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ اگر هي نوجوان قلمڪار ائين ئي پنهنجي قلمي پورهئي سان سچو رهيو تہ هڪ ڏينهن هن جو پوکيل هي ٻوٽو وڏي وڻ جو روپ ڌاري ادبي ذوق رکندڙ ساٿين کي پنهنجي ڇانو هيٺ پناهہ ڏيڻ جو اعزاز پڻ ماڻيندو ۽ ادب جي دنيا ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي پنهنجو هڪ نانءُ ماڻيندو.

امان الله لهر

سابق سيڪريٽري ۽ موجوده آڊيٽر

س ا س شاخ پيارو اسٽيشن

رپورٽر روزاني سوڀ ۽ پڇاڙو اخبار

پيارو اسٽيشن

rozanisobhpairostation@gmail.com

03413507322

پنهنجي پاران

ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو ايئن آهه جو لفظ مونسان ڪيڏڻ لڳندا آهن. اهي لفظ جُن ڪي تحريرن جي طوائف خاني منجهه ننگو ڪري پيش ڪندو آهيان، اهي لفظ جُن جي ڪومل وجودن کي ڪنهن حرسي جانور جيان لُڇي تخليق جي ڏست بن ۾ لاوارث بڻائي اڇلائي ڇڏيندو آهيان. اهي لفظ جُن جي نازڪ احساس ۾ اُمنگن ڪي ڇيڙي سج جي شفق جهڙي لالاڻ رڪندڙ من ۾ سرهائي محسوس ڪندو آهيان! ها اهي ئي لفظ ڪڏهن ڪڏهن مونسان تصور جي دنيا ۾ ڪيڏڻ لڳندا آهن ۽ مونکي بي ساهو بڻائي اڪيلو ڇڏي ويندا آهن جت مونکي پنهنجا جذبات واسينگ جيان ڪکڻ ۾ دير ناهن ڪندا. جت پنهنجا ئي احساس اذيت ارپي مونتي ٿنوليون ڪندا آهن! آئون اهڙي ڪيفيت ۾ روئندو آهيان ۽ لفظن کي سڏ ڪندو آهيان مگر لفظ لڪ لڪوٽي راند جيان منهنجي نظرن کان اوجهل رهندا آهن! هينئر تائين اهو سمجهي ناهيان سگهيو تہ لفظ مون سان ڇو ڪيڏندا آهن ڇا مان چريو ليڪ آهيان؟ ڇاڪاڻ تہ مون ڪٿ ٻڌو هيو چرين ليڪڪن سان لفظ ڪيڏندا آهن سياڻا ليڪ تہ لفظن کي پنهنجي آرٽ ذريعي الجهائڻ جو ڏانءُ ڄاڻندا آهن ۽ لفظ انهن اڳيان ڪنهن بيوس رنڊي جيان محتاج هوندا آهن اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هميشا لفظ مونسان ان ويل ڇو ڪيڏندا آهن ؟ جنهن ويل هُن جي پريت ڇاهت جو تصور ذهن جي نير گگن هيٺان ڪنهن اڏامڪ پکي جيان اڏامڻ لڳندو آهي ۽ آئون ڇاهيندي بہ هُن جي پريت ڇاهت تي لکي ناهيان سگهندو ! هو جا جنهن سان منهنجو گهرو ناتو آهي جنهن کي آئون پنهنجي ئي وجود جو حصو سمجهندو آهيان ! آخر ڇو هُن جي پريت ڇاهت تي لکي ناهيان سگهندو ؟هُو جيڪا منهنجي دل

جي سلطنت تي خدا جيان آهي جنهن جي پريت چاهت ۾ مونکي پنهنجي زندگي جو مفهوم سمجهه ۾ آيو ! چڱي ريت اهو پل اڄ به مونکي ياد آهي آئون هن سان پريت چاهت جي منزل تي پانڌيئڙو انڪري بڻيو هيس ته هو به مون جيان ليکڪ هئي ۽ آئون سمجهيو هيس ته هو مونکي ڪڏهن به پريت چاهت جي منزل تي اڪيلو ڇڏي نه ويندي ڇو جو ليکڪ پريت چاهت جي اڌوري منزل جو درد ڄاڻندا آهن ! شايد اهائي منهنجي وڏي مان وڏي خوشفهمي هئي جنهن ڪي وقت جي وهڪري حقيقت جو جامو اوڍائڻ ۾ دير ئي نه ڪئي ! ۽ ڪا خبر ئي نه پئي پريت چاهت جي ريگستان ۾ آئون اڪيلو رهجي طويل اذيتن جو پنڌ جهاڳڻ لڳس پر جڏهن به ڪنهن سُڪل وڻ ڪي پسي آئون ٽڪ پيچڻ دوران هُن جي چاهت تي لکڻ لڳيم ته لفظ مونسان ڪيڏڻ لڳا ۽ ڪيڏندا اچن پيا. آئون چاهيندي به هُن جي پريت چاهت تي لکي نٿو سگهان توڙي جو هاڻ من جي ڪلراٺي زمين ۾ هُن جي پريت چاهت جو ننڍڙو گونچ وڏي وڻ بڻجي چڪو آهي! ڪاش هو سمجهي سگهي ها ته آئون هن جي جسم سان نه بلڪي هُن جي روح سان پيار ڪيو آ جنهن سان ناتو اڄ به نڀائيندو پيو اچان. واقعي به آئون چريو ئي ليکڪ آهيان. ڇا هُن جو ذڪر ڪرڻ هِت ضروري هو؟ پر مون وري به هُن جو ئي ذڪر ڪيو اهو انڪري جيڪو منهنجو ناول اوهانجي هٿن ۾ آهي بدولت ان خدا مثل شخصيت جي ئي آهي. ڇوجو مونکي ڪتاب پبلش ڪرائڻ جو ڪو به شوق نه هيو، نه ئي آئون ڪتابن جي دنيا ۾ اچڻ پئي چاهيو ! بس گمنام ليکڪ جيان ئي هيس جيڪو ڪنهن ڪنهن وقت ڪجهه لکي وٺندو آهي...! منهنجي ناول جو اوهان جي هٿن تائين پهچڻ جو ڪارڻ اهو آهي؟ جڏهن پاڻ ٻئي پريت چاهت جي ڏور ۾ لاٽون جيان جڪڙيل هياسين ته هُن جي پراڻي فيسبڪ تي اپلوڊ ٿيل پوسٽ جيڪا هُن پنهنجي چاهيندڙ

جي ڪتاب تي تاثراتي لکي هئي نظرن منجهان گذري سچ تہ ان ويل آئون پنڊ پهڻ بڻجي ويو هيس ۽ فقط روئڻ وارو اسٽيڪر ڏئي فيسبڪ جي آئڊي آف ڪري ڇڏيو هيم. هُن منهنجي روئڻ واري اسٽيڪر مان ڪيفيت جو اندازو لڳائيندي اها پوسٽ هميشا لاءِ پنهنجي وال تان ڊليٽ ڪري ڇڏي هئي ۽ ڪال ڪري چيو هيائين اڙي ڪنا اها پوسٽ 3 سال اڳ جي آهي هاڻ اهڙو هن جي لاءِ ڪجھ بہ نہ آ جيڪو ڪجھ آهين تون ئي آهين . . . ! ان وقت اهو خيال منهنجي ذهن ۾ جنم ورتو هيو تہ آئون بہ هُن جي چاهيندڙ جيان ڇو نہ پنهنجو ڪتاب هُن جي هٿڙن تائين پهچايان ۽ هو منهنجي بہ ڪتاب تي تاثراتي مضمون لکي بس ان ڏينهن ڪانپوءِ آئون ڪتاب ڪي پبلش ڪرائڻ جو سوچيم جيڪو اڄ ناول جي صورت ۾ اوهانجي هٿن ۾ آهي.

اوهان جو پنهنجو

امر ثناءَ

ڳوٺ صاحب خان لهبر

تعلقہ ضلع دادو سنڌ

Email: sanalatiflahbar@gmail.com

Mob: 0348-3532371 / 0309-6045633

(1)

ڪافي مقصدن جي هوندي بہ زندگي ڪوڪلي ٿي پائڻين هيم...جنهن ۾ نہ ڪنهن منزل جي ڳولا! نہ ئي ڪنهن تڪميل جي خواهش...! بس ڪنهن پتڪي ويل مسافر جيان اڻ پسيل پيچرن، رڃ صحرائن، ۽ بيابانن منجهہ رلندو رهيو هيس..بنا ڪنهن رٿابندي جي ...! ۽ ٿڪل ٽٽل جسم ڪٽي اڳتي وڌندو رهيو هيس، سُڪل پنن جي چيٽاڙجڻ جو آواز ايندو رهيو هيو ! جيڪي منهنجي پيرن هيٺان لتاڙجي رهيا هيا، ڪيڏو نہ احساس ٿيو هيم، پنهنجي دربدر جيون، ۽ سُڪل پنن تي ....! جن کي چڙواڳ هوا نپل سمجهي پنهنجي گرفت ۾ الجهائي هِت هُت پتڪائي رهي هئي ! ڪنهن وقت هِن وڻ جي جسم سان لڳا ٿي تہ ڪنهن وقت هُن وڻ جي جسم سان لڳا ٿي ! تہ ڪنهن وقت وري هوا جي خنڪي ۾ جڪڙجي نير گگن هيٺان لاحد منزل طرف اڏامڻ پئي لڳا ها، بيوس سُڪل پنن جي دربدري ۽ پنهنجي پتڪندڙ جيون ۾ ڪو خاص فرق نظر نٿي آيو هو، ڇاڪاڻ تہ سُڪل پن جهنگل ۾ ايترن سارن وڻن هوندي بيوس بڻجي رولاڪيون ڪاٽي رهيا هيا ۽ آئون بہ ايترن سارن انسانن جي هوندي اڪيلائي جي ورچڙهي بيشُمار اذيتون پوڳي رهيو هيم ......! مسلسل اڳتي وڌندو رهيو هيس، پنهنجي پتڪيل جيون ۽ دربدر پنن تي ويچاريندو بہ رهيو هيس، لاشعوري طور ڪافي منزل طئي ڪرڻ بعد پٺيان ڪنهن جو آواز پڙاڏو بڻجي ٻڌڻ ۾ آيو هو، آواز ڪنهن حد تائين سڃاڻپ پريو ٿي لڳو، پر گهڻن ڪوشش باوجود بہ آواز سڃاڻي ڪين سگهيو هيس، ڪنڌ ورائي پٺتي نهاريو هيم....

ڪنڊ ورائي ڀنتي نهارڻ بعد اکين تي ويساهه نه رهيو هو ۽ حقيقت ڪي سپنو سمجهڻ لڳو هيس ..!چاڪاڻ ته پڙاڏو ڪندڙ شخص پنهنجو ماسات حفيظ ئي هيو...

اڙي ماسات تون ...؟وائڙائپ ۽ تجسس منجهان ماسات وراڻيو هيو... جي ها آئون...

ماسات پنهنجي اچڻ جي سڌ به نه ڏنئين؟ خبر هجيم ها ته توکي اسٽيشن تان وٺڻ اچان ها، ڀاڪرن ۾ ڀريندي ماسات چيو هو..

نه ان تڪلف جي ڪائي ضرورت محسوس نه ڪئي ! بيزاري منجهان ماسات جون پنهنجي وجود ۾ جڪڙيل ٻانهون هٽائيندي وراڻيو هيم بهتر آ . پر خير سان اچڻ ٿيو ...؟؟

جي ها! بس شهري رونقن ۾ من نٿي لڳو، روز روز ساڳيون وڏيون عمارتون، تيز رفتار هلندڙ گاڏين جو شور، سفيد چهرا، محبت کان خالي پهڻ جهڙيون سخت دليون، جن ۾ نفرتن کانسواءَ ڪجهه به ڪين آ، اهوجهه سانگيئڙن ڪي باطل لالچيون ڏئي سرمائيداري نظام جا ٽلڻ وارا ناٽڪ، ۽ فيڪٽرين جي آلودگي ڪي ڇهي ايندڙ گدليون هوائون جسم تي محسوس ڪري بور پئي ٿيس!انڪري ٻهراڙي جي خوبصورتي ڪي پسڻ لاءِ نڪري آيو آهيان.. ڪا خبر ئي نه پئي هئي بنا ڪنهن هبڪ جي حادثاتي طور سڀ ڪجهه ڇڏي ويٺو هيس ......

تمام بهترين ! ماسات سفر دوران ڪا تڪليف وغيره ته ڪون ٿي نه...؟

نه يار! شايد توکي ڪل نه آ، تڪليفون رول مسافرن جو ڪجهه به بگاڙي نٿيون سگهن، چاڪاڻ ته انهن جي مسافري ۾ دربدريون، ۽ انيڪ اذيتيون ڀريان کان ئي سمايل هونديون آهن... ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو هو ۽ نه

چاهيندي بہ من جا صدين پچاڻا موهن جي دڙي وانگر دپيل احساس ڪوڙي ماسات سان سلڻ لڳو هيس...
ڇا مطبل (مطلب) !وائڙائپ منجهان نيڻن ۾ تڪيندي ماسات وراڻيو هيو ڪجھ بہ نہ.....!
ڳالھ ٻڌ ماسات، اسان سان فلسفن واريون ڳالهڙيون نہ ڪندو ڪر، اسين اياڻا فلسفي منجهان ڇا ڄاڻيون؟ پاڻ سان سادي ٻولي ۾ ڳالهائيندو ڪر... ۽ ها تون ڪافي بدليل نظر ٿو اچين، آخر ڇو....؟
ماسات تبديلي تہ ارتقا جو اهم پايو آ جنهن بنا ارتقا پنهنجو حقي مقام ماڻي نٿي سگهي ! ۽ انسان ارتقا بنا اڌورو آهي، انڪري ارتقائي قانون ذريعي انسان ۾ انقلاب ايندو رهي ٿو، جنهن جو چاهيندي بہ ڪو فرد انڪار نٿو ڪري سگهي! شايد مون منجھ بہ انساني ارتقا جي تبديلي آئي هوندي ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪائي ڳالھ ڪونهي...
وري بہ مون ڀراڙي جي ڇٽ سان پرفيسر(پروفيسر)واري ڳالھ ڪيئي نہ ...ماسات ڪلندي وراڻيو هو
چاهيندي بہ ڪجھ ڪين ڪڇيو هيم ۽ خاموش رهيو هيس...!!
اچ تہ هلئون.....
ڪيڏانهن ؟وائڙائپ منجهان وراڻيو هيس
چريا سڀ حوال هتي ٿورئي ڪبا ! ڳوٺ ڏانهن بہ هلڻو آهي ني...!!
ماسات آئون هتي هيڪل ۽ تنها رهڻ ٿو چاهيان ! مونکي هتي ئي هيڪل ڇڏي ڏي...! ٽڏو ساھ کڻندي وراڻيو هيم...!!
هي ڇا ٿو چوين ؟مان توکي ويران جهنگ ۾ اڪيلو ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان اچ هاڻ هلئون ڳوٺ.... ماسات ضد ڪندي ٻانهن ۾ هٿ مضبوطي سان وڌا هيا..

ماسات جي اھڙي روش ۾ پنھنجاپ پسي پنھنجي ضد کي شڪست ڏني ھيم ۽ ھاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ماسات پٺيان خاموشي سان ھلڻ لڳو ھيس

پھريون ڀيرو زندگي ھوبھو ڪنھن راند جيان ڀاسجڻ لڳي ھئي، ان راند جيان جنھن جي آخري نتيجي جي خود رانديگر کي بہ خبر ناھي ھوندي، تہ اڳتي راند ۾ ڇا ٿيڻو آ يا ڇا ٿيندو؟

ڪافي واٽ ويندڙ فرد تجسس ڀري نگاھن سان مون منجھہ ڪجھہ جاچڻ لڳا ھيا اھڙو ڪجھہ شايد جنھن کان خود آئون بہ بيخبر ھيس !۽ سوچڻ لڳو ھيم آخر اھڙو ڪجھہ مون ۾ ڇاھي؟ جو ھر واٽھڙو مون ۾ جانچي رھيو آ ...

آئي او آئي ڪاٿي آن..؟ڏس تہ مونسان گڏ ڪير آيو آھي گھر پھچندي ئي ماسات حفيظ خوشي منجھان رڙيون ڪندي چوڻ لڳو ھو

اڙي ابا اجھو آيس خير تہ آھي نہ ؟ ڪمري اندران اسڌ عورت جو آواز ٻڌڻ وٽان ٿي مليو ھو. . .

جي جي آئي سڀ خير آ پر ڏس تہ سھي ڪير آيو آ!!

اڙي ابا تون ؟ حيرانگي مان نھاريندي ماسي وراڻي ھئي شايد منھنجي موجودگي تي اعتبار نٿي آيس ...پڪ ڪرڻ خاطر مونکي ڀاڪرين ڀُڄي وئي ھئي ۽ ڀاڀوھہ منجھان ڳل چمڻ لڳي ھئي.

جي ھا ماسي آئون..

ادي جي طبيعت ڪيئن آھي؟ گھرياتي سيئي خوش اٿئي ؟ماسي حال احوال پڇندي وراڻي ھئي..

سيئي گھرياتي خوش آھن، ڌيري آواز ۾ وراڻيو ھيم ۽ چپ چاپ پنھنجي جيون جو تماشو پسندو رھيو ھيس، ڇاڪاڻ جو سڀ ڪجھہ منھنجي مرضي جي برعڪس ئي ٿي رھيو ھو، جيڪو مون ڪڏھن تصور ۾ ئي نہ

سوچيو هيو، آئي توکي خبر آ ماسات مونکي ڪاٿي مليو ؟ حفيظ سنجيدگي سان وراڻيو هيو.

نہ ابا....

ڳوٺ جي اوپر واري جهنگ ۾! سو بہ اڪيلو اڪيلو، پهريان تہ آئون ڊڄي ويو هيس، پر دل پڌي هڪلون ڪيون جڏهن پٺ ورائي مونڏانهن ڏٺائين تہ اکين تي ويساهہ ئي نہ رهيو هو، اهو سمجهي رهيو هيس تہ آئون ڪو خواب ڏسي رهيو آهيان پر حقيقت ڪڏهن بہ خواب جو روپ ڌاري نٿي سگهي، ڏٺم تہ منهنجو جگري ماسات ئي هيو.!.حفيظ سرهائي منجهان وراڻيو هيو

گهور وجان مان! اهو بہ سٺو جو شڪار بهاني پنهنجي ماسات کي ڳولي لڌئي پُٽ......!! ڳوٺ جا جهوپڙيِ نمان ۾ ڪچين ڪوٺين جا منظر پسي پٽڪيل روح منجهہ عجيب راحت محسوس ڪرڻ لڳو هيس، ائين لڳي رهيو هو جڻ ڳوٺ جي ان سندر منظرن سان منهنجو جنمن جو تعلق هجي، وڏا وڏا کُليل آڳنڌ، ويڪرا اڳواڙا، بنا درن ۾ دروازن وارا گهرڙا..........

او امڙ صائما ڪاڏي وئين آن؟ هيڏانهن اچ ڏس تہ صحيح ڪير آيو آهي ۾ ها ڏي وڏي پيتي منجهان وهاڻو، ٽڪ واري نئين رلي بہ ڪنيو اچج ماسي پنهجي ڌي کي خوشي واري انداز ۾ وڏي واکي چيو هو

جي آئي اجهو آيس....!!

ماسات صائما رِلي ڪٽ جي پير اندي طرف وڇائيندي خوش پڙ ڪئي هئي ۽ حال احوال وٺندي امي ۾ ادي جو پڇيو هيائين...

امان جلدي چانهہ تيار ڪري وٺ ماسات لاءِ......!! وڏيڪ ڳالهہ کي ڊيگهہ ڏئي ماسي وراڻي هئي! ڊگهي مسافري ڪري آيو آ، شايد ٿڪجي پيو هوندو...!!

ڪا خبر ئي نہ پئي ڳالهين ڳالهين ۾ چانھ جو پيالو اڳيان حاضر ٿي ويو هو، آئي امان ماسات لاءِ تختي مان ڪو نئون منگ لاهين ها نہ، هي پيالو تہ اسان ڳوٺ وارن جو ڏاج آ...!!

نہ نہ ماسي ان جي ڪائي ضرورت نہ آ ! بس پاڻ ڪي رڳو چانھ ئي تہ پيئڻي آ منگ هجي يا پيالو...ماسي زينت سان مخاطب ٿيندي وراڻيو هيس...

سج سڪرات ورتل ماڻهو جيان آخري پساهن ۾ هيو، روشني ڏنڌلي ٿيڻ لڳي هيس، اوندھ ڪي پنهنجو راڄ ڳوٺ مٿان قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي ڏٺو هيم، ڀر اڙي جو سندرتا ڀريو ماحول پتڪيل منهنجي وجود ڪي جيئڻ جو نئون اتساھ بخشي رهيو هو، ماسي وارن طرفان بي انتها محبت ملڻ ڪري جيون جا ڪوماڻيل احساس هڪ دفعو ٻيهر ٽڙڻ لڳا هيا، نااميد ٿيل جذبا ۽ احساس ڪمتري جي گرفت ۾ آيل بليڪ ان وائيٽ جيون جون خواهشون رنگين پاسجڻ لڳيون هيون...!!

منافقت، نراسائي جي ڏوڙ ۾ گدلو ٿيل منهنجو منڙو تاج محل جيان جرڪڻ لڳو هو.! ۽ وقت جي ڪا خبر ئي نہ پئي رات گذري وئي صبح ساڻ سج جا ڳاڙهسرا ڪرڻا اکين اڳيان تجلا ڏيڻ لڳا هيا...تکين سج جي ڪرڻن وارن تيز عڪسن سبب ڪٽ تي اٽي ويهي رهيو هيس ۽ اکيون مهٽڻ لڳو هيس ڇا تہ نظارو هيو چوطرف ڳوٺائي ماحول منجھ ٽڏڙي هير جو ڪنهن وينگس ناچڻي جيان رقص ڪرڻ جو ڍنگ! نير گگن هيٺان پکيئڙن جا پنهنجا ٽاڪ چڙي روزي جي تلاش ۾ اڏامڻ وارا انتهائي دلڪش منظر، ڪُڪڙن جي ڪُليل سحن تي چونءَ چونءَ واري مٺي موسيقي جيڪا شيخ اياز جي شاعري ۽ صادق فقير جي شيرين آواز جيان بي چين منهنجي من منجھ اتساھ بخشي جياپي جو نئون گس ڏيکاري حوصلو ڏئي رهي هئي!..

ساجهر ويل پاڻي جو لوٽو اڳيان رکندي..! ماسي منهن ڌوئڻ جي هدايت ڪئي هئي..
منهن ڌوئي اجان ڪٽ پيڙهو مس ٿيو هيس ته ماسات صائما چانهه جو پيالو پيش ڪندي بسڪوٽن جي پليٽ سامهو رکي هئي...!! بسڪوٽن سان گڏ چانهه جون چسڪيون ڀرڻ لڳو هيس...
ابا تون گهر وارن کي ٻڌائي ناهين نڪتو ڇا؟ ماسي زينت ٿانءُ ڌوئيندي وراڻي هئي
حيران رهجي سوچڻ لڳو هيم ته ماسي کي ڪنهن ٻڌايو...ته آئون گهران موڪلائي ناهيان نڪتو.اجان سوچڻ ۾ ئي محو هيس ته ماسي ٻيهر پنهنجو جملو ورجائيندي وراڻي هئي ابا تون گهر وارن کي ٻڌائي گهران ناهين نڪتو ڇا ؟
ڇا مطلب ماسي....موضوع کي ندامت منجهان ٽارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندي وراڻيو هيم
مطبل(مطلب)اهو ته رات تنهنجي موبيل(موبائيل)جي گهنٽي وڳي پئي! پر تون گهري ننڊ ۾ ستو پيو هئين... بار بار رنگ وڄڻ ڪري مون واري ٻچي حفيظ ٻه نه ڪئي هم نه تم بٽڻ تي زور ڏئي ڪن تي رکي الايائين (ڳالهايائين)ته پريان ادي پئي الايوءِ اهو سڀ ادي ٻڌايو...
ڪجهه ڪين ڪڇيو هيس .ءِ ڪنهن هارايل جواري جيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هيم... ڇاڪاڻ جو جواري داءُ تي لڳايل پنهنجي موڙي هارائي ويهندو آهي پر آئون پنهنجي مهڪندڙ جيون جا سندر پل هارائي ويٺو هيس..
ماسي ڳالهه کي ڊيگهه ڏيندي وڌيڪ وراڻي هئي ته ابا ڪافي ڏينهن بعد ادي وارن سان الائيندي بي چين من کي شانتي ملي ءِ ها موڪلائڻ مهل

ادي تنهنجون وڏيون وڏيون پارتون ڪندي چيو هو تہ منهنجي ٻچڙِي جو خيال رکجانءِ..

ماسي جي ڳالهين کي لاشعوري منجهان ٻڌندي ماسات حفيظ کي جانچڻ لڳو هيس، پر ماسات حفيظ گهر جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ڪٿي نظر نٿي آيو هو، مجبورن ماسي سان مخاطب ٿيندي پڇيو هيم تہ ماسي ماسات ڪاٿي آ؟

ابا ٻني تي ويو آهي....

اڇا ماسي..

جي ها پٽ!....

ماسي مون وارا شوز نظر نٿا اچن ڪاڏي ويا..؟ بيچيني واري ڪيفيت ۾ وراڻيو هيم

ڇا ابا، شايد منهنجو جملو نہ سمجهندي ماسي حيرت منجهان وراڻي هئي منهنجا شوز ڪاٿي آهن، اگهاڙي پيرن ڏانهن نهاريندي وراڻيو هيس، شايد ماسي منهنجي اشاري مان سمجهي وئي هئي ۽ وراڻي هئي اڙي ابا تہ ائين چئو نہ منهنجو بوٽ ڪٿي آ! باقي سوزن(شوز)جي اسانکي ڪهڙي خبر ۽ اسين ڇا ڄاڻون سوزن جهڙن لبظن (لفظن) مان.....!! ماسي جي واتان اهڙو جملو ٻڌي چاهيندي بہ کل روڪي ڪين سگهيو هيم، ۽ سوچڻ تي مجبور ٿيو هيس تہ دنيا چنڊ کي ڇهي وڃي مريخ پهتي آهي، پر ٻهراڙي جا ابوجهہ سانگيئڙا اجان بہ ڏاڏي آدم جي دور واري ٻولي ۾ ڪنهن ول ويڙهي جيان الجهيل آهن، شايد تعليم ۽ سٺي تربيت جي اڻهوندائي ڪري...

ابا ڇا پيو سوچين... گهڙا منجي مٿان ڌوتل ٿانءُ رکندي ماسي وراڻي هئي.. بس ماسي آس پاس جي ماحول تي پيو سوچيان...

ڏي صائما ماني تيار ٿي وئي ؟ رڌڻي اندر ماني پچائيندڙ ماسات صائما کان ماسي پڇيو هو. . .
ها آئي ماني تيار آهي، ماسات صائما ماسي کي تيز آواز ۾ ورندي ڏيندي چيو هيو ..
ابا هل تہ هلئو ٻني تي....
ائين لڳو هيم ڄڻ ماسي منهنجي من جي ڳالهہ چورائي بيان ڪئي هجي ! ۽ خوشي واري گاڏڙ لهجي سان يڪدم هاڪار ڪئي هيم...
ڳوٺ جي ورڪڙ ڪائيندڙ پيچرن کي لتاڙيندي ساوڪ واري لباس ۾ اوڍيل سُندر ٻنين جا عڪس پسندو رهيو هيس.سج جي ڳاڙهي روشني جي تجلن تي شبنم جو اوگهڙ پريو بدن پسڻ وٽان ٿي ملندو رهيو هو جيڪا رنڊي جيان ڏرتي جي ساوڪي سيج مٿان ننگي سُتل ٿي نظر آئي هئي !ڇا تہ ڀراڙي جي ٻنين جي خوبصورت منظر ڪشي هئي !اردگرد ڏنارن جا ڪوڪڙات، پکين جون منڙيون ٻوليون، ٿڌڙي هير جو گهلڻ ۽ سج جي روشني......!!
واٽ ويندي ڳوٺائي عورتن کي ميرانجهڙن ڪپڙن ۾ ايندي ويندي پسندو رهيو هيس، شايد جيڪي گاهہ پٽي ۽ ٻني ٻاري جي ڪم ڪار لاءَ گهرن کان ٻاهر ٿي نڪتيون هيون، پر هڪ ڳالهہ عجيب لڳي رهي هئي، جنهن کي چاهيندي بہ سمجهي ڪين ٿي سگهيو هيس! آخر ڇاڪاڻ ڳوٺ جون عورتون مونکان ايترو اولو پيون ڪن !مونتي نظر پوندي ئي مک تي ڪپڙو اوڍي پنهجو دڳ پيون مٽن...!!اهڙو ڇا آ مون منجهہ......!!
پُٽ خيال سان، وڏي ڇلانگ هڻي ماسي اڏ پار ڪندي وراڻي هئي
آئون بہ وڏي ڇلانگ سان اڏ پار ڪندي وراڻيو هيس ماسي خيال ئي تہ آهي..

هڪ دفعو ٻيهر ٻهراڙي واري نظارن جي سندرتا کي پسڻ لڳو هيس..
سڏ پنڌ تي ماسات حفيظ جو آواز پرلاءُ ٻڌجي ٻڌڻ ۾ ٿي آيو هو جيڪو ڪاٺيا ٿي سان پنهنجي پڪل پوڪ تي جهار هڪلي رهيو هو.
اڙي حالت ڏني اٿئي پيرن جي...ويجهو پهچندي ئي غور غور سان مونکي ڏسندي حفيظ وراڻيو هو
ڇا ٿيو آهي منهنجي پيرن کي..! هيٺ پيرن ڏانهن تڪيندي تعجب وچان وراڻيو هيس
آئي تون بہ چري آن، ماسات کي مون وارو جوتو ڏين ها جيڪو موچي کان هٿرادو تيار ڪرايو هو، پنهنجو نئون بوٽ سڄو ماڪ ۾ وڃائي ڇڏيو اٿس.... ماسات حفيظ ماسي زينت کي عقلمنداڻي انداز ۾ پريشان ٿيندي وراڻيو هو..
ماسات ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي، ڇا ٿيو آهي منهنجي بوٽ کي. پيرن جي حفاظت ڪاڻ ئي تہ بوٽ استعمال ڪبا آهن.! دلجاءِ طور حفيظ سان مخاطب ٿيندي وراڻيو هيس.
نہ ماسات شهري رستن ۾ ڳوناڻن پيچرن تي هلڻ لاء جوتا بہ الڳ نمونن جا هوندا آهن جيڪي ماحول سان مشابهت رکندا آهن جيئن اسان ۾ ۽ سائين وڏي ۾ ڪيترو فرق آهي. ماسات حفيظ ڳالهين ڳالهين ۾ وڏي ڏاهپ واري جملي کي اوڳاڇي ورتو هيو. پر اسان ۾ ۽ سائين وڏي منجھ فرق وارو جملو تجسس پيريو لڳو هيم ڇاڪاڻ تہ سائين وڏو وارو لفظ منهنجي سمجھ ۾ پرک کان ايترو دور هيو جيئن ڇڪور لاء چنڊ.
ابا هاڻ اچو ماني گرھ کائو..! رومال جون ڳنڍيون کوليندي ماسي وراڻي هئي..
آئي تون هل مال جو گاھ لُڻ اسين ماني کائون ٿا.....!!

ماسي ڏانئو ۾ گاھ واري ميرڙي چادر ڪٽي گاھ ڪٽڻ لاء رواني ٿي وئي هئي!!!..

ماني ڪائي بس ڪئيسين تہ حفيظ وراڻيو ھو ماسات هيڏانهن اچ ...

ٿورو اڳيان واري اڏ منجهان ڪاٺي جا ٻہ ٽي ڪانا ڪڍندس! تون ويهي ڪچهري ڪجانءِ!

ماسات گوڏ جا ور مضبوط ڪندي، واٽر ۾ گهڙيو ڏانئي سان ڏيپ، گاھ لٽي.ڪوڏر وسيلي واٽر جي تري ۾ پيل لٽ کي لپا هٽندي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ لڳو هو..آئون ماسات جي هنرمندي ڏسڻ لڳو هيس.

ماسات اهو بہ وقت هيو جو اوهان بہ ڪڏهن هن ڳوٺ جو حصو هيو سهڪي جي صورت ۾ ٿلهي آواز سان وراڻيو هو.

جي بلڪل ماسات ننڍپڻ منجھ ڪڏهن ڪڏهن امڙ ويهي ڳوٺ جون ساروڻيون ٻڌائيندي هئي! پر جڏهن کان جوان ٿياسين تہ گهر ۾ امڙ کي ٽائيم ڏيڻ گهٽ ڪري ڇڏيوسين...پر مونکي اج بہ چڱي طرح ياد آ امڙ ڳوٺ سان سلهاڙيل يادون ٻڌائيندي ٿڌن شوڪارن مٿان ٿڌا شوڪارا ڀريندي هئي، ڏندن جي گهاٽي منجھ چيچ جي ننهن کي نوريئڙي جيان ٽڪيندي وراڻيو هيس

بلڪل..! ڪو بہ انسان پنهنجو ننڍپڻ چاهيندي بہ وساري نٿو سگهي! ماسات حفيظ ڪوڏر مان هٿ ڪڍي وراڻيو هو...

ماسات هڪ ڳالھ پڇانءِ؟

ڪهڙي ..،.؟

حفيظ منهنجي سواليہ جملي کي اڌ مان ڪٽيندي وراڻيو هو ڳوٺ جو هر ماڻهون عجيب نگاهن سان مون طرف گهوري ڇو ٿو؟ ۽ عورتون

مونکي سامهون ڏسي پنهنجي منهن کي رئي جي پلئي سان پاڻ لڪائن چيو ٿيون ! آخر ههڙو ڇا آ مون منجهه؟
ماسات آئون هڪ ڳالهه ڪريان..؟ حفيظ منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بدران پنهنجي اندر سانديل ڳالهه جو شايد اظهار ڪندي وراڻيو هو. . .
جي جي ڪر ...!!
سچ ۾ تون اسان ڳوٺ وارن ڪان مختلف پيو ڏسجين، صفا فلمي اداڪارن وانگي..! پيرن ۾ اسٽائلي بوٽ، پئنٽشيٽ (پئنٽ شرٽ) ڏاڙهي مُڇ غائب... ڇڻ ڪو اگريز(انگريز) هجين، پنهنجو ڳوٺائي سنڌي ئي لڳين ئي ڪونہ پيو...۽ خبر ٿئي صبح سان ڪاڪي ولو وارو ڇورو مليو، تنهنجي باري ۾ پڇا ڪيائين، جڏهن ٻڌايومانس تہ تنهنجي باري ۾ ڇا چيائين....؟
ڇا چيائين ؟
هاهاهاهاهاهاهاها....
ڇا ٿيو ماسات ...؟ ڪلين چو ٿو..امالڪ ماسات جو ڪلڻ وارو انداز مونکي تجسس ۾ وجهي ڇڏيو هيو! ۽ آئون سوچڻ تي مجبور ٿي پيو هيس تہ آخر ماسات ڪلي ڇو ٿو...!
ڪجهہ بہ نہ...! پيو ٻڌا ماسات سنگت ساٿ تيار ٿئي؟ موضوع جو رخ ڦيرائيندي ماسات حفيظ وراڻيو هو...
سنگت ساٿ سڀ خوش تيار آ! پر مونکي اهو ٻڌا تہ ڳوٺائي منهنجي باري ۾ ڇا چيو هيو...۽ ڏند ٿيڙي تنهنجي ٽهڪڙن جو مقصد ڇا هيو؟
بس ڇڏ ان ڳالهہ کي اجايو ڏک ڪري ويهندي مهمان آهين نہ ماسات..
ماسات بہ چوين پيو ۽ ڏک جي بہ ڳالهہ ڪرين پيو ...؟آئون ڪاوڙ ۾ پنهنجاپ واري گاڏڙ ڪيفيت ڏيکاريندي وراڻيو هيس..

مطلب نہ مڙندي! پڻ ڪاڪي ولو وارو ڇورو ڇوي پيو تہ اھو ڪالھ توسان گڏ ڪدڙو ڪير ھيو؟ نہ مُڇ نہ ڏاڙھي صفا ڪلين شپ(ڪلين شيو)...پر تون دل ۾ نہ ڪجانءَ مونسان ڪڏھن ڪڏھن اھو ڳوٺائي پوڳڙو بہ ڪندو رھندو آھي، شايد متان ھُج ۾ چوندو ھجي...

ماسات حفيظ جي زباني ڳوٺائي ماڻھو جي سوچ ڪي پڌي، افسوس ٿيو ھو ۽ سوچن جي مھا ساگر منجھہ غوطا ڪائيندي سوچڻ لڳو ھيس، ڇا مردانگي رڳو شھپرن سان وابستگا آھي؟ شھپرن بنا مرد مرد نہ پر ڪدڙو آھي ؟آخر اھڙو ڇا پيل آھي شھپرن جي چند وارن ۾ جنھن سان انسان مرد ٿو سڏجي ؟شايد اھڙي سوچ رکندڙ ماڻھن جو بہ قصور ڪونھي ڇاڪاڻ جو اھڙا فرد علم ڪان وانجھيل ئي ھوندا آھن.....!!

ڇا ٿيو ماسات ؟ خيالن جو تسلسل درھم برھم ڪندي حفيظ وراڻيو ھو ڳوٺ وارن جي عجيب تخيل تي سوچيان پيو تہ مردانگي شھپرن منجھان ڪيئن پئي ظاھر ٿئي ؟

ماسات دل ۾ نہ ڪجانءَ ! مرد ماڻھو ڪي ٿورڙيون مڇيون ھئڻ ضروري آھن ڇاڪاڻ تہ مرد جي سڃاڻپ مڇن سان ئي ٿيندي آھي...؟

اڙي چريا ٿورڙيون ڇو ؟ اصل ڇڪي رکجي ھونئن بہ ڏنو وڃي تہ چانھہ منجھان مکيون ڪيڻ واري ستي مشين شھپرن جي تہ آھي، لطيفو ٻڌائيندي حفيظ سان ٻوڳن ۾ وراڻيو ھيس...۽ کُليل فضا ۾ پنھنجا ٽھڪ وکرجي ويا ھيا! ڀراڙي جي ماحول ۾ وقت گذرڻ جو احساس نئي ٿيو ھو سيڪنڊ منٽن پٺيان ۽ منٽ ڪلاڪن پٺيان ڪنھن جنگي سپاھين وانگر ڊوڙندا رھيا ھيا

ماسات اڄ تہ گاھہ ڪٽي ھلئون گھر.....!!

ماسات کي گاھہ ڪٽائي !ھن جي قدمن پٺيان ڳوٺ طرف روانو ٿيو ھيس..

ﭘنين ۾ لهندڙ سج جو نظارو ڪنوار جي ڳاڙهي وڳي واري چولي تي لڳل پرٽ جيان خوبصورت لڳي رهيو هو آسمان هيٺان پکيئڙا خوشي خوشي پنهنجي ٺاڪن ڏانهن ورندي نظر ٿي آيا هئا...کليل فضا ۾ ڪنوارين جا ٺهڪ سهيڙجي منهنجي ڪنن سان ٽڪرائجڻ لڳا هيا، جيڪي ڪجهہ دوري تي ڪوهہ ڪناري پاڻ سان ڪل پوڳ جي راند رچايون ويٺيون هيون ۽ چوپائي مال کي ڳوٺ طرف وڏي اُڪير سان ڏنارن ڪان اڳيرو ويندي پسيو هيم، جنهن جي ڳچي ۾ ٽليون، پورڙا، چڙيون، چڙا، ڇيڙ ۽ ڇيڙن ۾ پيل گنگهرين جا آواز من ۾ وڻندڙ موسيقي جهڙو ڪردار ادا ڪندي محسوس ٿيا هيا.....!!

ماسات گاهہ جي پري پَٽ تي اڇلائيندي ماسي زينت کي سڏ ٿي ڪيو هو!

ماسي زينت لوٽو پاڻي جو حفيظ طرف وڌائيندي وراڻي هئي!ابا ڏسين آئين ڀراڙي جون ﭘنيون، توکي وڻيون تہ نہ هونديون ؟

نہ ماسي زبردست لڳو ڀراڙي جو ماحول.....!!

ابا ڪوڙ نہ هڻ ...!ڀراڙي کان سو ڀيرا ڀتر شهر آهي ۽ شهري ماڻهو کي ڀراڙي ڪٿ ٿي مزو ڏي.....!!

ماسي شهر کان ڀتر ڀراڙي آهي! ڇاڪاڻ تہ شهر منجهہ منصوعي سونهن ري ڪجهہ بہ ڪين آ، پر ان جي برعڪس ڀراڙي قدرتي سندرتا سان سرشار آهي! جنهن جي سندرتا کي پسڻ سان روح کي عجب قسم جي راحت ملي ٿي، خزان جهڙي مک تي بهار جا تاثر ڇائنجي وڃن ٿا، صدين جا اوجاڳيل نيڻ آرام محسوس ڪن ٿا ۽ وجود جي ڍانچي ۾ قيدي بڻيل روح آزاد فضائن کي ڇهي مهڪي ٿو پوي.....!!

ابا اسانجي نظر ۾ ڀرواڙي ڪان هزار ڀيرا بهتر شهر آهي! ڀرواڙي ۾ ڏکي ويل نہ ڪنهن سٺي اسپتال جو بندوبست آ، نہ وري مينهوڳي وقت روڊ آهن نہ رستا.....!!

اهو قول سچ ڀاسجڻ لڳو هو تہ انسان ڪنهن بہ حال ۾ مطمئن ناهي، جي اگر مطمئن هجي ها تہ اڄ ناشڪري جهڙا لقب مليل نہ هجنس ها، پر ڏاهپ ڀري تخيل سان پسيو وڃي تہ هن دنيا ۾ جيڪا بہ تبديلي انسان آندي آهي ان جي وجهہ حرس ۽ نفس جي غلامي آهي ڇاڪاڻ تہ انسان فطرتن طور حرس ۽ نفس جي پورائي ڪاڻ غلامي جهڙي وبا ۾ جڪڙيل رهيو آ، جنهن جي ڪري اڄ بن ماس واري شڪل ڪان تبديل ٿيندو هيستائين پهتو آ.....!!

امان صائما ڀاڻس جا ڪپڙا ڪڍي وٺ.....!!

ماسات حفيظ انگوچو ڪڍي نلڪي طرف وهنجڻ لاءِ نڪري ويو هو..

ماسي وارن طرفان بي انتها پيار ملڻ ڪري جياپي جا ڏنڌلا عڪس چٽا ٿيندي ڀانيان هيم!! ۽ ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو چڻ نئون جنم وٺي ڪنهن قدردان ماحول منجهہ اک کولي هجيم، جنهن ۾ رڳو انسانيت سان ڀاپوهہ ڀريا زبانن تي سجايل لهجا، اُڪير چاهت، محبت ڀريا ڪردار، هر طرف اوپرائپ هوندي بہ پنهنجي ڪاڻ خلوص ڀريون نگاهون، جيڪي منهنجي گهايل وجود لاءِ ڪنهن تيمارداري ڪان گهٽ ڪين هيون......

ماسي زينت سوهڻي جي ماني اڳيان رکندي وراڻي هئي ابا ڪير بہ ڏيان؟ في الحال صبر ڪر آئي؟ منهنجي طرفان حفيظ ورندي ڏيندي وراڻيو هو! ۽ مونسان مخاطب ٿيندي چيو هيائين تہ ماسات تنهنجي پڙهائي جو ڇا ٿيو؟؟ يونيويسٽي (يونيورسٽي) پاس ڪيئي يا نہ؟؟

ماسات حفيظ جو پڇيل سوال ٿيڪم جيان منهنجي اندر حسرتن جي مضبوط روڊ کي اڊيڙڻ جو ڪردار ادا ڪندي نظر آيو هو.. جن کي ڀڏندي

ئي نڙي منجهه گرهه اٽڪي پيو هيم ۽ هڏڪي پنهنجي قيد خاني ۾ الجهائي ورتو هيو. . .
ڇا ٿيو ماسات. . . پاڻي سان ڀريل گلاس مون طرف وڌائيندي حفيظ وراڻيو هو
شايد ماني جو وڏو گرهه لڳي ويو .جيڪو نڙي جي سوڙهي گلي پار ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو . . . يڪساهي پاڻي جو گلاس پيئندي وراڻيو هيس. . .
ماسات حفيظ هڪ دفعو ٻيهر پنهنجا الفاظ ورجايا ۽ پڙهائي بابت پڇڻ لڳو هو. . .بار بار تعليم جي پڇاڻي بعد ڏڪارو لهجو خوشگوار موڊ جي گگن مٿان ڪارونجهر ڪان آيل ڪڪرن جيان ڇانئجي ويو هو. . .جنهن ڪي زبان سان برسائيندي دڪدائڪ لهجي منجهه وراڻيو هيس بس ماسات تعليم اڌوري ڇڏي ڏنم. . . . . .
آخر ڇو ماسات. . . حفيظ ڪنهن مزدور جو ڪردار ادا ڪندي من جي ڊٺل حسرتن واري عمارت ڪي مسلسل ڪوٽڻ لڳو هو. . .
بس ماسات ڇڏ ان ڳالهه ڪي ٻيو ٻڌا؟
نه نه! ڀريان اهو ٻڌا ته پڙهائي آخر ڇو اڌ ۾ ڇڏي ڏني تو؟ حفيظ ضد ڪندي وراڻيو هو
ڪي ڪي ڳجهار تون مها سگهڙن ڪان به ناهن سرجنديون، انڪري ان ڳالهه ڪي سرجڻ ڇڏي ڏي. . . . . .!! ۽ ڊگهي سناٽي ۾ پنهنجو پاڻ وجائي ڇڏيو هيم
ڪجهه گهڙين بعد حفيظ ڏڪاري لهجي ۾ افسوس ڪندي وراڻيو هو ته ماسي جي خوابن جو ڇا ٿيندو؟
ڇا مطلب ماسات. . . . . .

مطبل اهو تہ ماسي ڳوٺ منجهان انڪري لڏو ڪٽي وئي هئي تہ منهنجي اولاد سٺي ۽ ڪارائتي تعليم حاصل ڪري ڪنهن منزلِ تي پهچي پر...
پهريون ڀيرو حفيظ جا لفظ ٻڌڻ بعد ممتا جو احساس ڪنهن وڻ ويڙهي جيان مونکي پنهنجي وڪڙ ۾ ڦاسائي ورتو هيو.جنهن بعد پڇتاءُ جون ريڪائون گهڻج جي روپ ۾ نرڙ تي اڀري آيون هيون، ماضي طرف نهاريندي سوچڻ لڳو هيس تہ احساس ڪنهن ٽاهڙ پکي جيان ڀڙڪو ڪائي جذبن جي رڃ ۾ ڀٽڪڻ لڳا هيا، ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ ٿي آيو هيم آخر هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي، سڀ ڪجھ منهنجي سوچ جي برعڪس....
زندگي ڪنهن رانديڪي جيان لڳي رهي هئي جنهن جو ريموٽ شايد ڪنهن ناسمجھ ٻالڪ جي هٿ ۾ هجي....
بس چڏ ماسات ان ڳالهين کي ڀيو ٻڌا...... سگريٽ دکائي هلندڙ موضوع جو رخ ٻي پاسي موڙيندي وراڻيو هيس سگريٽ جو دونهون لڪڙن واري ڇت سان ٽڪرائجي پنهنجو وجود وڃائي رهيو هو...
بس ماسات شڪر آهي رب جو ! ڀيا جيئون جهوپڙين ۾...
الائجي ڇاڪاڻ ماسات حفيظ جي چيل الفاظن منجهان احساس ڪمتري جو هڳاءُ محسوس ٿيو هو! آٽت ڏيندي وراڻيو هيس اڙي حسين آهي اوهان جي جهوپڙي نماءَ هي زندگي......
بلڪل ماسات پاڻ ساده ماڻهو آهيون، پاڻ کي هر وقت ٻني ٻاري ۽ مال متاع جو فڪر رهندو آهي باقي پنهنجو دنيا سان ڪو بہ تعلق نہ آ...!
سگريٽ جو دونهون ناسن مان ٽرين نماءَ انجڻ جي ڪاري دونهي جيان ڪيڏندي وراڻيو هيم ماسات اوهين ۽ اسان هن دنيا جو حصو آهيون ۽ دنيا سان لاتعلقي جو اظهار پنهنجو پاڻ سان دوکو ڪرڻ برابر آهي،
ڀيڻ صائما چانھ تيار ڪر... حفيظ اوٻاسي ڏيندي وراڻيو هو

آئون ٻانهن جي ڪرائي ۾ پاتل گهڙي منجهہ نظرون ڦيرائي ٽائيم ڏٺو هيم تہ رات جا ساڍه ڏهہ وڳي رهيا هيا، اماس جي چادر سان ڍڪيل جهوپڙيون...! جهوپڙين ۾ جيتامڙن جو آواز، ڏيڏرن جي ٽان ٽان جڻ مڌر موسيقي جهڙا ساز هجن، چنڊ جون ڪرڻن سان لڪ ڇپ واريون چلولايون. ڳوٺ جي ڪُتن جا رکي رکي ڀونڪ جا ڀوائتا آواز، ڏورانهين جهنگ مان ايندڙ گدڙن جون اونايون ۽ رات جي گهڙي ۾ هير جو گهلڻ، جنهن جي ڇهاءُ سان جسم تازگي ڀري لذت ٿي محسوس ڪئي... عجب سرور... حفيظ ۽ منهنجي ڪچهري...

ماسات سياڻي توکي وڏي ڳوٺ گهمائڻ وٺي هلندس، خاموشي جو نقاب مک تان لاهيندي حفيظ وراڻيو هو... آئون سگريٽ جو ٽوٽو آڱرين جي گرفت مان آزاد ڪندي جهيڻي آواز ۾ وراڻيو هيس ٺيڪ آ...!!

ماسات صائما چانهہ جا منگ اڳيان رکندي پر منجهان ويهي رهي هئي جنهن کي پر ۾ ويهندي پسي وراڻيو هيس ماسات ڇو توکي بہ ننڊ نٿي اچي ڇا ؟

ماسات صائما جو مسڪرائيندڙ چهرو جهوپڙي اندر ٻرندڙ ڏيئي جي ڳاڙهسري روشني ۾ ڳاڙهسرو ۽ ڏنڌلو پسڻ وٽان ملي رهيو هو! چانهہ جو منگ چپڙن تي رکندي هڪ وڏي چسڪي ڀريندي وراڻي هئي نہ ماسات مان دير سان سمهندي آهيان .....

پر ماسات مان تہ شهري ماڻهن جي واتان اڪثر اهو ٻڌندو هيس تہ ڳوٺاڻي ماحول سان وابستگي رکندڙ ماڻهو اڪثر سوير سمهندا آهن ۽ عصر ويل اٿندا آهن!! بنسبت اسان شهرين جي...

ماسات توکي خبر آهي ڇا ؟ حفيظ اوٻاسي جو تسلسل مک تي جاري رکندي وراڻيو هو

ڇا؟
ڪنهن دور ۾ ڳوٺاڻا ماڻهو رات جي وچڙي ۾ وڏا بنڊ ٻاري ڏور. بيت، ڳجهارتون، قصا ۽ آکاڻيون ڪٽي ٻڌائيندا هيا جن جو سلسلو سج نڪرڻ تائين جاري رهندو هيو، پر اڄڪلهه اها رسم به سائنس جي ترقي سبب ڏنڌلي بڻجي پنهنجو وجود وڃائي چڪي آ!!
ماسات حفيظ جي چيل شبدن ۾ فلاسافي جا ڪرڻا اندلئي جيان چلولايون ڪندي نظر آيا هيا جن جي چلولاين منجهه اردگرد واري ماحول جا ڏنڌلا عڪس روشن ٿيندي پايان هيم... ۽ تخيل جي سمونڊ ۾ غوطا ڪائي ويچاريو هيم ته بيشڪ حفيظ صحيح وراڻيو آ سائنسي ترقي جي ڪري سنڌو ماتري جي مچ ڪچهري واري پراڻي تهذيب نابود بڻجي چڪي آ ڇاڪاڻ ته ارتقا ماضي جي ريتن رسمن کي پنهنجي پيرن ۾ ڪوَل جيان چيٿاڙي اڳتي وڌندي آهي شايد تڏهن ته انقلابي مرحلو طئي ڪرڻ ۾ ڪامياب بڻجندي آ...
ماسات تنهنجو هي لباس ڳوٺاڻن کي نٿو وڻي ؟؟ صائما خيالي ڪشتي مان هيٺ لاهيندي اوچتو وراڻي هئي ...
بلڪل ادي مان به اهوئي پئي چوڻ وارو هيس! حفيظ به سُر ملائيندي وراڻيو هو
ڇو ماسات آخر ڇاهي هن لباس ۾ جو نٿو وڻي ڳوٺاڻن کي؟؟
ماسات هن لباس ۾ انسان ڄڻ ننگو آهي ...
ڇا مطلب؟؟ تجسس منجهان تخيل جي گهرائي ۾ ٻڏندي وراڻيو هيس.
ماسات مونکان پنهنجي ساهيڙي تنهنجي باري ۾ پڇيو هيو ۽ چيو هيائين ته هي شهري بابو ڏاڍو سهڻو آهي پر ويندي ويندي ڇا ڇئي وئي هئي ؟؟

مونکي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هيو ته ماسات صائما جي چوڻ جو مقصد ڇاهي؟ ۽ هو ڇا پئي چوڻ چاهي؟ بس حيرانگي وارو لهجو برقرار رکندي وراڻيو هيس

ڇا چئي وئي هئي؟؟

اهو ته شهري بابو کي نصيحت ڪجاءِ! ڪي ڪي لباس ماحول مطابق ئي سونهبا ۽ سٺا لڳندا آهن، تڏهن ته ڪنهن ڏاهي جو قول آ جهڙو ديس تهڙو ويس! انڪري اگر هي ڳوناڻي ماحول ۾ رهڻ ٿو چاهي ته هتان جا رنگ روپ اپنائي...!

مان ڪجهه ڪين سمجهيس...! تنهنجي چوڻ جو مقصد ڇاهي ماسات؟ هڪ دفعو ٻيهر ناسمجهي جو اظهار ڪندي وراڻيو هيس

ماسات صائما شايد بيزاري منجهان ڪاوڙ ڀري لهجي ۾ وراڻي هئي ته هن لباس ۾ تون اگهاڙو نظر ايندو آهين ۽ ڳوناڻن کي هر شيءَ تنهنجي ظاهر پسڻ وٽان ملندي آهي، جنهن جي ڪري ڳوناڻيون عورتيون توکان لڄ ٿيون ڪن.....!

ماسات صائما جا غصي منجهان نڪتل لفظ منهنجي الجهڻ دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا هيا آءُ مسلسل ان سوچ ۾ الجهيل هيس ته ڳوناڻيون عورتون مونکي پسندي پنهنجو پاڻ لڪائين چو ٿيون...!! آخر اهڙو ڇا هيو مون منجهه!! پر ماسات صائما منهنجي سيني سوالن جا جواب غصي جي صورت ۾ ڏئي ڇڏيا ها...!! جنهن بعد مسڪرائيندڙ چهري مٿان ندامت جا اولڙا روشن ٿيندي محسوس ڪيا هيم! ۽ خيالي ساگر جي پاتال منجهه ڪنهن وزني پهڻ جيان هيٺ لهندو ٿي ويو هيس! انيڪ تصور شهر ۽ ٻهراڙي جي ڌنڌلن عڪسن جو اپياس ڪندا رهيا هيا، ٻهراڙي ۽ شهري زندگي ۾ نپ، زمين جيڏو فرق پرکڻ وٽان مليو هيو......!!

پهريون ڀيرو پنهنجي قومي لباس سلوار ۾ قميص تي فخر محسوس ٿيڻ لڳو هيم جنهن جو ڪريڊيٽ ماسات صائما ڪٽڻ ۾ ڪامياب وئي هئي ! سچ پاسجڻ لڳو هيو تہ پنهنجو قومي لباس نہ رڳو قوم جي سڃاڻپ پر اخلاق جي بہ ترجماني ڪندو آهي ۾ ڪنهن ڌاري قوم جو لباس تن تي ائين لڳندو آهي جيئن ڪنهن جانور جي پٺي تي چتيون لڳل ڳاديلو...!!

ڇا ٿيو ماسات ....!! خيالي ساگر جي پاتال منجهان ٻاهر ڪيندي ماسات صائما وراڻي هئي.......

بس خوشفهمي ۾ مبتلا رهي سوچيم پئي تہ ڀراڙي جون ڇوڪريون خاص سهڻيون تہ ناهن پوءِ بہ مونکي ڏسي پنهنجو مک ڇو پيون لڪائن پر...!!

ها ها بيشڪ اسين سانوريون ڇوڪريون ئي ڀليون پر شهري ڇوڪرين جيان آواره ناهيون؟ ماسات صائما منهنجو جملو اڌ ۾ ٻڌو ڪندي جذبات مان وراڻي هئي...

آئون حيرانگي جي لهرن ۾ اٿل پٿل ٿيندي وراڻيو هيس آواره مطلب؟؟؟

مطلب تہ شهري ڇوڪريون ادب حياءَ کان ڪوڪليون هونديون آهن، هر ايري غيري کي اوئي، سائين، جانو سان مخاطب ٿي سڏ ڪنديون آهن، ايتري قدر آواره جو وڏڙن جو بہ لحاظ نہ ڪنديون آهن نہ مٿي تي رئو رکن، نہ ئي ڪنهن وڏي سان ڳالهائڻ جو ڍنگ ڄاڻن ! بس هر گهڙي بي حيائي ڀريا ٺهڪ ئي ٺهڪ.....!!

ماسات صائما جا چيل شبد ٻڌي يونيورسٽي جو مهڪندڙ ماحول ذهن جي نير گگن هيٺان ڇائنجي ويو هو، جنهن جي پالار منجهہ شبنم، ڪنول، ريشما کان ويندي هر ڪلاس فيلو شاگرده جو ڪردار پسڻ وٽان مليو هو، هوبهو ڇڙواڳي سان ٺمڻار ٺهڪ، اوئي، يار، ڊيئر، جانو جا شبد ! ۾ کُليل ذلفن سان انهن جون اڊنگيون چال چلتون صاف صاف پسڻ ۾ اچڻ لڳيون هيون!

ماسات سونهن صورت جي نہ پر ڪردار جي محتاج هوندي آهي اسين ٻهراڙي جون ڇوڪريون بيشڪ سانوريون آهيون پر اسان ۾ قدرتي ۽ حقي سونهن آهي . . .!!ماسات صائما رئو مٿي تي ٿاهيندي وراڻي هئي

آئون حيرانگي واري ڪيفيت ۾ مبتلا رهندي وراڻيو هيس . . .اهو وري ڪيئن ماسات ؟؟

ماسات قدرتي سونهن اخلاق حيا شرم ۽ لڇڻ کي چئبي آ! جيڪو اسان ٻهراڙي جي سانورين ڇوڪرين ۾ موجود هوندي آ باقي اسين شهري ڇوڪرين جيان بيوٽي پالر ۽ مهانگين ڪريمن جو استعمال ڪريون تہ يقينن ڪنهن حسينائن کان گهٽ نہ لڳنديوسين پر سونهن ان چيز جو نالو نہ آ...!

ماسات صائما جون ڳالهيون ٻڌي اهو اندازو لڳائي ويئم تہ ڏاهپ تعليم جي محتاج نہ آهي، ڏاهپ بنا تعليم ۽ بنا ڪنهن متبادل روش جي هر هنڌ ذات وانگر سمائجي سگهي ٿي!

(2)

صبح ساجهر ويل اکيون کُلندي ئي ٻهراڙي جو ماحول خوشگوار محسوس ٿيڻ لڳو هو جنهن مٿان سج جا ڳاڙهسري رنگت وارا ڪرڻا ڳوٺ جي چئني طرفن کان ڇانئل هيا، من ۾ پراسرار راحت بخشيندڙ ٺڊڙي هير جي موسيقي ڀريو دلفريب ڇهاءُ، ڪانگن جي ڪانءَ ڪانءَ وارا ٻول، ڪنهن ڪنهن وقت معصوم ٻارڙن جي روئڻ جا آلاپ، تہ ڪنهن وقت عجيب سناٽو ڳوٺ مٿان ڪڪرن وانگر ڇانئجي ٿي ويو جنهن منجهان حسرتن جو ماريل منهنجو هانءُ عجيب راحت ٿي حاصل ڪندو رهيو هو،
وقت معمول مطابق گردش ڪندي ڦرندو رهيو!
ماسي سان گڏ آئون بہ ٻني طرف روانو ٿيڻ لڳو هيم تہ! پٺيان ڪنهن جا ڍيپل ٺهڪ ٻڌڻ وٽان ٿي آيا هيا جيڪي گرفت جي چنبي مان زوري آزاد ٿي کُليل فضا ۾ وکرجي ويا هيا.
نياڻي ڇوري کهڙي خوشي اٿئي جو ٺهڪ پئي ڏين؟ ماسي ڳوناٽي ڇوڪري سان مخاطب ٿي وراڻي هئي جيڪا ڪجهہ قدمن جي دوري تي ماسات صائما سان گڏ بيٺل نظر آئي هئي...!!
ندامت منجهان مرجهايل چهري تي يڪدم مصنوعي مسڪراهٽ قائم رکندي وراڻي هئي خالان رات مذاحيا خواب لڌو هيم سو پنهنجي پياري ساهيڙي صائما کي پئي ٻڌايو!
ڳوناٽي ڇوڪري جا ٺهڪ ٻڌي ايئن محسوس ٿيو هو جڻ ڪائنات سموري ٿرٿلي ۾ اچي وئي هجي، اردگرد جي ماحول ۾ پيٽ پوڄا ڪندڙ پکيئڙا تاهہ منجهان پڙڪو ڪائي پاڻ بچائيندا هجن! ڳوناٽي ڇوڪري جو اک جي ڇهنگڻ ڦهنگڻ وارِي خوبصورت نهار بي رحم شڪاري جي ڪماڻ

مان نڪتل تير جيان احساس. اُمنگ ۾ ڇهبندي محسوس ٿي هئي! جنهن سان ماضي جا ڌنڌلا عڪس ذهن جي طوائف خاني اندر رقص ڪرڻ لڳا هيا، جڏهن هُن کي پهريون ڀيرو يونيورسٽي اندر فزڪس روم ۾ ايندو پسيو هيم ته اهو ئي ساڳيو مسڪراهٽ وارو منظر هيو، اهائي ساڳي من موهيندڙ شرميلي آڏي نگاهن سان پسڻ واري ديد هئي جنهن جي دلفريب ادائن ۾ منهنجو منڙو اٽڪجي بيهي رهيو هو!

ابا خيال سان...!! اڳيان ايندڙ ڪاهي ڪان هوشيار ڪندي ماسي وراڻي هئي ...!!

هونئن... !زبان منجهان لاشعوري جو آواز نڪتو جنهن ڪان خود آئون به اٽڪجاڻ رهيس ۽ هوش سنڀاليندي حقيقي دنيا سان متعارف ٿيو هيم ...!!

ٻهراڙي جون سندر زمينون فصلن جي ساوڪ ڀري پوشاڪ سان سجايل نظر آيون هيون، ڪافي دور دور تائين ڏنار ۽ فصلن جي وٽَ پاسي سان چرندڙ چوپائي مال جا ڌنڌلا عڪس پسڻ وٽان ملندا رهيا هيا، ڪٿ ڪٿ واٽ ويندي پورهيت عورتون مٿي تي وزني گاهه سان منهن لڳي رهيون هيون ته وري ڪٿ ڪنهن واهه ڪَپ تي لشڪر جي صورت ۾ ڳوناڻيون اسڌ، جوان بالغ ۽ نابالغ نارين جو ڪپڙا ڌوئڻ وارو منظر ڏسڻ وٽان به ٿي ملندو رهيو هيو، ٻهراڙي جا اهڙا حسين منظر خزائن جيان اجڙيل منهنجي من ۾ ٻهارن جو سبب ٿي بڻيا هيا جن جي درشن بعد من اندر تازگي جي سڳنڌ وجود ۾ روح وانگر سمائجڻ ٿي لڳي هئي!

ٻهراڙي جي حقي سونهن کي پسندو به رهيو هيس ته ماسي پنيان هلندو به رهيو هيم ايتري ۾ کيسي اندر پيل خاموش موبائيل ڌمچر ڪري وڄڻ لڳي هئي.....!!

گهڻي ڪوشش باوجود بہ نمبر سڃاڻي ڪين سگهيو هيس ۽ ڪال اٽينڊ ڪندي هيلو ڪيو هيم ......!!

پريان ڪان خاموشي جو اونهون سمونڊ محسوس ٿيو هو، هڪ دفعو ٻيهر هيلو لفظ جو سهارو وٺندي ڳالهايو هيم......!!

ڪو بہ آواز نہ مليو هو. . .

ڪن تان موبائيل هٽائڻ جو ارادو ڪندي ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪرڻ تي هيس تہ پريان ڪان هيلو جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. . .

جي ڪير ؟

اوهين ساگر آهيو نہ. . . ؟

جي ها آئون ساگر آهيان پر اوهين ڪير ؟

ڪاٿي آهيو؟؟

پهريان اهو ٻڌايو تہ اوهين ڪير پيا ڳالهايو......!!

ساگر آئون سنڌو آهيان ......!!

ڪير سنڌو ؟؟ سڃاڻپ کان انڪار ڪندي وراڻيو هيس

مان ......!!

ڇا مان ......؟

خير اوهين مونکي نٿا سڃاڻيو ! نہ ئي آئون اوهانکي ٿي سڃاڻيان. . . ! اوهانجو نمبر مونکي. . . . .!! اڳتي ڪجهہ ڪين ڪڇي ۽ لفظن کي بڪايل راهڪ جيان زبان ۾ ڇپاڙي خاموشي اختيار ڪئي هيائين. . .

ڇا مطلب......!!

غلطي منجهان شايد رانگ نمبر لڳي ويو اوهانجو. . . . . . !! ڏيري آواز سان ٿمتار الفاظ ڪنن سان ٽڪريا . . .

جڏهن اهي لفظ ٻڌم تہ حيرت جي ڪا گنجائش نہ رهي ۽ تخيل جي اماس ۾ پاڻ وڃائيندي سوچيو هيم تہ اگر رانگ نمبر آ تہ منهنجو ساگر نالو ڪيئن ٿي ورتو؟؟؟

اوڪي ڪا ڳالھ ناهي...! چاهيندي بہ ڪو ڏيگھ نہ ڪئي هيم! ۽ ڪال ڪٽڻ تي هيس تہ پڇيو هيائين...

اوهين يونيورسٽي جا شاگرد آهيو نہ ؟؟

جي نہ ! پر اوهين سنڌو ڪير ۽ ڪهڙو ڪم اٿئو! حقيقت ڪي ڪوڙ جو جامو پهريندي وراڻيو هيس ڇاڪاڻ تہ آئون نٿي چاهيم ڪنهن اوپري شخص کي سڀ ڪجھ سچ ٻڌايان

اوڪي بعد ۾ ڳالهايان ٿي! ۽ ٺُون ٺُون ڪال ڪٽجڻ جو آواز ٻڌڻ وٽان مليو هو... موبائيل اسڪرين تي رسيوَ ڪال جو شو ٿيل نمبر غور سان پرکڻ لڳو هيس . پر سڃاڻپ ۾ نہ آيو هيو شايد تہ ان کان اڳ اهڙو ڪو بہ نمبر نگاھ منجهان نہ گذريو هو! من گهڻو ئي چاهيو ٿي تہ بيڪ ڪال ڪري تعارف پڇي وٺانس پر مناسب نہ سمجهيو هيم ۽ موبائيل ڪيسي اندر رکي اڻ تڻ واري خيالن منجھ غوطا کائي سوچڻ لڳو هيس تہ ڪير ٿي سگهي ٿي! سنڌو نالي ڪا بہ ڇوڪري يونيورسٽي ۾ تہ نہ هئي! نہ ئي سڃاڻپ وارين ڇوڪرين ۾ ڪا سنڌو ڇوڪري آهي پر هي سنڌو ڪير آ ۽ مونکي ڪيئن سڃاڻي ؟

ڇو ماسات تنهنجو چهرو لٿل آهي اڄ؟ ڪجھ قدمن جي دوري کان حفيظ وراڻيو هو...! شايد منهنجي لوساٽيل چهري جي شفق ڪي پرکي ورتو هيائين

آئون ڏونگي مرڪ لبڙن تي سجائيندي وراڻيو هيس نہ نہ ماسات اهڙي ڪا ڳالھ نہ آ......

ابا ڪنهن جي ڪال هئي...! ماسي ٻه منهنجي الجهن پسندي وراڻي هئي...

رانگ نمبر هيو شايد......

جنهن بعد ماسي ڏانتو ۾ اوچڻ ڪٽي گاهه لٽڻ لڳي هئي، حفيظ ٻني ٻاري جو ڪم ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو ۽ آئون ٻهراڙي جو حسين ماحول پسڻ لڳو هيم وقت معمول مطابق گردش ۾ مشغول نظر آيو هو!

(3)

هڪڙي جهوپڙي نماءَ هوٽل تي ويهندي حفيظ گهٽ عمر ڇوڪر ڪي ٻه چانهون ڪٽي اچڻ جو چيو هو! هڪ معصوم ٻالڪ چانهه جو ڏيش مون اڳيان آڻيندي وراڻيو هو صاحب چانهه ڪٽو؟ معصوم ٻالڪ ڪي پسندي آئون تعجب جي ول ۾ وڪوڙجي ويو هيس، ڇاڪاڻ ته ست سالن جي عمر ۾ ڇتيون لڱل لباس سان بيراگِري ڪندڙ ڇوڪرو ڪنهن شهزادي ڪان گهٽ ڪين لڳو هيو! معصوم ادائون، سانوري لبڙن تي دائمي مسڪراهٽ جون لهرون، اخلاق ۽ خلوص ڀريا زبان تي شبد ايتريقدر جو شوباز گيراهڪ چڙيون ٿي ڏنس ته به ڪين ٿي ڪڇيو هيائين !

ڪنهن جي خيالن ۾ گم ٿي ويو آن ماسات! ٻڏتر ۾ ڏسي حفيظ وراڻيو هو ماسات بس پنهنجي ماحول جي ڏنڏلن عڪسن تي پيو سوچيان ته اهڙا شهزادا اسڪول وڃڻ جي عمر ۾ چند ٽڪن خاطر بيراگري ٿا ڪن ۽ پنهنجي جيون جو ايندڙ حسين مستقبل پيٽ جي بُک اجهائڻ خاطر ٿا وڃائن!

هاهاهاها ماسات تعليم ڪان ائين ڀلا آهن اڄ جا ڇورا . . . ! شايد طنز ڪندي حفيظ وراڻيو هو

ڇا مطلب . . . !! حفيظ جي ڇهري ڪي غور سان پسندي وراڻيو هيس

هن ڇوڪر ڪي مان چڱي ريت سڃاڻان ويچارو يتيم آهي ڪافي سال اڳ هن جو پيءُ بيماري وگهي مري ويو هيو .هي پنهنجي پوڙهي امڙ ۽ نوجوان ڀيڻئرن ڪاڻ مزدوري ڪري ٿو. خبر اٿئي سيٺ نه پيو بيهاريس هوٽل تي الله خوش ڪري چاچي ولي داد ڪي هن سيٺ ڪي منٿ ڪري پنهنجي ذمي

ٻيهاريو اٿس.چاچي ولي داد جي سيٺ سان پراڻي ياري آهي. غريب پورهيت جو پٽ آهي! جي اگر هي (ٻيراگِري) ڇڏي اسڪول پڙهندو ته يقينن هُن جو خاندان بک مرندو ڇو ته ويچارن مسڪينن جو هوٽل جي مزدوري ۾ ٻرڻ سلائي مان مڙئي گهر جو چرخو پيو هلن پيو ڪو ٻه ڪمائڻ جو ذريعو نه اٿن... حفيظ چانهه جي چسڪي ڀريندي وراڻيو هو!!

حفيظ جا شبد ٻڌي خوشحال پنهنجي ڌرتي جي بيوس ماروئڙن تي سوچڻ لڳو هيس جيڪي بُک.بدحالي جي ڪري غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل نظر آيا هيا!افسوس ٿيڻ لڳو هيم ته ڇا سچ منجهه اسين هن ڌرتي جا وارث آهيون .جي سچ منجهه اسين ڌرتي ڌڻي آهيون ته ڇاڪاڻ اسان جي گهر جون چلهون معصوم ٻالڪن جي رت ولوڙڻ بعد سورن سان ٻرن پيون.

ڪجهه گهڙين جي خاموشي واري تند ٽوڙيندي حفيظ وڏيڪ وراڻيو هو ماسات توکي خبر آ؟ ڀر واري ڳوٺ جو هڪ ڇوڪرو يونيورسٽي ته ڇا پڙهي آيو هو پر پاڻ کي ڪامريڊ سڏائڻ لڳو هيو، نه ڪنهن وڏيري جي عزت پيو ڪري نه ڪنهن مرشد جو احترام بس هر گهڙي انقلاب انقلاب چوندو رهندو هيو

اڇا ماسات هينئر ڪاٿي ملندو اهو ڪامريڊ ! آئون يڪدم ملڻ واري حب جو اظُهار ڪندي وراڻيو هيس؟

ڪڏهن ٻه نه ملي سگهندو اهو ٻي پيرو ڇو ته سال پهريان روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو آ! مرشدن جون پٽون ڪاڏي ويندڀون وتي پيو انهن جي مخالفت ڪندو۽ انهن کي رنجائيندو معجزو مرشدن ڪري ڏيکاريس نور پٽاري سان آئون پاڻ ڏسي آيو هيس هُن جو چٿڙجي ويل لاش صفا ڏسي نه پيا سگهون.

ويري سيڊ ! ڏک جو اظهار ڪندي وراڻيو هيس...!

حفيظ هوٽل جي مالڪ کي پئسا ڏيڻ لاءِ اٿي ويو هو! ڪيسي ۾ پيل موبائيل جي رنگ وڄڻ لڳي هئي، امي جو ئي نمبر هيو ڪال اٽينڊ ڪندي وراڻيو هيس

هيلو جي امي ڪيئن آهيو!

ٻچڙا ڪُل خير تون ڪيئن آهين ۽ بنا اطلاع جي ڳوٺ ڏانهن هليو ويئن !

هتي اسين پريشان ته ڪيڏانهن ويو ؟ يڪساهي ۾ امي سڀ ڪجهه وراڻي وئي هئي!

امي مان به خوش آهيان بس من نئي لڳو شهر ۾ انڪري موڊ ڪي بدلائڻ خاطر اوچتو ڳوٺ ڏانهن نڪري آيم

پر اطلاع ته ڪرين ها نه ٻچڙا...

ممتا جي شفقت ڀريو آواز ٻڌي وجودي سمونڊ ۾ راحت جو لهرون اٿل پٿل ٿيڻ لڳيون هيون

۽ آئون چاهيندي به ڪجهه ڪين وراڻيم ٿي بس چپ چاپ امي ڪي ٻڌندو رهيو هيم

ايتري ۾ امي ادي صنم کي موبائيل ڏيندي وراڻي هئي ڀيڻ سان ڳالهاءَ پٽ متو ڪائي وئي آ!

هيلو هيلو

ادي صنم خاموش رهي ڪا به ورندي نه ڏني هيائين ! هڪ دفعو ٻيهر وراڻيو هيس هيلو

مان توسان ناراض آهيان ڪنا! ادي صنم جڏهن به مونسان ڪاوڙبي هئي ته ڪنا لفظ ئي چوندي هئي پر ڪوهه مري جي جابلو علائقن وانگر ڪاوڙ ادي صنم جي اڇتوهي چهري تي گهڻو وقت ٽَڪي نه سگهندي هئي!

هاهاهاهاها سچ ۾!! پنهنجائپ سان ٽمتار نخريلو ٺهڪ ڏيندي وراڻيو هيس.

تون بہ بنا ٻڌائڻ جي جاڙي وڻئي ٿو هليو ٿو وڃين ڪنا! ادي صنم روئڻهارڪي لهجي ۾ وراڻي هئي جنهن جو درديلو احساس ٿيلي فون سنگلن سان گڏ آواز ذريعي منهنجي ڪنن سان ٽڪريو هيو!
بيسُري توکي تہ خبر آهي نہ منهنجي...! جڏهن دل جي سلطنت تي دردن جا ڪڪر تيزي سان ڇانئجي ويندا آهن جنهن ويل مونجهہ ٿيڻ لڳندي آهي ان ويل آئون نڪري پوندو آهيان جيڏانهن بہ دل چاهيون ان طرف ۽ ها تون خود چڱي ريت ڄاڻين ٿي...!! اها تہ منهنجي پراڻي عادت آ! پر تون بہ مون کان گهٽ ڪين آهين. صفا مون تي وئين آهين بس تنهجو بہ ڏوهہ ناهي ڇاڪاڻ جو تون بہ تہ منهجي ڀيڻ آهين حڪم ڪري تہ ڏس تو لاء پرندڙ سج بہ هٿڙن تي رکي تنهنجي اڳيان پيش ڪريان!
بس بس نهيو! اڃان بدليو ناهين ڊاڙي...... ادي صنم هلڪي مسڪراهٽ سان روڪيو هيو... لفظڙن کي گرهہ جيان ڳيت ڏئي زبان جي قيد خاني ۾ لاهي ڇڏيو هيم.
ادي صنم مسڪراهٽ ڀريو لهجو زبان تي جاري رکندي وراڻي هئي شايد تون ائين ئي ڊاڙي رهندي عمر ڀر ! نہ بدليو آهين نہ بدلبي.
آئون بہ مسڪراهٽ جو سهارو وٺندي وراڻيو هيس ! مان کهڙو موسم آهيان جو بدلجي وڃان! يا کهڙو ڏيي جو بيٺل پاڻي آهيان جو سج جي تپش اڳيان شڪست کائي زمين جي وجود ۾ جذب ٿي پنهنجو روپ مٽائي ڇڏيان.
ٻڌ منهنجا ساگر. ڪڏهن واپس ايندي شهر......امي توڪاڻ ڏاڍي پريشان ٿي رهي

منڙي پيڻ توکي تہ سڀ خبر آ منهنجي .... اڳتي ڪجھ ڪچي ڪين سگهيو هيس ۽ شبدن جي تيز رفتار هلندڙ ٽرين کي امالڪ بريڪ ڏئي ٽڏو ساھ کنيو هيم ...!

بس تو بن منڙو نٿو لڳي! توکي ڏاڍو مس (ياد) ڪندي آهيان! اڙي ادي ائين نہ چئو...! چو تہ تنهنجي منزل منهنجي محتاج نہ آ، پاڻ ٻئي الڳ الڳ ڪشتين جا مسافر آهيون ! منهنجي ڪشتي جياپي جي سمونڊي طوفان ڏانهن روان دوان آ ۽ تنهنجي ڪشتي ساحل طرف وڃڻي آ، جت هزارين خوشيون منتظري صف ۾ مسافرن جو اوسيئڙو ڪنديون آهن...

ساگر روز روز تنهنجا موهن جي دڙي وانگر قديمي ڊائلاگ ٻڌي مان بيزار ٿي چُڪي آهيان ڇڏ هاڻ انهن کي اهو ٻڌا ڪيئن آهين ! ادي صنم حقيقت کان پرده پوشي ڪندي وراڻي هئي...! ۽ نيٽورڪ مسئلي جي ڪري ڪال ٺُون ٺُون ڪري ڪٽجي وئي هئي ! گهر وارن سان ڳالهائڻ بعد ڪنهن وکر جيان وکريل من سميٽجڻ لڳو هيو ! ۽ اتاولي وجود ۾ پنهنجائپ جون خوشيون ڊوڙڻ لڳيون هيون جنهن کان خود آئون بہ بيخبر هيس

حفيظ سان گڏ وڏي ڳوٺ جي ڏامر واري روڊ مٿان هلندي ڳوٺ طرف روانو ٿيو هيس، ڏامر واري روڊ ۽ پنهنجي جيون ۾ ڪو خاص فرق نہ پائيو هنئيم ڇاڪاڻ جو روڊ بہ مون وانگر لاحد منزل جو پانڌيئڙو نظر آيو هو جنهن مٿان وزني گاڏيون بنا احساس جي تيز رفتاري سان اچ وڃ ڪري رهيون هيون ۽ منهنجو وجود بہ پتڪيل پتڪيل جنهن کي اڻ کٽندڙ مسافتن جا طويل پنڌ اجان ڪي باقي ڪاٽڻا هيا .... ڪجھ منزل طئي ڪرڻ بعد اسانجي پر منجهان گذرندڙ ڊبل ڪيئبن ويگو گاڏي بريڪ ڏئي اڳتي بيهي رهي هئي، ۽ گاڏي جي فرنٽ سيٽ وارو ڪارو شيشو هيٺ ٿيڻ لڳو هيو جنهن

اندران سانوري ٿلهي رنگت ۾ ڪاٽن جي اڇي ويس ۾ ملبوس هڪ شخص اسان طرف هڪل ڪندي وراڻيو هو ڇورا هيڏانهن اچ ....؟لفظن ۾ آڪڙ ۽ وڏائي جي بدبو محسوس ٿي هئي حفيظ جي سائين جي سائين سان ڊوڙي وڃي يڪ ساهي پهتو هيو

وات ۾ پان چٻاريندڙ سانوري رنگت واري شخص چپڙن ۾ ڪجھ پڙڪي حفيظ طرف نيرو نوٽ وڌايو هو! حفيظ نوٽ وٺي کيسي ۾ رکيو ۽ مونکي اتي ئي بيهڻ جي هدايت ڪندي تيز رفتار قدمن سان وڏي ڳوٺ جي ڪچن دوڪانن واري بازار ۾ گم ٿي ويو هيو!چند منٽن بعد سامهون بيٺل ان ئي گاڏي جي پوئين سيٽ وارو ڪارو شيشو هيٺ ٿيو هو تہ وڏي ڳوٺ جو ماحول عجب سڳنڌ سان واسجي ويو هو، جنهن بعد من ۾ عجيب سرور گلابن جي سڳنڌ جيان محسوس ٿيو هيو، گاڏي جي پوئين سيٽ وارو ڪارو شيشو هيٺ لهندي ئي اکڙيون ڪنهن بي جان بوتي جيان هڪ هنڌ ٽِڪ ٿي بيهي رهيون هيون ڇا تہ سندر اپسراء جو چيگم چٻارڻ وارو خوبصورت چهرو پسڻ وٽان مليو هيو، گول بدامڙي اکڙين منجھ قيد ڪيل ڪجل جي سندرتاءَ، ٺر جي وارياسي زمين جي عڪاسي ڪندڙ چپڙن تي لالڙي سان خوبصورت چٽاڻ، مهندي لڳل هٿڙن ۾ ٽچ اسڪرين سيٽ ڪي روپلو وانگر مضبوطي سان پڪڙڻ وارو سليقو ۽ گاڏي جي هلڻ وقت اميراڻي انداز سان ڪجل نماءَ اکڙين تي فينسي چشمو پهرڻ وارو ڍنگ......!! جيڪو گاڏي جي وڃڻ بعد بہ منهنجي ذهني آرسي اڳيان چائنل رهيو هو.

اجان سوچن ۾ اپسراءَ جي مصوري مڪمل ڪين ڇتي سگهيو هيم تہ حفيظ بہ سهڪندو سهڪندو مون وٽ پهتو هو...!!۽ مونکي پاسي تي بيٺل ڏسي وراڻيو هيائين ماسات اهو پنهنجو پوتار ڪريمداد هيو جنهن مونکي

پئسا ڏئي چيو تہ گولڊلف (گولڊ ليف) جا سگريٽ ۽ سائيڻ ننڍي ڪاڻ مٿيون شاليون وٺيون اچ . . .

حفيظ جي واتان ههڙا شبد ٻڌي حيرت جي ڳاڙ ۾ وچائجي ويو هيس ۽ سوچڻ لڳو هيس جيسين تائين اسانجي ماحول ۾ پوتارڪي نظام آهي تيستائين حفيظ جهڙا ڪيترائي فرد غلامي جي چنبي مان آزادي حاصل ڪري نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ سگريٽ ۽ سوپارين وٺڻ وارو ڪم حفيظ ڇو پوتار خود بہ ڪري ٿي سگهيو...!

حفيظ ٺڪل لهجي ۾ ڳالهہ ڪي منظم طريقي سان برقرار رکندي وڏيڪ وراڻيو هو شايد يونيورسٽي ۾ ڌيءَ کي داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ اسانجو وڏيرو شهر ڏانهن ويو هو!

اڇا ماسات...... مطلب تہ ڪار اندر ويٺل اپسراءَ پوتار جي ڌيءَ ٿي هئي !

اپسرا مطلب......حفيظ ناسمجهي جو اظهار ڪندي وراڻيو هو اپسرا مطلب حسين ڇوڪري...حفيظ کي اطمينان ڏياريندي وراڻيو هيس......

ڳالهين منجهان ڳالهيون جنم وٺنديون رهيون هيون پنهنجي ڪچهري جو سلسلو بہ وڌندو ٿي ويو هو ڪا خبر ئي نہ پئي هئي!

ٺڪل وجود ساڻ ڳوٺ طرف پهچي چڪو هيم ، ماسي گهر جي آڳنڊ تي پهچندي ڏسي وراڻي هئي ابا ڏسين آئين وڏي ڳوٺ کي ...!!

جي ها ! ڏيٺي آواز منجهہ وراڻيو هيس......

۽ آخري ساهہ ڪٽندڙ سج جو سڪرات ورتل پويو پهر پسڻ لڳو هيم، ڳوٺ جي ڪڪائين، ڪچن گهرڙن مٿان منتشر پکيئڙن جا ولر پنهنجي ٽاڪ طرف واپس ويندي نظر آيا هئا، پهراڙي جي دلفريب منظرڪشي پروڙڻ بعد

امالڪ وجود جي صحن تي ماضي جا اولڙا يادن جي روپ منجهہ شام واري سج جي اولڙن جيان وڌڻ لڳا هيا يونيورسٽي جون يادگيريون ڪنهن ناچڻي جيان ذهن جي ڪال ڪوٺڙي ۾ رقص ڪرڻ لڳيون هيون، جنهن ۾ پاڻ ورسٽي جي چڙواڳ دوستن سان گڏ بي احساسيا ٽهڪ ڏيندو رهيم، استادن اڳيان ڪامريڊي ناٽڪ سان غنڊاگردي بہ ڪندو رهيم، گولڊ ليف سگريٽ، شراب جي اوتڻ دوستن سان ڪمپني وارو لمحو، فرسٽ ايئر ۾ نئين ايڊميشن وٺندڙ ڇوڪري کي ڇيڙڻ واري اداڪاري، ڪان ويندي هر ارڏائي اکين جي سمونڊ ۾ ڪاغذ جي ٻيڙي جيان ترندي پسڻ لڳو هيم ! جنهن بعد عجيب ڦڪائي ڇهري مٿان محسوس ٿي هئي ۽ ندامت منجهان خيالي دنيا مان نڪرندي حقيقت سان متعارف ٿيو هيس.

هُن جي اچڻ بعد سڀ شرارتون ۽ ارڏايون وهندڙ پاڻي تي ليڪي وانگر ميسارجي پنهنجو وجود وڃائي ويٺيون هيون، نہ دوستن سان ڪمپني ڪري شراب کي هٿ ٿي لاتو هيم نہ ئي وري ڪنهن ڪمپني کي رنگين رکڻ ڪاڻ ائٽم گرلس سان رنگ رليون ٿي ملهايون هيم، نہ ئي وري گولڊ ليف سگريٽ جي فلٽر کي محبوب جيان چپڙن تي پئي رکيو هيم، نہ ئي ڪنهن آوارا ٽولي سان گڏجي ڪنهن ڇوڪري کي ٿي ڇيڙيو هيم، هُن جو منهنجي جياپي ۾ چا داخل ٿيڻ جڻ انقلاب جي آمد ٿي هجي، ۽ معاشري کي بگاڙڻ وارين ارڏاين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي پنهنجي وجود کي ويتنام ملڪ وانگر آزاد بڻايو هجيم ! چاڪاڻ تہ هُن جي چاهت ڪنهن ائٽم بم کان ڪمتر ڪين هئي جنهن جي مها ڪارگيري ۾ منهنجون سڀئي خراب عادتون هيروشيما، ناگاساڪي جيان نابود بڻجي ويون هيون ۽ منهنجي جياپي جي بگڙجندڙ حالتن جي هڪ بهترين اصلاح ٿيڻ لڳي هئي جنهن مونکي زندگي جا نوان رنگ ۽ ڍنگ سيکاري ڇڏيا هيا...!!

(4)

حفيظ سان گڏ ساوڪ ڀريون ڀرا ڙي جون زمينون گهمندو رهيو هيس تہ اچانڪ رات وارا دردیلا آواز ذهن جي خيالي وهڪري مٿان تري آيا هيا...!! نہ نہ مونکي ڇڻ نہ آ! مونکان پري رهہ، خدا جي واسطي...... معلومات لاءِ حفيظ اڳيان سوال اٿاريندي وراڻيو هيم ماسات رات ڪافي دير ڪانپوءِ اهي عورتاڻا آواز ڪٿان پئي آيا...!

مرشد پاڪ جي حويلي مان اهي آواز اچي رهيا هيا ! ڇو تہ گذريل رات جمع جي هئي ۽ هر ماهہ پاري جمع رات مرشد سائين عورتن جا جن ڪيڍندو آهي!اسانجو مرشد ڪامل ولي آهي جنهن جي ڪرامت هر هنڌ تائين مشهور آ، حفيظ يڪساهي ۾ وراڻيو هو.

ڪامل ولي! ڏندن جي گهاٽي منجهہ ڇيچ ڪي آزاد ڪندي وراڻيو هيس، ۽ ٻُوناٽي ماحول جا ڏنڌلا عڪس پسڻ وٽان صاف صاف ملي رهيا هيا ! جنهن بعد وڏيرڪي نظام ڪان ويندي پيري مريدي جي عقيدت واريون ڦردو ريتون منهنجي ذهن جي ڪشادي آڳنڌ تي ٻارڙن جيان ڊوڙڻ لڳيون هيون...!!

ٻنين جا ساوڪ ڀريا منظر ذهن ۾ قلم بند ڪندو رهيم ۽ حفيظ پٺيان ڇپ چاپ هلندو رهيو هيس ڪجهہ منزل طئي ڪرڻ بعد سرنهن جي ڦولهار واري فصل ۾ ماسي ڪي پسيو هيم جيڪا گاهہ لڻڻ ۾ مشغول هئي! ماسي ڏانتو مونکي ڏي آءُ ٿو گاهہ لڻان! ماسي جي هٿڙن مان زوري ڏانتو ڪسيندي وراڻيو هيس...

ماسي بار بار منع ڪندي وراڻي هئي پٽ تون اٽڃاڻ آهين ڪٽ هٽ نہ وڃي ويهي پر مون اڳيان ماسي جي هڪ بہ نہ هلي هئي! جڏهن هڪ بہ نہ هليس تہ شڪست جا گهنج مُک تي آڻيندي وڏيڪ وراڻي هئي پٽ پيلا تون آرام آرام سان گاهُ لڻي وٺ آءُ ساڳ پٽي اچان ٿي،

ٺيڪ آهي ماسي.......

حفيظ بہ موڪلائيندي زمين واري ٻني جي سلامي ۽ تاس ونڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو...

لوسڻ جي مُٺ ڪي هٿن ۾ پڪڙيندي ڏانتي سان ڪٽڻ ويل من ۾ عجيب سرهائي محسوس ٿي هئي! ائين لڳي رهيو هو ڄڻ منهنجي بي رنگ جياپي منجهہ رنگينن جي آمد ٿي هجي، ٻھراڙي جي سندرتا وڻ ويڙهي جيان وجود کي وڪوڙي اهو احساس ڏيڻ لڳي هئي تہ زندگي قدرتي سونهن بنا ائين اڌوري آ جيئن ڪا سڪل ڍنڍ پاڻي بنا، ۽ ڪو وجود روح بنا...!

هاهاهاهاها...... ٻھراڙي جي کُليل ماحول ۾ ڪنهن جا ٽهڪ فضائن جي گهيري ۾ قلابازيون ڪائيندي منهنجي ڪنن سان ٽڪريا هيا! ٽهڪڙن جا آواز ٻڌندي ڪنڌ ورائي پٺتي نهاريو هيم تہ اکين تي ويساهہ نہ رهيو هو! جسم منجهان سيءُ جي سٽ نڪري وئي هيم ۽ عجيب ڪيفيت جي گهاٽي منجهہ پنهنجي احساسن کي بلاول جيان پيڙجندي پانيو هيم...

پليڪار پليڪار چئبو تہ ڳوٺ ۾ انقلاب اچي ويو نہ جو شهري نمونن وارا مرد بہ گاهہ لڻڻ لڳا آهن...!!هلڪڙي مسڪراهٽ لالڙي لڳيل چپڙن تي قائم رکي مون طرف ايندڙ اپسرا ڳالهايو هو......

آءُ ڪجهہ ڪين ڪڇيو هيس، بس تجسس منجهان اپسراء جي سندرتاءَ کي پسندو رهيس، اڙي هي ڇوڪرو تہ نج شهري آهي اپسراء سان گڏ ڦريدار جي صورت ۾ ڳوٺ واري سانوري ڇوڪري وراڻي هئي

هيلو اوهانجو نالو . . . ! اپسراء سج جي روشني جهڙو چمڪندڙ سندر هٿ مون طرف وڌائيندي مونکان منهنجو تعارف پڇيو هو

ڏانتو ڪاپي هٿ ۾ متائيندي ساڄو هٿ اپسراء جي خوبصورت هٿ سان ملايو هيم، هٿ ملائڻ دوران جسم ۾ يارنهن هزار وولٽيج جو جهٽڪو محسوس ٿيو هو ۽ ڳيتون ڏيندي وراڻيو هيس منهنجو نالو ساگر آهي. . . !!

الائجي ڇاڪاڻ پهريون ڀيرو ڪنهن اپسراء سان ڳالهائيندي هُٻڪ محسوس ٿي هئي ائين لڳو هيو جڻ پيرن هيٺان زمين ڪسڪي رهي هجي!

اوهانکي پهريان بہ ڏسي چُڪي آهيان وڏي ڳوٺ واري رستي تي اوهانکي ياد آ اهو ڏينهن. . . !اپسراء سوال ڪندي وراڻي هئي.

جي بلڪل ويگو گاڏي جي پوئين سيٽ تي اوهين ويٺل هيا . . . !! سچاڻپ جي نشاندهي ڪندي وراڻيو هيس.

بلڪل صحيح ! ڏيڍي لهجي ۾ اپسراءَ وراڻي هئي.

جسم منجهان ساهہ ڇڏائيندو ٿي ويو هو، پاڻ ڏرتي منجهہ هوندي بہ پاتال منجهہ اڏامجندو رهيو هيس پنهنجو ساوڪ ڀريو ميرانجهڙو هٿ اپسراء جي حسين ڪومل هٿ مان ڇڏائڻ لاء بار بار ڪوشش ٿي ڪئي هيم، جنهن ۾ هر وار ناڪامي ٿي ملي هئي ڇاڪاڻ جو اپسراء جي هٿ ۾ الائجي تہ ڪهڙو چقمق جيان مقناطيسي قوت وارو سحر هيو جيڪو منهنجي هٿڙن جي چرپر کي محسوس ڪندي ئي پاڻ طرف مضبوطي سان ڇڪيندو ٿي رهيو هو!

اوهين ڪٿان جا آهيو ؟ ۽ هتي ڇا ٿا ڪريو؟ اپسراء سوال مٿان ٿي سوالن جا تير وسايا هيا!

ڪجهہ ڪين ڪڇيو هيس !بس چپ چاپ خاموشي سان ٻڌندو رهيس، ائين محسوس پئي ٿيو هو جڻ بازي هار ايل جواري جيان هوش وڃائي ويٺو هجان، ڇا تہ خوبصورت منظر ٿي لڳو هو، اپسراء جا ڪارا ذلف جڏهن

سندرتا پري مک کي سج جي تپشدار ڪرڻن کان بچاءُ لاءِ هر هر پهريدارن جيان اکين اڳيان ٿي اچي رهيا هيس، ۽ اپسراءَ جون بي حجاب نگاهن جي ڪمانڻ منجهان شوخ نظرون تير جيان منهنجي دل مٿان وسنديون رهيون هيون جنهن جي اثر هيٺ گهڙي کن لاءِ جياپي جو ماضي جيڪو منهنجي حال پٺيان ڪنهن معصوم ٻالڪ جيان ڪڏ ڪڏ لڳي ٿي هلندو رهيو هو ! ائين ميسارجي ويو جيئن تيز اُس جي تپش ۾ ڪوهه مري جا برفيلا جبل ميڻ وانگر رِجي پنهنجو وجود وڃائي ويهندا آهن.

هيلو مسٽر مان اوهان سان آهيان نہ؟ هٿ مان خوبصورت هٿڙو ڇڏائيندي وراڻي هئي!

هونئن، پاڻ سنڀاليندي لا شعوري طور وراڻيو هيم ۽ من گهڻو ئي ضد ڪيو تہ چئي ڏيانس حُسن پرست ماڻهن جي منزل جو انت سونهن جي در شن تائين محدود هوندو آ. پر پاڻ ۾ ڪجهہ بہ ڳالهائڻ جي سگهہ ساري ڪين سگهي هيس.

ڇا ٿيو ......!! اپسراءَ شايد منهنجي الجهيل ڪيفيت مان اندازو لڳائيندي وراڻي هئي

ڪجهہ بہ نہ......

تہ پوءِ مون پڇيو تہ اوهين ڪٿان جا آهيو ۽ هتي ڇا ڪرڻ آيا آهيو......چيل جملو ٻيهر ورجائيندي وراڻي هئي

پاڻ ڄام شورو جو آهيان ۽ هِتَ...........لفظ نڙي ۾ مڇي جي ڪنڊي وانگر اٽڪجي بيهي رهيا ها

ڇا هِت......اپسرا منهنجي جملي جي نقل ڪندي وراڻي هئي

هت زندگي جي باقي رهجي ويل پلن کي سميٽڻ ۽ ڪجهہ جيئڻ جا پل بخشڻ ڪاڻ آيو آهيان

ڇا مطلب ؟؟

منهنجي جواب ۾ ايترو سسپينس تہ نہ آ، جيترو اوهين سيرس ٿي ويا آهيو، اپسراء جي ٻهار جهڙي مک تي خزائن جا ڇائنجي ويل تاثر پسي وراڻيو هيس
جنهن بعد يڪدم موسمن وانگر حسين چهري جا تاثر درست ڪندي مسڪرائڻ لڳي هئي!!. . .
ڇا اوهين پيدا بہ هن ڳوٺ ۾ ٿيا ؟ اپسرا سان سوال ڪندي وراڻيو هيس جي ها بلڪل پر ڇو ؟؟
تہ پوء ايترو ويڇو ڇو؟ اوهان ۽ ڳوٺاڻي سانوري ڇوڪرين ۾ ڇاڪاڻ تہ اوهين مون غير مرد اڳيان بي حجاب ٿي ڳالهايو ٿا ۽ ڳوٺ جون پيون ڇوڪريون مون اڳيان ڪنڌ مٿي ڪري ڳالهائڻ جي سگه ساري نٿيون سگهن ! منهنجا شبد ٻڌي اپسرا جي پير ۾ بيٺل سانوري ڇوڪري جي مک تي غصي جي هيڊاڻ ڇائنجي وئي هئي ۽ اپسراء مسڪرائيندي وراڻي هئي مان لکيل پڙهيل ڇوڪري آهيان عام ڳوٺاڻي ڇوڪرين جيان بي علم ۽ ڇٽ ناهيان...!!
مطلب تہ باقي پيون ڳوٺاڻيون ڇوڪريون ڇٽ آهن، ڳالھ ڪي مضبوطي سان ڳنڍي ڏيندي وراڻيو هيس
نہ نہ اهڙي ڳالھ نہ آ... منهنجي چوڻ جو مطلب اهو هيو تہ مان شهري ۽ ٻهراڙي جي رسمن ۾ چڱي ريت فرق ڄاڻان ٿي.....!
ڪهڙو فرق ؟؟ سوال ڪندي وراڻيو هيس
ڳوٺاڻيون عورتون سائنسي ٽيڪنالاجي دور هوندي بہ غلامي وارو بدتر جيون گهارن ٿيون، ۽ پنهنجو بي ملھ جياپو ٻار پئدا ڪندڙ مشين ۽ گهريلو ڪم ڪار ۾ ضايع ٿيون ڪن، انهن کي ڪير سمجهائي تہ زندگي ان مقصد لاء نہ پر ڪنهن ٻي ڪم ڪار لاء بہ ملي آھ ......
مسئلن پيو ڪم ڪار ؟؟هڪ وار ٻيهر سوال ڪندي وراڻيو هيس

اوهين بہ سوال گھڻا تا پڇو! ڇڏيو بس...... شايد بيزاري منجهان اپسراء وراڻي هئي

نہ نہ ٻڌايو! ايلاز پري شبدن جو سهارو وٺندي وراڻيو هيس مسئلن پيو ڪم ڪار تہ هن دنيا ۾ ڪجھ اهڙو ڪجي جيڪو اڳ نہ ٿيو هجي... ان لاءِ تعليم جو هجڻ ضروري آهي پر ڳوٺ جون عورتون اڪثر مرداني معاشري جي ڪري تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل آهن...!پهريون پيرو پهر اڙي جي ماحول منجھ اپسرا جي روپ ۾ هم خيال شخصيت سان ملاقات ٿي هئي! ڇاڪاڻ تہ آءُ يونيورسٽي جي دور کان وٺي انقلاب جو حامي رهيو هيس، اپسراء جي ڏاهپ ڪي پروڙڻ ڪاڻ وڏيڪ وراڻيو هيس اوهين بہ تہ ڳوٺ جون آهيو تہ پوءِ اوهين تعليم ڪيئن حاصل ڪئي!

هاهاهاها مسڪرائيندي وراڻي هئي مان پنهنجي خاندان جي سڪيلڌي پهرين ۽ آخري اولاد آهيان، منهنجي هر ڳالھ کي ابو اهميت ڏيندو آ.

تمام بهترين پر اوهين هيئنر تائين پنهنجو نالو نہ ٻڌايو...؟

اوهين پڇيو ڪاٿي آ! منهنجو نالو صاديا آهي ......!

سندر! ان شبنم جيان جيڪي گلڙن جي خوبصورتي کي چمندي آ! ان سڳنڌ مثل جنهن جو واس سنگهي پوپٽ انبوهہ جي صورت ۾ گڏ ٿيندا آهن، ۽ ان چنڊ جي چانداڻ وانگر جنهن جي سهاري سان ليکڪ قلم کڻي پنهنجي محبوبائن جي تعريف ۾ گيت، غزل، ڪهاڻيون پيا لکندا آهن.صاديا تو جيان تنهنجو نالو بہ سراپا سندر آ. واکاڻ ڪندي وراڻيو هيس

صاديا ڳچي ۾ پيل رَئي جي ڪنڊ کي ڏندن ۾ آٽيندي شرمايو هو !...

هاڻ هلڻ گهرجي صاديا جي پاسي ۾ بيٺل ڳوٺ جي سانوري ڇوڪري بوريت منجهان وراڻي هئي...

صاديا باءِ باءِ ڪندي موڪلايو هو. . .
الائجي ڇو صاديا جي موڪلائڻ بعد ايئن محسوس ٿيو هو ڄڻ جسم منجهان روح پرواز ٿي اڏامڻ لڳو هجي، دلڪش ڪائنات پنهنجي سندرتا ڪنهن نايين فرد جي نور وانگر وڃائي ويٺي هجي، ڀر اڙي جي ماحول جون وڻندڙ انڊلٺون اوچتو انڌيري جي ورچڙهي پنهنجون رونقون اجاڙي ڇُڪيون هجن،
ڪنهن جي خيالن ۾ گم آهين ماسات حفيظ ڪجھ وکن جي دوري تان مون طرف ايندي وراڻيو هو ۽ پٺي ڏئي ڳوٺ طرف ويندڙ صاديا جو ڏنڌلو عڪس پسڻ لڳو هوا. . .
آءُ چاهيندي بہ ڪجھ ڪچي ڪين سگهيو هيم . . . ! بس پڌتر جي صورت ۾ صاديا جي حُسن کي ڇهندو رهيو هيس، ڇا تہ سنهڙي ڇيلھ هيس، جنهن ۾ ڪائنات جا هزارين راز باطن جي صورت ۾ پسڻ وٽان ٿي مليا ها، بيد مشڪ جيان ڏگهو قد، ڇاتي ويڪري ۽ ان مٿان سجايل قدرتي ميون جي ڇلڪڻ جو انداز، معصوم ادائون جن ۾ ڀر اڙي جون محروميون سمايل ٿي نظر آيون هيون، رَئو مٿي بجاءِ ڳچي ۾ ڦندي جيان ڪرڻ وارو انوکو ڍنگ جنهن سان پياري ۽ سندر لڳي رهي هئي !
ماسات اجان تائين گاھ نہ لڻيو اٿئي؟ ۽ حفيظ ڏانتو مُٺ ۾ ڪري گاھ لڻڻ ۾ مشغول ٿي ويو هو. . .
وقت پنهنجي رفتار مطابق گذرندو رهيو ۽ ڪجھ گهڙين جي ماٺار کي گوڙ گهمسان سان ٽوڙي موبائيل رنگ وڄڻ لڳي هئي! . . . . . .
هيلو. . . . . .
جي ساگر ڪيئن آهيو؟
مان ٺيڪ . . . اوهين ڪير آهيو ۽ بار بار ڪال ڇو ٿا ڪريو؟
پڌايم جو سنڌو آهيان. . .

ڏسو مان ڪنهن بہ سنڌو نالي ڇوڪري کي نہ سڃاڻيان ...!پليز مونکي تنگ نہ ڪريو ! بيزاري منجهان ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏي هيم...
ڪنهن جي ڪال هئي ماسات......! حفيظ وضاحت معلوم ڪندي وراڻيو هو
الائجي سنڌو نالي ڪا ڇوڪري آ، پر مان نہ ٿو سڃاڻانس!!
اڇا هوندي ڪا ڇڙواڳ پوتار جي ڏيءَ وانگر، حفيظ ڳاهہ لڙندي وراڻيو هو
ڇڙواڳ مطلب! اڻ تڻ واري ڪيفيت ۾ الجهندي وراڻيو هيس
يار پنهنجي اڪين سان ڏسين پيو نہ پوتار جي ڏيءَ جا ڪم شام ويل ڳوٺ جون ڇوڪريون ساڻ ڪري پئي ٻنيون رلندي آ. حفيظ جذباتي لهجي منجهان وراڻيو هو
تہ پوء ان ۾ ڇڙواڳي جي ڪهڙي ڳالهہ آهي .....!
ها بلڪل غير مرد سامهون سينو تاڻي ڳالهائڻ ۽ مٿو اگهاڙو ڪري گهمڻ ڇڙواڳي نہ آ...حفيظ غصي جي لهر ڇهري مٿان برقرار رکندي وراڻيو هو
حفيظ جي اهڙي تخيل کي پرکي ڀهراڙي جي عورتن منجهہ ڊپيل صلاحيتن وارو ڳجهہ معلوم ٿيڻ لڳو هيو، جُن جون توانايون صرف ۽ صرف گهرن جي چوديواري اندر ضايع ٿيل هيون ! جنهن تي افسوس ڪري ماضي جا ورق ورائي سوچڻ لڳو هيم عورتن بنا هي دنيا بي رنگ آهي اها بہ عورت ئي هئي جنهن چنڊ کي لتاڙيو ۽ اهو بہ عورت جي مهان تخيل جو ڪمال هو جنهن محمد بن قاسم کان پنهنجي پاءُ راجا ڏاهر جو بدلو ورتو هيو ! تهذيب گواهہ آهي تہ ڪنهن وقت ۾ عورتن مردن سان گڏ تخت تي ويهي انصاف ڀريا فيصلا ڪيا!
ماسات اڄ تہ هلئون ! ڏانئو زور سان زمين جي ڪومل وجود تي چاڪون جيان ڇهنبائيندي حفيظ وراڻيو هو.

سج پنهنجو لوساٽيل چھرو جبل جي پٺيان لڪائي ٿڪل راھڪ جيان شڪست قبولڻ تي مجبور ٿي چُڪو هيو، اردگرد جي ماحول جا سندر عڪس لهندڙ سج جي لالاڻ سان ڏنڌلا بڻجي پنهنجي سندرتا وڃائڻ لڳا هيا. پالار منجھ پکيئڙن جي ٻولي جو عجيب گوڙ گھمسان وارو وايو منڊل ڪنهن ادبي پروگرام جيان مٺل نظر آيو هو، ٿورو پريرو ڪوھ پرسان پاٽي پريندڙ ٻوٽ جي ڇوڪرين جا انداز پسڻ وٽان ٿي ملڻ لڳا ها. جن ڪي پسندي ئي منهنجون ديدون هڪ جاءِ تي مندر ۾ پيل پڳوان جيان ٽڪ ٿي ڄميون پئي ويون هيون

سنهڙي ڇيلھ تي گھانگھڙ ۾ مَٺ، ڪٺي ڪُڏ ڏئي هلندڙ اٺ جيان ناٽڪ پريون وڪون ڪڻڻ جو انوکو طريقو، سَڀين جو پانڌ سيني اڳيان آٽي ان ڪي جھومائڻ پريو انداز، ۽ زمين جھڙو رنگ رکندڙ ڇيڙن ڪي آزاد ڪري ٿهڪن جي جھونگار جنهن سان منهنجي اتاولي من پراسرار راحت ٿي محسوس ڪئي هئي...

(5)

هيلو هيلو!
ساگر ڀريان منهنجي ڳالهه پوري ٻڌجانءَ..! هيلو جو آواز ٻڌندي ئي سنڌو وراڻي هئي جنهن کي آءُ گهڻي ڪوشش باوجود به سڃاڻي ڪين ٿي سگهيو هيس
جي حڪم ڪريو! ڊگهي اوٻاسي ڏئي وراڻيو هيم ڇاڪاڻ جو رات ڪچهري ۾ ڪا خبر ئي نه پئي هئي ڳوٺ جي مسجد منجهان ٻانگن جو آواز اچي ويو هو ۽ ننڊ پوري ڪين ٿي سگهي هئي!
اوهين اڄڪلهه ڪاٿي آهيو؟ ۽ يونيورسٽي ڇو نٿا اچو؟
ڏسو مان اوهانکي نٿو سڃاڻيان! هڪ دفعو ٻيهر سڃاڻپ کان انڪار ڪندي وراڻيو هيس
پر مان ته اوهانکي سڃاڻيان ٿي نه! اوهين يوبورسٽي جي فائنل ييئرس آءِ ٿي ڊپارٽمينٽ جا شاگرد آهيو! شايد سڃاڻپ جي نشاندهي طور وراڻي هئي.
ها ته پوءَ . . . بي رخي منجهان فقط ايترو وراڻيو هيم.
اوهين يونيورسٽي واپس اچو نه، اوهانکي شازيا ڏاڍو مس ڪندي آ! عرضدار لهجي منجهان وراڻي هئي.
شازيا جو نالو ٻڌڻ بعد دل جي ڌڙڪن تيزي سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي، من اندر وچوڙي جي اڏيل جهوپڙي کي خزان جو طوفان جڙ کان اکيڙڻ جو سبب بڻيو هو! ۽ ماضي جي مندر ۾ يادگيري جو گُهنڊ تيزي سان گوڙ گهمسان ڪري وڄڻ لڳو هيو، جنهن بعد تڙيل احساس ڪوماڻجي پنهنجي سڱنڊ وڃائڻ لڳا هيا، ڪو وقت هيو جو شازيا منهنجي دل جي مسجد ۾

پيش امام جيان هئي! هر صبح شازيا نانءُ جي ورد سان آغاز ڪندو هو، ۽ هر رات شازيا جي نانءُ سان انتها تي پهچي پنهنجو وجود وڃائي ڇڏيندي هئي، شازيا مون لاءِ ڪنهن خدا کان ڪمتر ڪين هئي ! ڇاڪاڻ جو خدا بہ هڪ مهذب عقيدو آ ۽ شازيا جي پريت چاهت بہ مون لاءِ خدا جيان مهذب عقيدو ئي هئي! بس فرق ايترو هيو، جو خدا جي عقيدي جو روپ نہ آ؟ شازيا جي محبت واري عقيدو جو روپ ان جو سندر عڪس هيو...!جنهن کي آئون پسندي ئي زاهد بڻجي ويو هيس.

هيلو هيلو...... ڇا ٿيو ! خاموشي جي اپرندڙ سج کي شبدن جي جبل پٺيان آٿيندي سنڌو وراڻي هئي

ڪجي ڪين سگهيو هيم ! ۽ بي جان مٽي جي بُت وانگر هڪ جاءِ تي ٽڪ ٽي جميو رهيو هئس!

هيلو هيلو آواز اچي ٿو ؟هيلو هيلو ڇا ٿيو ؟ ڳالهايو ڇو نٿا؟ سنڌو جو آواز مسلسل ٻڌڻ وٽان ملندو پئي رهيو هو

نہ چاهيندي بہ ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪري ڪن تي رکيل موبائيل هيٺ لاهي ڇڏي هيم! ۽ وڇوڙي جي گهرائپ پري سمونڊ اندر غوطا کائڻ لڳو هيس تہ پيهر موبائيل جي رنگ وڄڻ لڳي هئي جنهن جو آواز ٻڌندي ئي ڪاوڙ منجهان موبائيل شٽ ڊائون ڪري ڇڏي هيم!

ماسات اچ تہ هلون ٻني تي ! پيرٽ سان سجايل رومال ۾ ٻڌل ماني کڻندي ماسات صائما وراڻي هئي گهڙي منجهہ نظرون ڦيرايم تہ ٽائيم ساڍه يارنهن وڳي رهيا هيا.

ٽڪل قدم کڻي ماسات صائما پٺيان ٻني طرف روانو ٿيڻ لڳو هيس...!!
ڦهريون پيرو ڳوٺ جي هر گهٽي ڪنوار جيان سينگاريل نظر آئي هئي... جنهن جو جواز ٻڌائيندي ماسات صائما وراڻي هئي ماسات مرشد جو پٽ

۽ نَنڍي جيجي ڳوٺ طرف اچڻا آهن انڪري ڳوٺ جي هر گهٽي ڀاري وئي آهي.....!
پر مرشد جو پٽ ۽ ننڍي جيجي جي اچڻ سان ڳوٺ جي صفائي ڪهڙو تعلق رکي ٿي... ؟؟حيرت ڀري لهجي منجهه وراڻيو هيم
ڇا مطلب ...ناسمجهي جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ ماسات صائما الجهندي وراڻي هئي
مطلب تہ ڳوٺ جي صفائي ڪڏهن ۽ ڪنهن وقت بہ ٿي سگهي ٿي پر مرشد جو پٽ ۽ ننڍي جيجي جي اچڻ ڪري لازم ڇو...؟؟ اهڙو ڇا آ انهن جي اچڻ ۾...؟؟
ماسات هو قسمت سان ڳوٺ طرف اچن ٿا ! انڪري ڳوٺ جي صفائي ڪرڻ ضروري هوندي آهي ... ڇلانگ سان واٽر پار ڪندي ماسات صائما وراڻي هئي.
ماسات صائما سان گفتگو ڪندي ٻنين جا ساوڪ ڀريا منظر پسندو رهيو هيم تہ پنيان ڪنهن جي سڏ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا هيا، آواز ٻڌندي ئي ڪنڌ ورائي پٺتي نهاريو هيم خوشي جي لهر اداس من جي سمونڊ ۾ اٿل پٿل ٿيندي محسوس ٿي ۽ خوشي منجهان تيز آواز سان وراڻيو هيس تڪڙي اچ صاديا...!
صاديا تيز وکن جي صورت ۾ ڊوڙندي اسان سان گڏي! ۽ سهڪي جي صورت ۾ سلام وراڻيو هيائين! جنهن جو جواب ماسات صائما ۽ آئون گڏيل آواز ۾ ڏنو هو.
صاديا جي گلابي بدن تي ريڊي ميٽس جي ڊريس پسندي ئي منهنجون اکڙيون فاتح لشڪر هٽان ميدان ۾ ڪُپيل جهنبي جيان صاديا جي جسم ۾ مضبوطي سان ڪُپي ويون هيون ! ڇا تہ سندر لڳي رهي هئي، ڄڻ سڄي سنڌ جي سونهن صاديا جي جوڀن ۾ رقص ڪرڻ لڳي هجي! مهڪندڙ چهرو،

حسين ڳٽڙا، لالڙي جي سائي رنگ ۾ رنگيل چپڙا، وڪريل وڪريل ذلف جن منجهان عجب پيري سڳنڌ پکرجي ٿي وئي، ۽ اپريل ڇاتي جو دلڪش منظر جنهن کي پسڻ بعد نابود جذبا بہ ڦتڪڻ لڳا هيا!

ڪيئن آهيو !! صاديا مسڪراهٽ پيري لهجي منجهان پڇيو هيو

خوش آهيون تون ٻڌا وڏيري ! مان ڪجھہ وراڻيا ان ڪان اڳ ماسات صائما جواب ڏيندي چيو هيس صاديا ڪجھہ ڪين ڪڇي هئي! ۽ خاموش رهي اڄ ڀلا اڪيلي نڪري پئي آن ؟ ساهيڙي ڪاٿي اٿئي ؟ صاديا ڪان سوال ڪندي وراڻيو هيم

بس ڪير سدائين گڏ تہ نہ هوندو آ ؟ صاديا مسڪراهٽ چهري تي قائم رکندي وراڻي هئي

صاديا جو جملو ٻڌندي ئي يونيورسٽي جو مهڪندڙ ماحول ذهن جي نُپ مٿان ڪنهن اوپري بادل وانگر ڇائنجي ويو هو...!، اهو بہ ڪو وقت هيو جو يونيورسٽي جي چوديواري اندر جيون حسين لڳندو هو! پنهنجو پاڻ کي خوشنصيب ڀائيندو هيس، هر گهڙي چپڙن تي مسڪراهٽ ڪنواري جي حسرتن جيان رهندي هئي ۽ شازيا سان گڏ دنيا اندلٿي جيان رنگين ڀاسجڻ وٽان ملندي هئي جنهن ۾ هزارين خواهشون سمايل رهنديون هيون، ۽ مستقبل جا سهسين خواب جيڪي تڪميل تائين پهچڻ کان اڳ برباد ٿي پنهنجو وجود وڃائي ويٺا هيا، خيالن جي پاتال منجهان ٻاهر ڪيندي صاديا وراڻي هئي ساگر هيڏانهن اچ ...!۽ ماسات صائما کي چيو هيائين اسين پوء اوهانجي ٻني طرف اچون ٿا تون ماني ڪٽي پهچ...!

صاديا جي ريشمي چيلهہ کي ڏسندي احساس ٿيو هيم جيڪر هن دنيا ۾ عورت جهڙي خوبصورت تخليق نہ هجي ها تہ مرد ذات جو جيئڻ ڪنهن ناسور ڪان گهٽ نہ هجي ها ڇاڪاڻ تہ مرد ذات جي ڏنڏلي جياپي جون

سيئي رنگينون عورت جي ڪومل وجود سان ئي سلهاڙيل نظر ٿي آيون هيون، جنهن بنا مرد جو جيون بي رنگ ٿي لڳو هيو.
ساگر کهڙي ٻڏتر ۾ محو آهيو. . . ! گلابي لالڙي لڳل چپڙن مان سڳنڌ جون چُڱيون وکريل فضا ۾ وکيريندي صاديا وراڻي هئي
ڪائنات جي سونهن تي پئي سوچيو ! وڻ ٽڻ، موسم جي تبديلي، ڏينهن رات، سمنڊ ڪنارا، گل ڦل نہ هجن ها تہ هي ڪائنات ان سنسان مندر جيان لڳي ها، جيڪو مذهبي عقيدت جي آڙ منجهہ اجڙي ويراني جي ورچڙهي ويندو آ . ان مظلوم ۽ بيوس ڇوڪري جيان لڳي ها جنهن کي مردانو معاشرو ڪنهن ٽشو وانگر استعمال ڪري طوائف خاني جي ڊسٽ بن ۾ لاوارث بڻائي اڇلائيندو آهي، ان پورهيت مثل لڳي ها جيڪو پنهنجي جوان نياڻين جي اگهاڙي جسم کي ڍڪڻ ڪاڻ واحيات سيٺين جون ڇڙٻون سهي بہ مجبورن هٿڙي تي ڪم ڪندو آ، ٿڌو ساهہ کڻندي يڪساهي وراڻيو هيس.
زبردست... اها بہ حقيقت آ پر ڏنو وڃي تہ انسان ترقي جون حدون اوڙانگهي مريخ تي نگاهون وڌيون آهن مگر هيل تائين ڪائنات ۽ پنهنجو پاڻ کي پروڙي ڪين سگهيو آ، صاديا شعور منجهان وراڻي هئي. . .
جنهن جو مخاطبي جواب مونکي حيرانگي جي ڪيفيت ۾ الجهائي ڇڏيو هو . . . !!۽ سوچڻ لڳو هيس وڏيرڪي ٻار جي اهڙي سوچ ؟ ؟
ڇا ٿيو ساگر . . . . . . هڪ دفعو ٻيهر حقيقت جو عڪس ڏيکاريندي صاديا وراڻي هئي
اڪثر اخبارن، ٽيليويزن، ڪتابن ۾ وڏيرڪي خاندان جي سوچ ٻيپانڪ ۽ وڏائي سان ٽمٽار پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وٽان ملندي هئي پر توسان ملي اهڙو تہ نٿو لڳي !

اڇا ساگر ! پر منهنجي نظري نگاهہ سان اهو سڀ خانداني پرورش، ماحول تي هوندو آهي، هر وڏيرو ڄمندي ڄام نہ هوندو آ، ۽ ها ڪيٽاگيرين جو بہ وڏو اثر آ!
ڪيٽاگيري مطلب. . . ! الجهندي وراڻيو هيس
مطلب جيتري ملڪيت سرس ايتري وڏائي غرور ۽ تڪبر زياده هوندي آهي وڏيرن ۾. . .
آئون مسڪراهٽ جو چپڙن تي چٽيون لڳل جامو اوڍيندي هُج منجهان وراڻيو هيم مطلب تہ اوهانجي ڪيٽاگيري اڃان گهٽ آهي. انهيءَ منزل تي رسيا ئي ناهيو جتي وڏائي ۽ غرور آ.
صاديا ندامت منجهان ڪنڌ نوايو هو
جنهن جو اهڙو منظر پسندي مونکي پنهنجن چيل الفاظن تي احساس ٿيو هو!
ڪچهري جو رخ انقلاب طرف موڙيندي وراڻيو هيم صاديا آخر ٻهراڙي جي ماڻهن جون سوچون تبديل ڪيئن ٿينديون ؟ان لاءِ ڇا ٿيڻ ضروري آ. . . ! مثلن ٻهراڙي ۾ عورتن جي تعليم تي پابندي غليظ سوچ جي ڪري لڳل آهي.
ها بلڪل جنهن معاشري ۾ عورت جي آزادي کي گار سمجهيو وڃي، جنهن معاشري ۾ عورت جي جسم کي حيوانيت جي نگاهن سان تڪيو وڃي، جنهن معاشري ۾ عورت کي گهر اندران اڪيلو نڪرندي پسي رولو ڪتن وانگر واٽ روڪي ڇيڙيو وڃي، جنهن معاشري ۾ عورت کي ڪڙي ۾ عقل جهڙي تشبيهہ سان سينگاري زبان بند ڪرڻ جا دڙڪا ڏنا وڃن. جنهن معاشري ۾ عورت کي گهرن جي چوديوارين اندر قيد ڪري مڙس ماڻهو ۽ مردانگي جو تصور ظاهر ڪيو وڃي تہ اهڙي ماحول منجهہ عورت جي تعليم

جي ڳالھ ڪنهن گار کان گهٽ نہ هوندي آ...!! صاديا منهنجي چيل جملي جي شايد وضاحت ڪندي وراڻي هئي.
جي بلڪل مان بہ اهوئي پئي چيو! پر اهڙو معاشرو تبديل ڪيئن ڪجي؟؟
ڪجھ منٽ سوچن جي گهرائپ منجھ پاڻ وڃائيندي صاديا افسوس ڀري لهجي ۾ وراڻي هئي مونکي تہ مشڪل ٿو لڳي.....!
مطلب اوهين بہ نااميد آهيو!
جي ها، ڇو جو هميشا اڪثريت هيڪلائي کي مات ڏيندي آئي آهي!
صاديا جا اُميدن ڀريا تصور ذهن جي احساس ڪمتري واري سمونڊ ۾ بحري جهاز جيان غرق ٿيل مليا هيا جنهن کي حوصلن جي ٽيڪ ڏيندي وراڻيو هيس.
صاديا انسان هميشا وقت کان پوء فيصلا ڪرڻ سبب شڪست کائيندو آيو آ، جي اگر انسان هر صبح نئين سوچ ۽ رات سمهڻ ويل نئين مقصد جو تصور جوڙي صبح جو آغاز ڪري تہ يقينن ڪنهن بہ منزل ۾ ناڪام نہ رهندو.
ڇا مطلب.......
مطلب تہ انقلاب آڻڻ لاء اڪثريت نہ بلڪي ٿورائي جي ضرورت پوندي آ، اگر انقلاب آڻڻ لاء اڪثريت هجي تہ پوء انقلاب جي ڪهڙي ضرورت؟؟
ڇڏ بس انقلاب کي پيو ٻڌا، شهر ۾ ڇا ڪندو هئين!
پهريون ڀيرو صاديا منهنجي ذاتي زندگي ۾ داخل ٿيندي سوال ڪيو هو!
گهڻو ئي سوچيو ٻڌايانس تہ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هيس ۽ هاڻ پتڪي هت نڪتس ! پر همت ساري ڪين سگهيو هيم بس وراڻيو هيس گهر جو ڪم ڪار.....!
زندگي کي ڪيئن ٿا ڏسو ؟ ٿڌو ساھ ڀريندي ڏيري آواز ۾ صاديا وراڻي هئي.
زندگي...!

چاهيم تہ چئي ڏيانس زندگي ان بنا بريڪ ٽرين مثل آهي جنهن جي ڪٿ بہ ڪا اسٽيشن نہ آ، پر چاهيندي بہ خاموش رهيو هيس
چا ٿيو ساگر . . .
اداسائي جي گاڏڙ ۾ الجهندي وراڻيو هيم ڪجھ بہ نہ.
ساگر سچ تہ توکي پهرين نگاھ سان پسندي ئي من جي قبرستان ۾ دفن ٿيل خواهشون جاڳي پيون ۽ وجود اندر پيار جي موسيقي جو وساميل ڏيئو پيهر روشن ٿيڻ لڳو آ، جنهن جي روشنائي سان زندگي جا ڌنڌلا عڪس چٽا ٿيڻ لڳا آهن...!
صاديا زباني اهڙا شبد ٻڌي ذهن جي آڪاس منجھ ماضي جا ڪڪر ڇانئجي ويا ها ۽ شازيا جي اظهار دل لڳي جو تصور طوائف جيان نيڻن سامهون جهومڻ لڳو هو ! شازيا جنهن کي آئون پيار منجهان شازو ڪري سڏيندو هيس، جڏهن منهنجي سامهون حجابن ڀري ادائن سان پنهنجي پريت چاهت جو اظهار ڪيو هو تہ ان ويل يونيورسٽي جو ماحول خوشگوار محسوس ڪيو هيم ڇاڪاڻ تہ شازو مونکي هميشا اهو چئي پيار جي اظهار کان انڪار ڪندي هئي ! ساگر مان توکي آءِ لو يو چوندس پر وقت تي ! آئون حيران رهجي سوچيندو هيس اهو وقت ڪڏهن ايندو؟ پر هڪ ڏينهن شازو آءِ لو يو سان گڏ اهو بہ چيو هو ساگر سچ تہ توسان گڏ زندگي حسين لڳندي آهي، تون منهنجي اونداهي زندگي لاءِ چراغ مثل آهين، صاديا جي بہ اظهار دل لڳي شازو جي اظهار جيان يڪسابيت جهڙو لڳو هو !پر ڪڇي ڪين سگهيو هيس ۽ ڀرواڙي جي ساوڪ ڀري ماحول ۾ پاڻ وڃائيندي تصور جي سندر دنيا اندر محو رهيم. . .
ساگر ڇا پيو سوچين!
سوچيان پيو زندگي بہ ڪيڏي نہ عجيب آهي ! جو هر رخ هر موڙ تي هڪ نئون امتحان جو پرچو وصول ٿي ڪري!

مان ڪجھہ ڪين سمجھيس ! ناسمجھي جو اقرار ڪندي صاديا وراڻي هئي.
منهنجي چوڻ جو مقصد ڪي ڪي شيون انسان جي پهچ کان ڪافي دور هونديون آهن جن کي انسان چاهيندي بہ حاصل ڪري نٿو سگهي.
ائين تہ آهي ! ندامت منجهان ڪنڌ جهڪائيندي صاديا وراڻي هئي.
ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نہ اچي رهيو هيم، صاديا کي ڪيئن سمجهايان تہ مان توسان پيار ڪري نٿو سگهان ڇاڪاڻ تہ منهنجو جياپو ان سلي مثل سنگدلي جي سيلاب ۾ سڙي پنهنجي ساوڪ ۽ پري رونق وڃائي ويٺو آ جنهن کي نسرڻ ويل سهپ کان گهٽو آب ڏئي ساڙيو ويندو آ.
ساگر زندگي ڪيڏي نہ سندر آهي توجهڙي هم خيال ساٿي سان گڏ ! صاديا پنهنجي من جون دبيل خواهشون سليندي رهي هئي ۽ حسين مستقبل جون عمارتون ذهني تصور ۾ ڪنهن ڪاريگر جيان اڏيندي ٿي وئي ! جن کي چپ چاپ ٻڌندو ٿي رهيو هيم ۽ صاديا جي نقش قدمن پٺيان ڏيري ڏيري وکون کڻندي جهومندڙ فصلن جا ساوڪ ۽ پريا نظارا بہ ڏسندو رهيو هيس.
ساگر اداس ڇو آهيو؟ خاموش پسندي صاديا وراڻي هئي بس ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ جڏهن فيصلا زندگي جي اختيار واري واڳ کان پري ٿي وڃن تہ خاموش رهڻ ۾ ئي بهتري آ.
شايد اوهانکي تنگ ٿي ڪريان!
نہ نہ صاديا ائين نہ آ...
ڏسو ضروري نہ آ، جيئن اوهان سان گڏجڻ ۾ مونکي ڏنڌلي ڪائنات وڻندي آ ايئن اوهانکي بہ وڻندي هجي، ڇو جو هر ڪنهن جي فطرت پنهنجي هوندي آهي ! مان اوهان مان مطمئن آهيان ۽ اوهين بہ مون مان مطمئن هجو ائين ممڪن بہ نہ هوندو نہ ئي آهي، صاديا پنهنجن خواهشن جو اظهار

مسلسل سليندي رهي هئي جن منجهان احساس ڪمتري جي سڳنڌ محسوس ڪندو ٿي رهيو هيم ! ۽ پهراڙي جي موسم جو ڇهاءُ خزان جهڙي وجود تي بهار جهڙو ڪردار ادا ٿي ڪيو هو، جنهن کي محسوس ڪرڻ بعد من ۾ سڪون بخيشندر راحت جو هڳاءُ سگريٽ جي دونهي جيان ٻاهر نڪرندو رهيو هو، صاديا سان گڏ زندگي جا ڏنڊلا عڪس پهريون پيرو ڇتا ڇتا پسجڻ لڳا هيا، جن جي سحر منجهہ ماضي اونده ۾ پاڇولي وانگر غائب ٿيندي رهي هئي.....!

ساگر طبيعت تہ درست آهي نہ ! خاموش پسندي صاديا وراڻي هئي.

جي ها بلڪل ! ان کان اڳتي ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو تہ اچانک موبائيل جي رنگ وڄڻ لڳي! جنهن کي ڪيسي منجهان ڪڍندي ڏيري لهجي ۾ هيلو وراڻيو هيم

جي ساگر ڪيئن آهيو!

ٺيڪ ٺاڪ...

تہ پوءِ ڪڏهن ٿا اچو يونيورسٽي؟؟

يونيورسٽي جو لفظ ٻڌي اڳيان هلندڙ صاديا کان پريرو ٿي بيهي رهيو هيس ڇاڪاڻ تہ نٿي چاهيم صداقت جي خبر صاديا تائين پهچي ڇو جو صاديا اڳيان پاڻ کي بس عام شهري ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو هو ۽ شايد ڪري چڪو بہ هيس ...!

ڏسو سنڌو مونکي پريشان نہ ڪريو نہ تہ مجبورن اوهانجو نمبر بہ بلاڪ لسٽ ۾ لڳائي ڇڏيندس

ها تہ پوءِ ڇاهي هوندئن بہ تہ اوهين شازيا جو نمبر بلاڪ لسٽ ۾ لڳائي چڪا آهيو!

معذرت ڪير شازيا؟ آئون ڪنهن بہ شازيا کي نٿو سڃاڻيان! نہ ئي اوهانکي...! آئنده ڪال ڪري تنگ نہ ڪندا ڪريو اوڪي!

شازيا جو نالو ٻڌندي ئي جذبات تي ضبط آڻي ڪين سگهو هيم، ۽ ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪندي موبائيل ڪي شٽ ڊائون ڪري ڇڏيو هو! شازو جو ذڪر ٻڌي ويرناڻ ماڳ جهڙي ويران من ۾ احساس اٿل پٿل ٿيڻ لڳا هيا، ۽ دل جي ڌڙڪن تيزي سان ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي هئي، ڇاڪاڻ ته آئون شازو کي ميسارڻ ۾ ڪامياب ٿيڄي چڪو هيس پر سنڌو زباني بار بار شازيا جو نالو ٻڌي سنگدلي جي قبرستان منجهه دفن ٿيل پريت چاهت جي وجود کي چرپر ڪندي پايو هيم، جنهن کي ڪجهه عرصو پهريان شازو جي بي رخي واري لهجن روپلو ڪولهي وانگر قيد ڪري اجل راهه پيرو ڪيو هو. اداسائي جي گهيري ۾ جڪڙيل چهرو ڊونگي مسڪراهٽ سان خوشگوار ٿيڻائي اشارن ڀري انداز سان صاديا کي چيو هيم سامهون هلجي!
صاديا انڪار ڪندي وراڻي هئي نه مان توسان گڏ ان طرف نٿي هلي سگهان ڇاڪاڻ ته ان طرف مڇي جا فارم آهن جن ۾ مهاڻان مڇي پڪڙيندا هوندا.
صاديا جو انڪار سمجهه ۾ نه آيو هو! بس مات جي صورت ۾ صاديا جي نقش قدمن پٺيان هلڻ لڳو هيس ۽ وقت گذرڻ جو ڪو احساس ئي نه ٿيو هو، ڳاڙهسري روشني نماءَ سج کي جبلن پٺيان ٿڪاوٽ ڀريو وجود سمهارڻ ۾ ڪامياب ٿيندي ڏٺو هيم ...

(6)

امي تون ؟؟ ماسي وارن جي گهر پهچندي ئي امڙ تي نظر پئي هئي جنهن ڪي حيرانگي ڀري نظرن سان پسڻ لڳو هيس ۽ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڪو خواب ڏسي رهيو هجان ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن ڪڏهن زندگي جا پل اليو ٻڄي اوچتو اکين جي سامهون ڪڪر جيان ڇائنجي ويندا آهن جنهن جي ڪري انسان ڪي حقيقت بہ خواب مثل لڳندي آ.

جي پُٽ آئون . . . ۽ ممتا ڀري شفقت سان ڀاڪرن ۾ ڀڪوڙي ڳل چمڻ لڳي، امي جي ڀاڪرن مان آجو ٿيندي ئي سامهون ڪان ايندڙ ادي صنم تي نظر پئي هئي جنهن ڪي پسندي ئي رڙ جي صورت ۾ وراڻيس وچ ڙي وڏي موٽي ٿي پئي آن ؟

نهيو نهيو ! ڀاڻ وٽ رک خوشامندي . . .! شايد غصي منجهان ادي صنم وراڻي هئي

ادي سان ملندي گهڙامنجي تي ڀيل مٿ طرف ڀاڻي ڀيئڻ لاءَ وڌيو هيس تہ پويان ڪان ادي صنم وراڻي هئي اڙي او شهزادا هي ڪهڙا حال ٺاٺئي ڇڏيا اٿئي . . .!!

ڇو ڇا ٿيو آ حالن ڪي ؟؟ خوشي جي ڪيفيت چهري تي برقرار رکندي وراڻيو هيم

بس ائين ئي! سوچيان پئي تہ شهپر ۽ ڏاڙهي ڪان الرجي محسوس ڪندڙ شخص ڪڏهن ڪان سندر چهري مٿان وار رکرائڻ جو شوقين ٿيو. . . شايد طعنو ڏيندي ادي وراڻي هئي.

امان وارن ڪي ماسي جي گهر ۾ پسي اداس من ۾ خوشي جون لهرون محسوس ٿيڻ لڳيون هيون ۽ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ سموري ڪائنات جو

سُک ماسي وارن جي ڪُليل اڱڻ تي معصوم ٻارڙن جيان ڊوڙي رهيو هجي، ارد گرد جي ماحول ۾ سڳنڌ پنهنجو سحر نڇاوڙ ڪرڻ ۾ ڪامياب بڻجي وئي هجي، ۽ وچوڙي جي تندور ۾ نان جيان پچندڙ حوا کي پنهنجو آدم مليو هجي...!

وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو سيڪنڊ منٽن ۾ ۽ منٽ ڪلاڪن ۾ گردش ڪندا رهيا هيا ڪا خبر ئي نہ پئي هئي امان وارن کي ڳوٺ جي ساوڪ ڀري نظارن ۾ روح وندرائيندي هفتو گذري ويو هو!

ادا بنا ٻڌائڻ ۽ اچانڪ سان تنهنجو ڳوٺ طرف نڪري اچڻ سمجهہ ۾ نہ آيو ؟ سرنهن جي ڦولهاڙيل فصل منجهان گلڙو پٽيندي صنم وراڻي هئي.

مطلب!!......

مطلب تہ اسان ۽ يونيورسٽي جي خوبصورت ماحول کي اڌ ۾ ڇڏي اچانڪ سان ڳوٺ طرف ڪهڙي خيال سان نڪري پئين..؟ آخر ڇا ڳالهہ آهي...؟ شايد ادي صنم وضاحت طلبيندي وراڻي هئي.

بس مٺي ائين ئي ! گهمڻ جو موڊ ٿيو ۽ ڳوٺ طرف نڪري پيس ٿڌو ساهہ ڪڍندي وراڻيو هيم.

اڇا زبردست پر هاڻي واپسي جو ڇا خيال آهي؟ سڀاڻي اسان سان گڏ شهر هلندي يا نہ؟؟

نہ منهنجي مٺي في الحال ڳوٺ ۾ ئي ڪجهہ پل زندگي جا گهارڻ ٿو چاهيان. جنهن جي سادگي ڀري ماحول منجهہ مونکي سڪون ٿو ملي!

تہ پوءِ امي جو ۽ منهنجو ڪير آ اتي؟ سچ تہ توکان سواءِ پنهنجو منڙو بہ شهر ۾ نٿو لڳي اسان توکي وٺي پوءِ ئي ويندا سين. ادي صنم ضد ڪندي وراڻي هئي.

ادو جو آ... مان بہ شهر ايندس پر ڪجهہ وقت ڳوٺ ۾ گهاري پوءِ... ٽڪل لفظن جو سهارو وٺندي وراڻيو هيس.

اڄڪلھ ادو مصروف گھڻو رھندو آ، تون ئي ڪجھ ڪم ڪارن ۾ ھٿ ونڊرائيندو ھئينس جنھن سان واندڪائي ملندي ھيس پر ھاڻ سڄو سڄو ڏينھن مصروف!

وڏو جو آ...! گھر جي ذميواري نڀائڻي اٿس ! ادي صنم جي ڳالھ اڌ ۾ روڪيندي وراڻيو ھيس.

نڀائي تہ پيو ! ۽ ھا سچي شازيا تنھنجو روز پڇندي آھي تي چار پيرا اسانجي گھر بہ آئي ھئي ! پر مون اھو چئي واپس موٽائي تي چڏيو ھيم تہ ادو ڳوٺ طرف نڪتل آھي ڪنھن ڪم ڪار سانگي! ڪا بہ خبر نہ آ الائي ڪڏھن واپسي ڪندو جنھن بعد ھو خاموشي سان ھلي ويندي ھئي شازو جونالو ٻڌندي ئي من جي گلشن منجھ تڙيل گلاب ڪوماڻجڻ لڳا ھيا، ماٺار پريا گھاءُ متحرڪ ٿي وجود اندر ڪومل احساسن کي واسينگ جيان ڪکڻ جو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مشغول ٿڄي ويا ھيا جنھن بعد نئيرڙي ذھن تي ھزارين يادگيرين جو بوجھ محسوس ٿيڻ لڳو ھيو ۽ شازو سان گڏ گھاريل يونيورسٽي جي ھڪار پري ماحول ۾ زندگي جو ھڪ ھڪ پل ڪنھن مزار تي لڳندڙ ڏمال ۾ نچندڙ چيلي جيان جھومندڙ محسوس ٿيڻ لڳو ھيو.

ادا اھا سامھون ڇوڪري ڪير آھي؟ تصور جي پالار منجھ ڪبوترن وانگر اڏامجندڙ منھنجي حواسن کي حقيقتن جي ڪُڏي ھيٺ لاھيندي ادي صنم وراڻي ھئي.

ادي اھا ھِن ڳوٺ جي وڏيري ڪريمداد جي ڌيءَ صاديا آھي...! ڪجھ قدمن جي دوري تان نظر ايندڙ صاديا طرف اشارو ڪندي وراڻيو ھيس.

ھا آئون بہ ڇوان وڏي گھمنڊ سان اسان طرف ٿِي وکون کڻندي اچي. نظرون صاديا جي ڌنڌلي عڪس طرف ڪپائيندي صنم وراڻي ھئي.

نہ نہ اهڙي ڇوڪري نہ آ، وڏيري جي ڌيءَ هوندي بہ ڪنهن وڏائي پيري خوش فهمي ۾ جڪڙيل نہ آ بس نرم لهجي ۽ سادي مزاج جي مالڪياڻي آهي
مطلب تہ صاديا سان اوهانجي اليڪ سليڪ آهي؟
جي بلڪل هن ڳوٺ ۾ اها صاديا ئي تہ آهي جنهن جي سوچ سان پنهنجي سوچ همبستري ڪندڙ جيون ساٿي جيان ميلاپ رکندي آ، صاديا بہ سلام ڪندي پهتي هئي
هي منهنجي نڻدي ڀيڻ صنم آهي تعارف ڪندي وراڻيو هيس
تعارف ٿيڻ بعد ادي صنم سان صاديا هڪ دفعو ڀيهر ڀاڪر پائي ملي هئي ۽ وراڻي هئي مون مهاڌڻ جي هڪجهڙائي سان محسوس ڪيو هو تہ اوهانجي ويجهي رشتيدار ئي هوندي، شابس اٽئي هِن ڪني جهڙو ڪري ڇڏيئي !
ادي صنم پوڇڻ جي انداز ۾ صاديا کي چيو هو
ڇا ۾ ڪنو آ ؟؟ صاديا خوبصورت مک تي گهنج آڻيندي وراڻي هئي
تون ئي ٻڌا تہ ڀلو ڇا ۾ آ؟؟
هر شيءَ ۾ تہ سهڻو آهي، سيرت ۾ صورت ۾...
ٿهيو وڏيڪ تعريف نہ ڪرينس انا ۾ نہ اچي وڃي، صاديا جو جملو اڌ ٻڌو ڪندي وراڻي هئي
هاهاهاها ڀلا هاڻ بس بہ ڪر ادي ... مسڪراهٽ لبڙن تي آڻيندي وراڻيو هيس
بس بہ ڪيئن ڪريان ؟ پنهنجي ڀاءُ جي محبوبا واتان واڪاڻ جو ٻڌان پئي
ادي صنم واتان محبوبا جو نڪتل شبد ٻڌي ندامت منجهان ڪنڌ کي جهڪايو هيم ۽ ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو ڄڻ ڌرتي پيرن هيٺان کسڪي وئي هجيم! ڀهراڙي جو ساوڪ جي چادر سان ڍڪيل ماحول اوچتو ننگو ٿجي شرمساري منجهان مونکان پنهنجو چهرو لڪائڻ چاهيندو هجي،

صاديا ڪجهہ ڪين ڪچي هئي! بس خوشگوار موڊ تي مسڪراهٽ برقرار رڪندي مون طرف تجسس ڀري نگاهہ سان گهورندي رهي
آئون ندامت ڀري لهجي منجهان صاديا سان مخاطب ٿيندي وراڻيو هيس
سوري، صنم جي ڳالهہ دل ۾ نہ ڪجو .ڇو جو هر وقت بيوقوفي جهڙيون ڳالهيون ئي ڪندي رهندي آ ۽ صنم طرف غصي منجهان نهارڻ لڳو هيس
صنم پنهنجي لفظن جو ازالو ڪندي صاديا کان معافي وٺڻ لڳي، جنهن تي آئون هڪ دفعو ٻيهر غصي منجهان وراڻيو هيس اگر توکي ڳالهائڻ نٿو اچي تہ نہ ڳالهائيندي ڪر...
نہ نہ صنم کي ڳالهائڻ ڏي ! ڇو ٿو روڪينس صاديا وراڻي هئي
صاديا جي ڇيل لفظن مان الائجي ڇو پاڀوهہ جي سڳنڌ محسوس ٿي هئي، ۽ ائين لڳو هو ڄڻ صاديا جي من جو اڌورو اظهار صنم سليو هجي ! ڇاڪاڻ تہ صنم جي ڇيل جملي بعد صاديا جي خوبصورت چهري جا ڏنڊلا عڪس مهڪي خوشگوار بڻجي چڪا هيا، جنهن کي پسڻ بعد ماضي ياد اچي ويو هو، آئون شازو کي ساهہ کان وڌ چاهيندي بہ ان سامهون ان سان اظهار ڪري نہ سگهندو هيس، هي بہ هڪ انسان ۾ عجيب احساس هوندو آهي جنهن جو چاهيندي بہ اظهار ڪري نہ سگهندو آ،
ڇا ٿيو ادا، خيالن جي سمونڊ منجهان ٻاهر ڪڍندي صنم وراڻي هئي
ساگر آئون توسان بي پناهہ پيار ڪندي آهيان، جنهن جو توسان اظهار ڪري ڪين سگهندي آهيان، پر اڄ صنم منهنجي دل جي ڳالهہ چورائيندي توسان من جو باطن اظهار سليو.
صاديا جي زبان منجهان پريت چاهت جي اظهار ڀريا لفظ ٻڌي زندگي جي سونهري پلن ۾ زوردار جهٽڪو لڳو هيو، ايئن ڀائنو هيم ڄڻ وجود مٿان هيروشيما، ناگاساڪي وانگر ائٽم بم جو حملو ٿيو هجي، جنهن جي ڌماڪي بعد ڪومل احساس ذرا ذرا ٿي فضا سان گڏ وکرجي ويا هجن،

ڪچي ڪين سگهيو هيس ۽ اجل جي چنبي ۾ آيل معصوم زندگي وانگر سڪرات جهڙي ڪيفيت ۾ جڪڙيل رهيو هيم منهنجي اهڙي ڪيفيت ڪي پسندي تعجب منجهان صاديا وراڻي هئي ڇا ٿيو؟؟
مان توسان پيار ناهيان ڪندو! مونکي سخت نفرت آهي پيار ڪان، مان صرف توکي هم خيال دوست جي نگاهن سان پسندو آهيان ! ايئن ڪڏهن به نه سوچجاءَ ته تو ۾ ڪو عيب هيو، تو منجهه هزارين سٺايون آهن ڪنهن به ڳالهه جي ڪمي تنهنجي زندگي منجهه نه آ، هر پاسي ڪان تون خوبصورت ۽ مڪمل آهين
نيڪ آهي ساگر پاڻ بهترين دوست ئي آهيون، شرم منجهان ڪنڌ جهڪائيندي زوردار آواز سان منهنجي ڳالهه اڌ ۾ روڪي صاديا وراڻي هئي ادي صنم سڀ ڪجهه خاموشي سان ٻڌندي رهي هئي.
صاديا جي اندلٿي جهڙي خوبصورت مک تي پريشاني جا تاثرات پسي ڪاوڙ لڳي هيم، ۽ پنهنجو پاڻ ڪي هٽلر جيان ظالم تسليم ڪندي سوچڻ لڳو هيس مونکي ايئن ڪرڻ نه پيو گهرجي صاديا جي خواهش ۽ احساس جو خيال رکڻ به مون لاءَ عبادت جيان ضروري هيو، نه نه مون ڀلو ڪيو؟ ڪنهن ڪي دوکي ۾ رکڻ به سنو ڪم ٿورئي آ، هونئن به منهنجي ڪوڪلي جياپي ۾ رهيل ڇا هيو جو صاديا ڪي ڏيان ها ؟ زندگي جي وڻ منجهان سيئي ميوا ڪو سنگدل ته ڇٽي ويو آهي...
ادا امي وارا سڏن ٿا شايد ڳوٺ وڃڻ لاءَ ؟
ڪجهه قدمن جي مفاصلي تي ماسي ۽ امي ڪي پسيو هيم جيڪي ٻنين وچان ڳوٺ طرف ويندڙ رستي تي بيٺل هيا،
اڇو ته هلون ادا... !۽ صاديا به اسانسان گڏ ڳوٺ طرف روانو ٿي هئي ساوڪ ڀري نظارن جي منزل پار ڪري ڳوٺ جي ڪشادين گهٽين ۾ پهتا هياسين ته وات تي حفيظ مليو ۽ وراڻيو هو

اڄ ماسات مرشد طرف ٿا هلون......

نہ ماسات تون ٿي اڄ آئون نٿو هلان

حفيظ ضد ڪندي پاڻهن ۾ هٿ وڌا ۽ هجت ڀري لهجي ۾ وراڻيو هو اڄ تہ جلدي ۾ ٿا موٽي اچئون

نہ چاهيندي بہ ٿڪل قدم کڻي حفيظ سان گڏ مرشد پاڪ جي حويلي طرف روانو ٿيو هيم حويلي پاڪ منجهہ پهچندي ئي ڳوناڻن ماڻهن جو انبوهہ پسڻ وٽان مليو هو جيڪو ڌرتي تي وڇايل مير انجهڙي غالين مٿان ويٺل هيا آئون تعجب ڀري نگاهن سان مرشد پاڪ جي حويلي جو منظر ڏسندو رهيم، پڪين سرن سان نهيل چئن ڪمرن اڳيان ورانڊي نما حال پلستر ٿيل ديوارون ۽ انهن مٿان رنگ روغن ٿيل کُليل آڳنڌ سان گڏ وڏي چوديواري ڏنل جنهن ڪري حويلي ڪشادي نظر ٿي آئي هئي، چوديواري جي چوطرف ننڍڙا ٻوٽا ۽ قسمين قسمين موسمي گل سجاوٽ خاطر حويلي جي رونق ڪي چار چنڊ لڳائڻ وارو ڪردار ادا ڪري رهيا هيا، حويلي جي ڪمري اندران جڏهن سفيد پوش سانوري رنگ سان بندرو شخص ٻاهر نڪتو هو تہ ماڻهن جي متل انبوهہ ۾ حرڪت اچي وئي ۽ ان بندري شخص کي ڏسندي ئي سڀ جو سڀ احترام طور اٿي بيهي رهيا هيا گهڻا تہ وارو ملندي ئي ان شخص جي قدمن تي جهڪندي نظر آيا هيا، سفيد پوش شخص هٿ جي اشاري سان انهن کي ويهڻ جي هدايت ڪندو پنهنجي مخصوص انداز سان اڳتي وڌندو ٿي ويو هو، سائنس جي ترقي يافتا دور هوندي بہ ڳوناڻن ماڻهن جي اهڙي نوڙت ڀري روش پسي انهن اياڻن ۾ شعور جي ڏاڍي ڪمي محسوس ٿي هئي ! انهن سادڙن ۽ اٻوجهہ ڳوناڻن کي عقيدت جي آڙ منجهہ پيري ۾ ڦاٿل پکي جيان غلامي جي ڄار ۾ الجهندي ڏسي سوچڻ لڳو هيس. آخر ڇا ٿيندو پنهنجي قوم جو جيڪا اڄ جي ترقي يافتا دور ۾ بہ ڪنهن قيدي وانگر عقيدت ۾ قيد ٻڌيل نظر آئي

هئي ؟ شايد انهن سادڙن ۽ ابوجهہ اياڻن جي اياڻپ سادڙائپ ئي انهن کي آساني سان چالاڪ مڪار ۽ شاتر ماڻهن جي هٿان ڇيهو رسائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو هيو .اهو شخص ڳوناٽن سان رسمي دعا سلام ڪرڻ بعد وچي پنهنجي مخصوص جاءِ تي ويٺو هيو ۽ سڀ منتظر ماڻهون پٽ تي وڇايل غاليچن مٿان پلٿي ڪوڙي ويهي رهيا هيا .چند ماڻهون ان شخص جي قدمن گوڏن ۽ ڪلهن تي زور ڏيڻ ۾ مشغول ٻٽيل نظر آيا هيا.اچانڪ هڪ ڳوٺائي عقيدت منجهان نوڙي ان شخص جي پيرن تي هٿ رکي سلام ڪيو هو ۽ سس پس ڪري ڪن ۾ الائجي ڇا چيو هيائينس تہ اهو ڪرسي تي ويٺل بندرو شخص ڪرسي تان اٿي ان سان گڏ وڃڻ لڳو هو ۽ ويٺل ماڻهن کي اتي خاموشي سان ويهڻ جو اشارو ڏئي حويلي جي هڪ ڪنڊ طرف روانو ٿيو هو.چند منٽن جي گذرڻ بعد اچانڪ ان ڪنڊ منجهان رانياٽن جو آواز ٻڌڻ وٽان آيو هيو سسڪين سڏڪن وارو آواز ڪنهن عورت جو محسوس ٿيڻ لڳو هيو. ان آواز کي ٻڌڻ بعد اهو اندازو لڳائي چڏيو هيم تہ پڪ سان هن کي ڪا تڪليف يان ڪو اهنج هوندو ان سبب هو درديلون آهون تڪليف ۾ پري رهي هوندي ۽ اهو آواز مونکي پهريان بہ ٻڌڻ منجهہ آيو هيو جنهن جو جواز ٻڌائيندي حفيظ چيو هيو هر ماهِ پاري جمعو رات مرشد عورتن مان جن ڪڍندو آهي ۽ اهو آواز جن ڪڍندڙ عورت جو ئي هوندو آهي. درديلي آواز کي ٻڌندي ئي پنهنجي قدمن جو رخ ان طرف وڌايو هيم تہ پٺيان ماسات حفيظ سڏ ڪيو هو ۽ ان طرف وڃڻ کان روڪڻ لڳو هيو.

ماسات ڇا پيو ڪرين ۽ ڪيڏانهن پيو وڃين ان طرف نہ وڃ چو تہ سائين وڏو ڪنهن عورت جو جن ڪڍي رهيو آهي.

پر ماسات مان بہ اهو منظر ڏسندس تہ جن ڪئين نڪرندو آهي ۽ تجسس وچان ان طرف هلڻ لڳو هيس.

ھڪ معصوم ڪمزور جسم سان نوجوان عورت پٽ تي ويٺل نظر آئي ھئي جنھن جا ڏکيا ڳھاٽا ڪارا وار وکريل وکريل ھيا جنھن ۾ معصوم چھرو چنڊ جيان ڪڪرن ۾ لڪي وڃڻ جھڙي منظر نگاري پيش ڪري رھيو ھيو، وکريل ذلفن جون چڳيون، سج جي ڳاڙھسڙي روشني جھڙيون خماريل اکڙيون، گول مٺول ڇاتي، گلابڙن جيان ٽڙندڙ مُک ۽ ٺر جي واريا سي زمين جھڙو ڏيک ڏيندڙ خشڪ چپڙا جنھن سان ايئن پئي لڳو ھيو ڄڻ سنڌو درياءَ جيان صدين جي اڃايل ھجي.

وکريل ڏکھن ڪارن وارن ۾ لڪيل ان عورت جي چھري کي آزاد ڪرائيندي جڏھن ان قد جي بندري شخص ھن جو ڪنڌ مٿي ڪيو ھو تہ ان آواز ۾ دردن جي سوز کي سمجھڻ خاطر ان معصوم عورت جي نازڪ ڳلڙن مٿان آڱرين جا نشان پسڻ وٽان مليا ھيا جيڪي صاف وضاحت ڪري دليل ڏئي رھيا ھيا تہ درديلون آھون ڏک لڳڻ جي پيڙاءَ سبب نڪري رھيون ھيون قد جي بندري شخص پنھنجي آڱرين ۾ ان عورت جي وارن کي ڏنڊلائيندي وڏيڪ وراٽيو ھو جلدي پيالو ڪڍي اچو، فقير کي پياري ڪڙي ۾ آٽڪو آھي.

جي مرشد سائين جي... ! ۽ اتي موجود انبوھ منجھان ڪجھ عقيدت ڀريا آواز پڙاڏن جي صورت ۾ گونجڻ لڳا ھيا.

مرشد سائين ھي وٺو پيالو. ھڪ سادڙي ڳوٺائي پريشاني واري ڪيفيت منجھان پاڻي سان پُر ٿيل پيالو پيش ڪندي مرشد سان مخاطب ٿيو ھو.

مرشد چپڙن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي پاڻي جا ڇنڊا دوشيزه جي چھري تي ھڻڻ لڳو، دوشيزه جي مک تي ٿڌڙي پاڻي جا ڇنڊا پوندي ئي ان جي ڪمزور جسم ۾ ڏڪڻي جي ڪيفيت پئدا ٿي ھئي. دوشيزه جي اھڙي ڪيفيت کي پسندي مرشد پاڪ پنھنجو ھٿوڙي نما ھٿ زوردار چماٽ واري انداز ۾ دوشيزه جي نبل جسم تي وھائي ڪڍيو ھو چماٽ جو زوردار آواز حويلي

جي ڪنڌ ۾ گونجيو ۽ درد نہ سهندي هڪ دفعو پيھر دوشيزه رڙيون ڪري تڪليف منجهان ڪنجهڻ لڳي هئي!
وٺ پيالو جلدي پي. جي ڪڙي ۾ قابو نہ ٿيندي تہ اهڙو حشر ڪندوماڻ ۽ جو ستن پيڙهن کي ڏس ڏيندي .بهتري انهي ۾ اٿئي منهجي ڳالهہ مڃي وٺ !اڙي ڇورا انهن سيخن کي تہ تپايو جلدي ڪيو جي پيالو نٿو پئي ۽ مونکي نٿو مڃي تہ ڏيڪاريانس ٿو تہ مرشدن جي انڪاري جو حشر ڇا ٿيندو آ.
قد جي بندري ان شخص ڪڙڪيدار آواز ۾ ان عورت مٿان تشدد ڪندي ڌمڪائڻ واري انداز ۾ وراڻيو هو.
بندري قد واري ان شخص جنهن کي سڀ مرشد پاڪ ڪوٺي رهيا هيا شايد اهوئي سائين وڏو هيو جنهن جي باري ۾ ڪجھہ ڏينهن پهريان ماسات حفيظ مونسان ذڪر ڪيو هو.سائين وڏي جي عورتذات سان اهڙي اڏنگي روش تي من ڪروڌ منجهان پڙڪو ڪائي اٿي پيو هو ۽ جذبات جي ورچڙهندي سوچڻ لڳو هيس تہ هي ڪهڙي ڪيڏي روش آهي . جو هڪ بيوس عورت سان جانورن جيان ورتاء ڪيو پيو وڃي. آخر ڇاڪاڻ حوا ڄائي ازل کان غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي مظلوميت جو ڪردار نڀائيندي پئي اچي.
ڇا پيو سوچين ماسات؟؟ منهنجي وجود کي ڌوڏيندي حفيظ وراڻيو هو.
ڪجھہ ڪين ڪڇيو هيس ۽ حقيقت سان متعارف ٿيڻ ۾ ڪامياب ويو هيم ماسات اسانجو مرشد ڪامل ولي آ... ! ان فقير کي مڃائي پوء ئي هٽ ڪيندس ڏسجان تون ماسات حفيظ ڳالهہ کي ڊيگھہ ڏيندي وڏيڪ وراڻيو هو.
مرشد پاران عورتذات سان اهڙي تذليل پسي جذبات تي ضبط نہ آٽي سگهيو هيس ۽ ڪاوڙ منجهان وراڻيو هيم هي سڀ ڇاهي؟ ۽ آئون ڇا ڏسي رهيو آهيان؟؟ پنجري جيان بند ڇپڙن مان آواز جڏهن پڙڪو ڪائي قيدي ٻٽيل پکين جيان آزادي ماٽي ٻاهر نڪتو هو تہ چوڌس ماحول ۾ حيرانگي

واريون نگاهون مونکي تڪڻ لڳيون هيون ۽ مرشد کي به ششدر ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيندي حيرانگيءَ وچان ڏسي رهيو هيس.

اڙي ماسات ڏسين نه پيو مرشد پاڪ عورت جي جسم مان جن ڪڍي رهيو آهي، پر ۾ بيٺل حفيظ وراڻيو هو.

هي ڪهڙو طريقو آ جن کي ڪڍڻ جو؟؟ جذبات جي وهڪري ۾ ٻڌندي وراڻيو هيس.

هي ته ڪجهه به نه آ مرشد پاڪ وٽ جن ڪڍڻ جا الائي ته ڪيترا طريقا آهن.

پُٽ جن کي ضبط ۾ آڻڻ سولو ڪم نه آ، مجبورن هر طريقو استعمال ڪرڻو ٿو پوي، حفيظ جي ڳالهه پوري ٿيڻ کان اڳ نياز نوڙت واري لهجي ۾ مرشد پاڻ سنڀاليندي وراڻيو هو.

صحيح آهي پر حساس نفيس نازڪ عورت سان اهڙي روش؟؟

اڙي چريا اٿ مرشد چماٽ عورت کي ٿورئي جن کي هنئي هئي حفيظ هڪ دفعو ٻيهر وچ ۾ وراڻيو هو.

حفيظ جي زبان مان عقيدت جي انڌ ۾ جڪڙيل ناسمجهي وارا شبد ٻڌي سوچڻ لڳو هيم چماٽ جن کي لڳي ۽ دانهن ڪري عورت بيهوش ٿي، هي ڪجهه عجيب نه آ......؟؟ سوچن جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙيندي وڌيڪ سوچيو هيم جڏهن ته جن باهه جي پيدائش آهي ۽ باهه کي اسين ڏسي سگهون ٿا پر ان مان پيدا ٿيندڙ جن مخلوق کي ڇو نه؟؟

ان کان وڌ تعجب جوڳي ڳالهه اها ته جن مخلوق پنهنجو وجود رکي ٿي. جي اگر ان ڳالهه ۾ ڪا صداقت آهي ته عورت يا مرد جي جسم ۾ گهرڻ دوران ان جو وزن وڌي ڇو نٿو وڃي؟ ، جُن کان انسان ذات ازل کان ڊنل ڇو رهي آهي ۽ وڏي ڳالهه اها به ساڄاهه کان ٻاهر آهي ته جن اڪثر ڪري پڻتي پيل سادڙن ۽ اڀوجهه ڳوٺائي ماڻهن جي عورتن جي وجودن تي

قابض ڇو بڻجندا آهن ؟ان دوشيزه ڪي نيم بيهوشي واري حالت ۾ ڏسي سائين وڏي ڪڙڪيدار آواز ۾ وراڻيو هو.

هِن ڇوڪري کي ڊيڊ جن جو سايو آ، اڄوڪي رات ترسڻو پوندئو، دوشيزه سان گڏ آيل نوجوان مرشد جي ڳالهه کي عقيدت منجهان مڃيندي هائوڪار ۾ ڪنڌ کي جهڪايو هيو جيڪو شڪل صورت ۾ پهلوان ڪان گهٽ ڪين ٿي لڳو هو.

دوشيزه کي نيم بيهوشي واري حالت ۾ مرشد جي پن خليفن حويلي پاڪ جي اتر واري ڪمري اندر ڪٺي وچي واڙي ڇڏيو هيو.

ڊيڊ جن مان ڇا مراد آهي؟ سنجيدگي واري ڪيفيت برقرار رکندي مرشد سامهون وراڻيو هيس.

پُٽ جن مخلوق به اسان انسانن جيان ذات پات مذهب ۽ مختلف فرقن ۾ ورهايل آهي، ڪو مسلمان ته وري ڪو هندو، ۽ ڊيڊ جن مان مراد غير مذهب جن جيڪو پهتل ولين ۽ مرشدن کي نه سڃاڻي انهن جو انڪاري بڻجي پوندو آ...! اهڙي غير مذهب جن کي مار موچڙي ۽ عمل وسيلي ڪڙي ۾ آڻي قابو ڪيو ويندو آهي.

مرشد پاڪ جي زبان مان نڪتل لفظ ٻڌي افسوس ٿيو ۽ هڪ دفعو ٻيهر تخيل جي سمونڊ ۾ غوطا کائيندي سوچڻ لڳو هيس! ڇا ٻاهه ڪنهن مذهب جي محتاج آهي؟ جي اگر نه ته ان مان پئدا ٿيندڙ جن مخلوق ڇو؟؟ هي سڀ ڇا ماجرا آ؟؟ جن مخلوق جي باري ۾ انسان اها دعوي ڪيئن ٿو ڪري ته هي جن هندو آ؟ ۽ هي جن مسلمان؟ جڏهن ته جن مخلوق کي ڏسي به نٿو سگهي ۽ ان جو مذهب ذات پات دين ڌرم ڪيئن ٿو ڄاڻي؟؟

پُٽ شايد توکي خبر نه آ؟ جن مخلوق ڪيتري خطرناڪ آهي...!

تعجب ڀري سوچن ۾ الجهندي پسي مرشد وراڻيو هو.

مطلب ...!!

جن مخلوق منهنجي سامهون ڪافي خوبصورت عورتن جا ڳاٽا پڳا جيڪي سورن جا ستم نہ سهندي اجل جي منهن ۾ هليون ويون.
مرشد جي ڳالهين مان اهو معلوم ٿي چڪو هيو تہ! مرشد خدا ڪان وڌ جن مخلوق ڪان ڊنل آهي ايتريقدر جو شرڪ ڪندي ساھ ڪڍڻ جو اختيار بہ جن مخلوق حوالي ڪري ڇڏيو هيائين.
سوال ڪندي وڌيڪ وراڻيو هيس مرشد ڇا جن ورتل عورتن سان گڏ ڳاٽو پيچڻ وقت جن بہ مري ويندا آهن؟؟
نہ پُٽ جن ڪيئن مرندا، جن تہ عورتن جو ڳاٽو پيچي انهن جي جسمن مان نڪري ويندا آهن...
تہ پوء مرشد تو وٽ ثبوت ڪهڙو آهي هينئر تو جيڪا چماٽ عورت کي هنئي اها جن کي لڳي هجي؟ ڇو جو اهو بہ ممڪن آهي ان وقت جن نڪري ويو هجي جيئن ڳاٽو پيچڻ وقت نڪري ويندا آهن، مرشد کي پنهنجن ڳالهين ۾ الجهائيندي وراڻيو هيس.
مرشد ڪين ڪڇيو هو ۽ پر ۾ ويٺل خليفي کي پاڻي پيارڻ جي هدايت ڪئي هيائين ۽ آئون مرشد جي چهري تي پريشاني جون ريکائون پروڙڻ لڳو هيس جيڪي مرشد پاڪ جي نڳي وارن تاهن کي واضح نموني ظاهر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون هيون.
پاڻي جو گلاس يکساهي ۾ ڏوڪيندي مرشد ماڻهن جي انبوھ طرف نهار وجهندي ڪاوڙ منجهان مون طرف اشارو ڪندي پڇيو هيو تہ هي نوجوان ڪير آهي؟
ماسات حفيظ عقيدت واري انداز ۾ مرشد اڳيان نوڙت ڪندي جواب ڏنو هيو مرشد پاڪ هي منهنجو ماسات ساگر آهي ماسڙ رحمان جو پٽ جيڪو ڪافي سال پهريان شهر لڏي ويو هيو.

روزانو ايندو ڪر انشاءَ الله سڀ ڪجهہ سمجهي ويندي تعارف ٿيڻ بعد مرشد منهنجي ڪلهي تي هٿ سان ٿڦڪي هڻندي وراڻيو هو...!

ڳوٺ وارن اڻوجهہ سانگيئڙن ڪي عقيدت جي ڄار ۾ الجهندي پسي حيرت ٿي هئي ۽ سائنس جي ارتقا موهن جي دڙي وانگر ڀرارڙي جي ماحول ۾ دٻيل نظر آئي هئي.

ماسات صفا ڪو بيوقوف آهين ؟؟ حفيظ وراڻيو هو.

وري ڪيئن ماسات...

مرشد اڳيان سوال ٿورئي ڪبا آهن غصي واري ڪيفيت برقرار رکندي حفيظ چيو هو.

ڇو ماسات مرشد سامهون سوال ڪرڻ گناهہ آ ڇا؟؟

نہ ماسات پر مرشد جلالي ۾ اچي ڪا بددعا ڏئي ها تہ پوءَ... حفيظ منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هو.

اڇا مطلب تہ مرشد بددعا بہ ڏيندا آهن ... ڪنڌ ڌوڏيندي وراڻيو هيس.

ماسات توکي ڪهڙي خبر مرشدن جا پٽيل ساوا نہ ٿيا ۽ ها ڇورو صدو ڪيئن مئو هو خبر اٿئي؟؟

ڪهڙو صدو ؟؟ ذهن تي زور لڳائيندي سوچڻ لڳو هيس.

اڙي توکي پڌايو جو هيو يونيوستي وارو ڪامريڊ...

ها ها جيڪو روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ مري ويو هو.

نہ نہ مرشد جي بددعا جي ڪري مئو هيو! ۽ موت بہ اهڙو ٿيس جو توبہ مالڪ بہ سڃاڻي نہ پيا سگهنس.

مرشد جي بددعا مطلب ! حيرت ڀري سوچن ۾ الجهندي وراڻيو هيس.

اڙي ماسات صفا ڪو لُل آهين توکي پڌايو جو هيو تہ مرشد خلاف اجايو بيهودا ڳالهيون ڪندو رهندو هيو ۽ مرشد کي نڳ ڪان سواءِ ڪين سڏيندو

هو، هڪ ڏينهن مرشد ڪان بددعا نڪري وئي ۽ روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ ڪتي جو موت مئو. . . ! ڇو جو مرشد پهتل زنده ولي آ...!!

(7)

ساگر پليز نمبر آن (کولڻ)ڪريو. شازو اوھان سان ڳالهائڻ ٿي چاھي پليز پليز ...!

ڪيسي ۾ پيل موبائيل آن ڪيم تہ سنڌو جا ڪافي ميسيج موبائيل اسڪرين تي اڀرڻ (ظاھر) لڳا ھيا.

سنڌو جا آيل ميسيج پڙھي ڪال ڪئي ھيم تہ سنڌو جو نمبر مصروف مليو ھو... ! بار بار ذھن تي زور ڏئي سوچڻ لڳو ھيس سنڌو نالي يونيورسٽي ۾ تہ ڪا بہ شاگردياڻي ڪون ھئي! آخر ھي ڪير آ شازو ۽ مونکي ڪيئن ٿي سڃاڻي؟

ادا ڇو پريشان آھيو...!! اڻ تڻ واري ڪيفيت ۾ جڪڙيل پسي صنم وراڻي ھئي.

اداسائي جي گھيري ۾ وڪوڙيل چھرو ڊونگي مسڪراھٽ سان خوشگوار بڻائيندي وراڻيو ھيس نہ نہ ادي پريشان ناھيان...

ادا اوھين مونکي نٿا وڻو ...! سچي ۾ بہ ڪنا آھيو.

ڇو ادي؟؟

صاديا جھڙي حسين ڇوڪري جي پيار واري آڇ توکي ٺڪرائڻ نہ پئي گھرجي.

صاديا منھنجي ھم خيال بھترين ساٿي آھي ! ۽ مان ھُن جي دوستي کي پيار جي روپ ۾ بدلڻ نٿي چاھيم.

آخر ڇاڪاڻ؟ ۽ ڪھڙي ڪمي ھئي جو صاديا کي صرف دوستي جي تند تائين محدود بھتر رکيئو؟؟ ادي صنم سوال ڪندي وراڻي ھئي.

من گھڻو ئي ٿي چاهيو تہ ماضي ۾ ٿيل هاجو ليڪ جي ڪنهن ڪُليل ڪتاب وانگر اڳيان کولي رکانس ۽ ٻڌايانس تہ چنڊ جي چانڊاڻ جهڙي مشابهت رکندڙ ڪنهن صاف ڇهري هٿان پهريان ڪان ئي دوکو ڪائي چُڪو آهيان هاڻ ٻيهر ڪنهن جي پريت چاهت ۾ دوکو ڪائي نٿو سگهان ڇاڪاڻ جو پنهنجي پٺون ٿيل جسم ۾ هاڻ وڌيڪ سگھہ ساري نٿو سگهان، پر خاموش رهيو هيم ڪجي ڪين سگهيو هيس ڪجھہ منٽن بعد صاديا ڪي پاڻ طرف ايندي ڏٺو هيم!...

الله ڪندو خير، وڏيرڪي ٻار جو اڄ اسانجي ڪڪائين گھر ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو، صاديا کي گھر جي آڳنڌ ۾ موجود پسندي ماسي زينت شايد پنهنجائپ واري لهجي ۾ وراٽي هئي

الله خير ڪيو آ ٻوا (ماسي) بس تنهنجي مهمانن کي وٺڻ آئي آهيان صاديا ماسي زينت سان مخاطب ٿيندي وراٽي هئي

ڇو خير ۾ ڏيءَ......

ها اڄ انهن جي دعوت اسان وٽ رکيل آهي

پر هي تہ هينئر واپس وڃن ٿا شهر ڏانهن!......

ماسي زينت جي زبان منجهان شهر وڃڻ جو ٻڌي صاديا جي خوبصورت مُک تي اداسائي جون ريکائون ڇائنجي ويون هيون، لالڙي لڳيل چپڙن کي پاڻ ۾ ڀڪوڙيندي درد ڀري لهجي سان وراٽي هئي مان تہ هينئر صنم وارن کي دعوت ڏيڻ آئي هيس .....!

اوهانجي دعوت ڪنهن ٻي ڀيري ڪائبي ڇو جو ڪلاڪ جي اندر اسين هتان ڪان شهر طرف نڪري ويندا اسين...! ادي صنم وراٽي هئي...

صاديا ڪجھہ ڪين ڪجي هئي ۽ اداسائي جي ڪيفيت ۾ مسلسل جڪڙيل رهي، صاديا جي بهار جهڙي مُک تي خزان جو اوچتو ڇائنجي

وڃڻ وارو لمحو سمجهي نہ سگهيو هيس ڇاڪاڻ تہ ڪجهہ منٽ پهريان صاديا خوشگوار موڊ سان ٽڙندي ماسي وارن جي گهر پهتي هئي.
ڇا ساگر اوهين بہ واپس وڃو ٿا شهر؟؟ صاديا ڳيت ڏيندي لفظن کي چپڙن مان آزاد ڪندي وراڻي هئي.
جي ها! منهنجي ڪچڻ کان پهريان ادي صنم صاديا سان مخاطب ٿيندي جواب ڏنو هو.
آئون مسلسل خاموش رهيس ۽ صاديا جي چهري تي اونهي سوچن جي هينداڻ کي پسڻ لڳو هيم.
ڇا ٿيو صاديا!
ڇا ٿيندو...؟
الائجي صفا پريشان ٿي ويا آهيو ...! صنم صاديا سان ڳالهائيندي رهي، منهنجي کيسي ۾ پيل موبائيل فون وڃي هئي، جنهن کي رسيوِ ڪندي هيلو ڪيو هيم ۽ ڳالهائيندي ڳالهائيندي صاديا وارن کان پرڀرو ٿي ويو هيس!...
شازيا کي پنهنجي غلطي جو احساس آهي...! هو اوهان کان معافي وٺڻ ٿي چاهي ساگر بس اوهين هڪ دفعو پيهر يونيورسٽي واپس اچو. سنڌو وراڻي هئي...
اوهين ڪڏهن کان ورسٽي جوائن ڪئي ؟ آئون سنڌو کان سوال پڇيو هو...
هونننن تقريبن ٽي مهينا اڳ...! سوچيندي سنڌو جواب ڏنو هو.
مطلب مونکان بعد ۾...
جي ها! شازيا کي آئون تمام ويجهڙي کان سڃاڻيان ٿي ڇو تہ شازيا سان پنهنجو يونيورسٽي جو رشتو نہ آ شازيا منهنجي پاڙيسري بہ آ ۽ نهايت ئي

سلڇڻي خوش اخلاق ڇوڪري آهي، بنا ڪجهہ پڇڻ جي سنڌو شازو جي تعريف ڪندي وراڻي هئي.
مان ٿورو مصروف آهيان بعد ۾ ڳالهايان ٿو...! بي رخي منجهان وراڻيو هيس.
اوڪي...
ڪال ڪٽيندي موبائيل کي کيسي ۾ رکيو هيم ۽ صاديا طرف نهارڻ لڳو هيم جيڪا خوشگوار موڊ ۾ ادي صنم سان ڪلي رهي هئي ...! صاديا کي خوش ڏسي اهو قول سچ پاسجڻ لڳو هو تہ انسان جي ڪيفيت ۽ موسم جي بدلجڻ ۾ وقت نہ لڳندو آهي صاديا جي چهري تي مسڪراهٽ پسي ڪوماڻيل احساس گلابن جيان ٽڙڻ لڳا هيا.
ساگر تون هتي ئي آهين نہ...! سرهائي منجهان صاديا وراڻي هئي.
جي ها آئون اڃان اتي ئي ڪجهہ وقت ڳوٺ ۾ ئي رهندس! منهنجو مخاطبي جواب ٻڌي صاديا جو خوشگوار چهرو وڌيڪ روشن بڻجي ويو هيو ...!
ڌي صنم سامان سنڀالي وٺ...! ماسي وارن جي ڪمري اندران امڙ نڪرندي وراڻي هئي.
جي امي...!! صنم ڪمري طرف هلي وئي.
پُٽ مان تہ چوان پئي اسان سان گڏيو شهر هل، امي ممتا وارو لهجو برقرار رکندي وراڻي هئي.
امي آئون بہ تمام جلد ايندس في الحال اوهين هلو...! هڪ دفعو ٻيهر شهر وڃڻ کان انڪار ڪندي وراڻيو هيم.
چڱو پُٽ پنهنجو خيال رکجاءِ ۽ فون تي ڳالهائيندو ڪجاءَ امي پيار شفقت ڀريو ڀاڪر پائي موڪلائڻ لڳي.

الائجي ڇو امي ۽ ادي جو واپس وڃڻ وارو منظر روئارڻ جو ڪارڻ بڻيو هو جڏهن شهر طرف ويندڙ ڪچن رستن مٿان امي وارن جي ڪار جو عڪس ڊنڊلو بڻجي نظرن کان اوجهل ٿيو هو تہ ائين لڳو هو ڄڻ ٻهراڙي جي خوبصورت ماحول جون ساريون سندرتائون امي وارن سان گڏ شهر طرف روانو ٿيون هجن.

ماسات ڇو پريشان آهين؟؟ حفيظ منهنجي چهري طرف تجسس منجهان نهاريندي وراڻيو هو.

نہ ماسات پريشان ناهيان ...! ۽ صاديا کان موڪلائيندي حفيظ سان گڏ ڳوٺ جون ور وڪڙ ڪائيندڙ ڪشاديون گهٽيون لتاڙيندو ٻني طرف روانو ٿيو هيس.

ماسات هو ڇوڪري رابطي ۾ آهي يا نہ ؟؟

حفيظ جو جملو ٻڌڻ بعد تاهہ منجهان پڙڪو ڪائي اڏامندڙ پکي وانگر وجود ششي ويو هو ۽ سوچن جي وشال ڪائنات ۾ پاڻ وڃائيندي وراڻيو هيس ڪهڙي ڇوڪري؟؟

ماسات يونيورسٽي واري جنهن سان تون هڪ ڏينهن ملاقات بہ ڪرائي هئي ! آئون جڏهن سرنهن جو ساڳ ڪٽي اوهان وٽ آيو هيس، حفيظ ماضي ياد ڏياريندي وراڻيو هو.

آئون ڪجهہ ڪين ڪڇيو هيس .....!

ڇا ٿيو ماسات ؟ حفيظ مڪ طرف نهاريندي وراڻيو هو.

ماسات مونکي ياد نہ آ؟ الائي ڪهڙي ڇوڪري جي ٿو ڳالهہ ڪرين؟ آئون باخبر هوندي بہ بيخبري جو ناٽڪ ڪندي وراڻيو هيم.

ها ماسات ڇاڪاڻ تہ مان اڪثر اوهان وٽ ايندو رهيو آهيان ڪڏهن ڪهڙي شيءَ ڪٽي تہ ڪڏهن ڪهڙي شيءَ...! پر مونکي اڄ بہ اهو پل ڇڱي

ريت ياد آ جڏهن آئون سچو ڏالتو ۾ سرنهن جو ساڳ ڪٽي اوهان وٽ آيو هيس تہ اوهانجي گهر ۾ هڪ ملوڪ ڇوڪري ڪي ڏٺو هيم جنهن جو تون تعارف ڪرائيندي چيو هو تہ هي ڇوڪري يونيورسٽي ۾ مونسان گڏ پڙهندي آ ۽ ڏاڍي ذهين آ هُن جو تون نالو بہ سولو ٻڌايو هيو پر هينئر ياد نٿو اچي حفيظ ذهن تي زور لڳائيندي وراڻيو هو.

ٽي سگهي ٿو ماسات پر مونکي ڪجھ بہ هينئر ياد نٿو اچي ...! هڪ دفعو پيهر ناٽڪ ڪندي وراڻيو هيس حفيظ جي لفظن ماضي جي زخمن مٿان لوڻ پرڪڻ جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ شازو سان گڏ گهاريل هاسٽل کان ويندي ورڪ روم جون يادگيريون ذهن جي ڪُڪ منجهان جنم وٺڻ لڳيون هيون...! هٿڙن ۾ هٿ ڏئي مسڪرائڻ وارا ڪردار، ابهم، نازڪ گلابن ڪي مرجهائي ڊائري جي سفيد ڪفن نمان پنن ۾ گفت ڪرڻ وارا سندر منظر، جُن جي هر هڪ صحفي تي پيار، پاپوھ، پنهنجائپ ۽ خوشگوار مستقبل جي جوڙجڪ جا اکر چٽيل پڙهڻ وٽان ملندا هيا، يونيورسٽي جي ڪينٽين کان ويندي شهر جي هوٽلن ۾ گڏجي ماني کائڻ واريون پوريون اڻپوريون خواهشون، ڄامشوري جي ٿڌڙين هوائن جو راحت بخيشندڙ سحر حاصل ڪرڻ خاطر روڊ، رستن تي گڏجي پيدل نڪري پوڻ وارا خوبصورت عڪس جنهن ۾ زندگي جون سڀئي رنگينون سمايل رهنديون هيون.

ماسات ڪاٿي گم آهين...؟ ماضي جي تصوري هٿڪڙين ۾ جڪڙيل وجود کي آزاد ڪرائيندي حفيظ وراڻيو هو.

حقيقت سان متعارف ٿيندي ئي پيٽان کان ڪڍ ايندڙ صاديا تي نگاھ پئي جيڪا ڪجھ پريرو اسان طرف اچي رهي هئي...! صاديا کي پاڻ طرف ايندي پسي وراڻيو هيس ماسات تون هلي گاھ لُٽ آئون اچان ٿو...!

الائجي ڇاڪاڻ ڦهريون ڀيرو صاديا جي سونهن اڳيان ٻنين جي خوبصورتي ڪي شرمائيندو پسيو هيم، ائين محسوس ٿيو هو ڄڻ اُپ هيٺان اڏامندڙ پکي بہ صاديا جي حُسن سامهون پردو ڪري رهيا هجن، هي ساري ڪهڪشاءُ صاديا جي سندرتا سامهون عبادت ڪاڻ سر جهڪايو هجي.

صاديا ڇا ٿيو خير تہ آهي؟؟ صاديا طرف ڀهچندي وراڻيو هيس

جي ها خير آهي، بس ڳوٺ ۾ من نٿي لڳو انڪري اوهانجي پنيان نڪري پيس... ڪنڌ ڌرتي طرف جهڪائيندي وراڻي هئي.

اڇا، تنهنجو پويان ماٺ ۾ اچڻ ڇڙڪائي ڇڏيو هو ۽ مون سوچيو الله خير ڪري ڪجھ ٿيو تہ نہ آ ...!

ساگر توکي دنيا عجيب نٿي لڳي؟؟ صاديا منهنجي موضوع جو رخ مٽائي ٿڌو ساھ ڀريندي وراڻي هئي.

صاديا جي اتاولي لهجي کي مدنظر رکندي وراڻيو هيس نہ دنيا عجيب نٿي لڳي بلڪي عورت جي وجود جيان لڳي ٿي جنهن جو هر قدردان مرد طلبگار هوندو آ.

قدردان هاهاهاها...صاديا جي لفظن ۾ ڇڙ ۽ غصي جي هُٻڪار محسوس ٿي هئي.

مطلب......

هونئن مرد ۽ قدردان اهو ممڪن نہ آ؟ صاديا هڪ دفعو ڀيهر ڇڙ واري ڪيفيت ۾ الجهندي وراڻي هئي.

مرد اگر قدردان نہ هجي ها تہ سسئي جي ڪري پنهون پنهنجي ڀائرن کان لاتعلقي ڪرڻ تي مجبور نہ ٿئجي ها، مجنو پنهنجي جسم منجهان ماھ ڪپي ليلا جي نالي سان نہ ڏي ها... سنڌ جي تهذيب جيان دقيانوس عاشقن جون تشبيهون ڏيندي وراڻيو هيس

صاديا خاموش رهي ڪجهہ ڪين ڪڇي هئي...
ڇا ٿيو ؟ صاديا کي خاموش پسندي وراڻيو هيم
سڀ بڪواس آ.......!! صاديا پنهنجون خوبصورت اکڙيون گگن جي نيري ڇت ۾ اٽڪائيندي وراڻي هئي.
ڇا مطلب؟ پنهنجون شوخ نظرون صاديا جي مُک طرف نهاريندي وراڻيو هيس.
تون مرد ٿي ڪري بہ منهنجي جوڀن جي تڙپ کي نٿو پرکين! اگر تون منهنجي من ۾ باطن عورت جو درد ڄاڻين ها تہ منهنجي پريت چاهت جو انڪاري نہ ٿي ها، صاديا نظرون نير گگن جي ڇت مان هٽائي مون طرف نهاريندي وراڻي هئي.
تنهنجي احساسن کي سمجهي سگهان ٿو صاديا، پر اهو بہ ممڪن آ تہ تنهنجي پريت چاهت کي ٺڪرائڻ پٺيان بہ ڪنهن مجبوري جو ڪارڻ ٿي ٿو سگهي شايد جنهن کي تون سمجهندي بہ سمجهي نہ سگهين آن ۽ خاموش رهيم.
ائين بہ ٿي ٿو سگهي ساگر، پر مان توسان سچو پيار ڪريان ٿي پاڻوهہ منجهان ڇپڙن تي ڪس ڏيندي صاديا وراڻي هئي.
صاديا جا خوبصورت چپڙا جڏهن ريگستاني ڌرتي نماءَ منهنجي چپڙن سان مليا ها تہ من ۾ راحت بخشيندڙ سڳنڌ اوتجي وئي هئي! ۽ ائين پاسجڻ لڳو هو ڄڻ صدين جي پياسي وجود کي پيار جو ريج ملي ويو هجي جنهن بعد وجودي ڌرتي منجهہ احساس، امنگ ۽ جذبن جو سڙيل فصل هڪ دفعو ٻيهر سائو ٿجي نکرڻ لڳو هجي.

نہ صاديا هي سڀ ٺيڪ نہ آ...! مُک موڙيندي وراڻيو هيس
پيار جي عقيدت ۾ پنهنجي محبوب جو پاڪيزه چهرو چمڻ ڇا ۾ غلط آ ؟
صاديا وراڻي هئي.
بيشڪ غلط نہ آ پر......
ڇا پر ! منهنجو جملو ورجائيندي پڇيو هيائين.
اجڙيل گلشن جي گلابن مان خوشبو جي اميد رکڻ بيوقوفي چئبي.
ڪنواريون ڇوڪريون اجڙيل گلشن کي سنوارڻ جو فن ڄاڻنديون آهن،
صاديا مسلسل تجسس منجهان چهري طرف غور سان نهاريندي وراڻي
هئي.
نہ، نہ، تنهنجي هي دعوي پاڻي تي ٻاهہ ٻارڻ جيان آهي.
ساگر آئون توسان پريت چاهت ڪريان ٿي، صاديا هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي
پيار جو اظهار ڪندي وراڻي هئي.
ها پر صاديا آئون توسان چاهيندي بہ پيار ڪري نٿو سگهان.
هُو ڏسين ٿو شايد مون وانگر بدنصيب پکي آ، نير گگن هيٺ ولر پکين جي
پويان اڏامجندڙ اڪيلي پکي طرف اشارو ڪندي صاديا وراڻي هئي
تون جيان مطلب ...!!
ها، ڇو تہ آئون بہ ان پکي جيان بدنصيب آهيان جيڪو چاهيندي بہ ولر سان
جوڙ نٿو لڳائي سگهي.
مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي، تنهنجي چوڻ جو ڇا مطلب آ؟ هڪ دفعو
ٻيهر ناسمجهي جو اظهار ڪندي وراڻيو هيس.
منهنجي چوڻ جو صاف مطلب تہ آئون تنهنجي ويجهو هوندي بہ توکي
پنهنجو ڪري نٿي سگهان، نہ ئي پنهنجي چاهت جي اڌوري منزل کي
تڪميل تائين رسائي پنهنجي پيار کي امر بڻائي ٿي سگهان.

صاديا توسان باطل پيار جو اظهار ڪري توکي دوکو ڏئي نٿو سگهان
چاڪاڻ تہ آئون پريت چاهت جي صحرائن منجهہ ڀٽڪندڙ مسافر جو درد
چاڻان ٿو، جيڪو سمونڊ جي ساحل تي هوندي بہ آب چُڪي لاءِ تڙپندو آ،
۽ چنڊ کي چمڻ جو حوصلو تہ رکندو آ پر پنهنجي محبوب جي چهري کي
چمي ڪين سگهندو آ.
صاديا خاموش رهي هئي ۽ ڪجهہ ڪين ڪڇيو هيائين وقت معمول مطابق
پنهنجي رفتار سان ڊوڙندو رهيو هيو ۽ لهندڙ سج جا پاڇا صاديا جي
خوبصورت چهري تي لالاڻ ڇٽڻ ۾ ڪامياب ٿيندا رهيا هيا.

(8)

ماسي ماسات حفيظ ڪاٿي آ ؟
ابا مرشد پاڪ وٽ ويل آهي هينئر تائين نہ موٽيو آ، شايد ڪم ڪار ۾ مصروف هوندو ڇوجو مرشد جا ٻاهري ملڪ ۾ ديني تعليم پڙهندڙ نينگرا واپس آيا آهن...
ٺيڪ آ ماسي جهيڻي آواز ۾ وراڻيو هيس.
من اندر مايوسي واري ڪڪرن جو راڄ ڇانيل پائيون هيم. حفيظ سان گڏجڻ واري خواهش ڪاريهر نانگ جي ڦڻ جيان اندر منجهہ ڪر کڻي بيهي رهي هئي. سمجهہ نٿي آيو هو تہ ماسات حفيظ مونکي ٻڌائڻ بغير ائين ڪيئن هليو ويو آهي. اڳ ۾ تہ ڪڏهن هن ائين ڪونہ ڪيو هيو. نہ چاهيندي بہ قدمن جو رخ حويلي پاڪ واري پاسي ويندڙ پيچري طرف ڪري ڇڏيو هيم.
حويلي جي گيٽ وٽ پهچندي ئي فضا منجهہ ست رنگي خوشبوئن واري سڳنڌ من اندر واسجڻ لڳي هئي حويلي جي ديوارن تي ٻرندڙ اگربتين ۽ روم اسپري واري پرفيوم ماحول ۾ خوشبو پکيڙڻ جو اهم ڪردار نڀائڻ منجهہ وسان ڪين ٿي گهٽايو هيو، عقيدتمندن جي مُک تي عجب سحر طاري ٿيل هيو خليفن ۽ خدمتگارن جي پيچ پچان لڳي پئي هئي جيڪي ٻاهران ڪان آيل مهمانن جي خدمت چاڪري ۾ مصروف هيا ڪنهن وقت ڪنهن ڪي ٿي پاٽي پيارياٿون تہ ڪنهن وقت ڪنهن ڪي.... آئون انبوهہ گوڙ گهمسان واري ماحول ۾ خالي ڪنڊ جو پاسي وٺي سپ لڪاءُ پسڻ لڳو هيس ۽ ماسات حفيظ کي چوطرف نظرن جي تعاقب سان جاچيندو بہ رهيو هيم! پر گهڻي جاچڻ باوجود بہ حفيظ نظر نٿي آيو هو، چاڪاڻ جو مرشد

پاڪ جي حويلي ماڻهن جي انبوهہ سان ستي پئي هئي، حويلي جي هڪ طرف شاماياني واري ڪنعات لڳل هئي جيڪا شايد عورتن جي پردي ڪاڻ خاص بندوبست ڪرڻ سبب لڳائي وئي هئي...

اڙي ساگر تون ؟؟ تجسس منجهان نهاريندي هڪ ڳوٺائي مليو هو جيڪو اڪثر واٽ ويندي حفيظ سان گڏ ملندو رهندو هيو.

جي ها آئون.....!

تون هت ڪئين ۽ ڪنهن کي پيو ڳولين؟

جئين تون هت آهين آئون بہ ائين ئي بس پاڻ واري يار حفيظ کي پيو ڳوليان انبوهہ طرف نگاهون ڦيرائيندي وراڻيو هيس.

ڇو ڪاڏي ويو آهي حفيظ؟

هيڏانهن اچ تہ توکي هڪ ڳالهہ ٻڌايان. توکي حفيظ هت گڏ وٺي اچي وڏو پاپ ڪيو آهي .خبر اٿئي ان ڏينهن مرشد سائين حفيظ کي سختي سان منع ڪئي هئي توکي حويلي طرف پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ لاءِ حفيظ تہ پنجي ويو پلائي انهي ۾ اٿئي تہ تون بہ مرشد پاڪ جي ڏسڻ کان پهريان ئي هتان هليون وڃ جي مرشد جي نگاهہ تو مٿان پئي تہ سمجهہ سڙي ويندين سائو ڪونہ ٿيندين، ڳوٺائي پاڻهن ۾ هٿ وجهندي رازداري ۽ هدايت واري لهجي ۾ وراڻيو هو.

آئون نہ سمجهي سگهيو هيس ڳوٺائي جي ان ڳالهين کي سوچيو هيم مرشد پاڪ حفيظ کي ڇو روڪيندو مونکي ساڻ وٺي اچڻ ڪاڻ. آئون مرشد جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي يا ڪهڙو نقصان رسايو اٿم جو منع ڪندو ڳوٺائي جي ڳالهين کي نظر انداز ڪندي حفيظ کي جانچڻ لڳو هيس. ۽ حويلي واري وراندي جي پير ۾ نهيل ننيڙي ڪوٺري اندر داخل ٿيو هيس، جتي مرشد سان گڏ ڪاٽن جي سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس ٽي چار فرد ويٺل هيا..! ماسات حفيظ کي اتي پاڻي پياريندي خدمتگاري جا فرض ذميواري سان

نياڻ واري انداز ۾ مشغول ڏٺو هيم. حفيظ کي پسندي ئي من ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي هئي. اپهرائپ منجهان سڏ ڪندي چيوهيومانس ماسات...
حفيظ جي نظر مون تي پوندي ئي هن جي چهري جا رنگ اڏامندي محسوس ٿيا هيا. پريشاني، خوف واري ڪيفيت ۾ مبتلا بڻيل ماسات حفيظ کي مرشد اڳيان نوڙت سان ڳالهائيندي ڏٺو هيم سائين هي ساگر الائي ڪنهن سان آيو آهي خبر ناهي ٿي سگهي ٿو ڪو ڪم هوندس مون منجهه......!
ٻاهر ويهارينس مان اچان ٿو، حفيظ کي نفرت منجهان ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڪندي مرشد وراڻيو هو ماسات تون هت ڇو آيو آهين خير ته آهي نه مان تڪڙ ۾ توکي ٻڌائڻ بغير هليو آيس حويلي ۾ ڪم ڪرڻو هيو مرشد پاڪ جا نينگرا ولايت مان ديني علم حاصل ڪري واپس وريا آهن ان لاءِ مهمان اچڻ وڃڻ پيا انهن جي خدمت چاڪري ڪرڻي هئي مرشد پاڪ جو حڪم هيو ندامت منجهان ماسات حفيظ ڪنڌ جهڪائيندي مونکي چيو هو.
ڪجهه ڪين ڪڇيو هيس ۽ مسلسل خاموش رهيس.
پر مرشد وڏو اجهو آيو، توکي ملرايان ٿو تسلي ڏئي اندر واري ڪيفيت کي لڪائڻ واري ڪوشش ڪندي ماسات حفيظ پيهر وراڻيو هو.
آئون حويلي اندر متل وايو منڊل جو جائزو وٺندو رهيس، هڪ ڳالهه بار بار ذهن جي ديوار ۾ ڪنهن ڪِل جيان کُپندي رهي هئي جنهن جو راز ڇاڻڻ ڪاڻ حفيظ کان سوال ڪيو هيم هي ماڻهو پئسن جا هار ڇو ڪٽي آيا آهن؟؟ جنهن تي حفيظ ٺهڪ ڏيندي وراڻيو هيو يار توکي اها به خبر نه آهي ڇا؟؟
حفيظ جا طنزيا ٺهڪ ذهن اندر نفرت کي پئدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا ها ۽ ڪاوڙ واري لهجي ۾ وراڻيو هيس نه مونکي خبر نه آ...

سائين ننڍي ڪي پئسن جا هار پارائڻ لاءِ ماڻهو ڪٺي آيا آهن، جيڪو ڪافي عرصي بعد ولايت مان واپس وري حويلي ۾ پير رکيا اٿس حفيظ وضاحت ڪندي ٻڌايو هو.

تہ پوءِ ان ۾ پئسن جا هار پارائڻ.هي وري ڪهڙي نئين رسم آگلن جا بہ هار پارائي سگهجن ٿا، پريشاني منجهہ مبتلا ٿيڻ ناسمجهي واري عالم منجهہ چيو همانس.

صفا ڪو بيوقوف آهين ماسات، مون تہ توکي سلجهل پئي سمجهيو ! حفيظ چڙ منجهان وراڻيو هو.

يار ان ۾ بيوقوف هجڻ واري ڪهڙي ڳالهہ آ؟ جو تہ اسان سنڌي جنگ فتح ڪري ايندڙ يا لانئون لهندڙ گهوٽن کي پئسن جا هار پارائيندا آهيون پر ننڍي سائين کي حويلي ۾ اچڻ لاءِ هار پارايا ويندا هي ڪجهہ عجيب قسم جي رسم ٿي لڳي؟؟ ماسات حفيظ کي چڙ ۾ ڏسي پيار واري لهجي ۾ وراڻيو هيس.

حفيظ ڪين ڪڇيو هو...! بس خاموش رهيو.

حفيظ کي خاموش ڏسي ڳالهہ جو رخ بدلائيندي پڇيومانس ماسات پيلا پٽڪا ٻڌ ڪاٽن جا ويس پهريل مرشد پاڪ سان اندر گڏ ويٺل ڪير هيا جن کي تو پاڻي ٿي پياريو؟؟

هڪ پنهنجي تر جو پوتار ڪريمداد هيو، باقي ٻن کي آئون ڪون سڃاڻيان هوندا ڪي پوتار...... حفيظ چڙ وارو لهجو برقرار رکندي وراڻيو هو ۽ بي رخي منجهان مونکي اتي ويهڻ جو چئي حويلي جي ڪمري طرف هليو ويو.

سائنسي دور هوندي بہ ٻهراڙي جي ابوجهہ ماڻهن کي وهم وسوسن جهڙي وبا ۾ جڪڙيل پسيو هيم، جيڪي عقيدت ۾ پنهنجي پاڻ سان وحشائن جهڙو سلوڪ ڪندي نظر اچي رهيا هيا جنهن بعد سوچڻ ۾ الجهي بار بار اهو پئي

تصور ڪيو هيم تہ ڇا واقعي بہ اسين قديمي آثارن جا وارث آهيون ۽ ساڍه ست هزار سال پراڻو وجود رکندڙ سنڌو ماٿري جا پوئلڳ آهيون، اگر اهو سچ آهي تہ پوءِ پيري مريدي جهڙن ڦردو رسمن ۾ اڄڪله الجهيل ڇاڪاڻ آهيون ؟؟

تون ۽ هتي؟؟ هڪ ٻئي ڳوٺائي مونکي بيٺل ڏسندي ئي تعجب منجهان وراڻيو هو

جي .هت نٿو اچي سگهان ڇا يا منهنجي هت اچڻ تي پابندي لڳل آهي؟ ڪاوڙ واري لهجي ۾ ان ڳوٺائي کي جواب ڏنو هيم جيڪو ٻنين طرف ويندڙ رستي تي حفيظ سان گڏ ايندي ويندي ڏسي دعا سلام ڪندو رهندو هيو ؟؟

منهنجي جواب واري لهجي منجهہ ڪاوڙ وارا تاثر پسندي ئي ڪجهہ چوڻ بغير تيز وکن سان ورانڊي اندر نهيل ڪمري ڏانهن اهو ڳوٺائي هليو ويو هو. ماڻهن جي انبوهہ ۾ عقيدت واري عجب رنگن جو سحر طاري ٿيل هيو، اڻپڙهيل ماڻهن سان گڏ شهري لکيا پڙهيا ڪتنب بہ عقيدت جي ڄار ۾ جڪڙيل نظر آيا هيا جيڪي پري پري جو سفر طئي ڪري فيض وٺڻ جي تمنا من اندر ڪٺي مرشد پاڪ جي حاضري ڀرڻ لاءِ پهتا هيا، حويلي اندر متل وايو منڊل جو جائزو وٺندي جڏهن نگاهن کي ڏٺل ڪنعاتن جي دروازي طرف ڦيرايم تہ انهي جي پرين پاسي عورتن جون وڏو مجموعو نظر اچڻ لڳو هيو ايئن لڳو هو ڄڻ جنت جون اپسرائون ڌرتي منجهہ هيٺ لهي آيون هجن، جن جي هٿڙن ۾ وڏا وڏا ٽچ اسڪرين سيٽ، ڪارن ذلفن جون ڪُليل چڳيون، سانوري چهرن مٿان ميڪ اپ جون ٿپيل چلولايون، رئو مٿي تي هئڻ بجاءِ ڪلهي تي ويڙهڻ جو انوکو ڍنگ!!......

سائين پاڻي پيئندو ؟ ماڻهن جي انبوهہ کي پاڻي پياريندڙ هڪ خدمتگار گلاس مون طرف وڌائيندي وراڻيو هو

پنهنجون نظرون ڪعنات واري پاسي کان هٽائيندي پاڻي پيارينڊڙ شخص کي نهڪار ڪئي هيم . ۽ هڪ دفعو ٻيهر وائڙائپ واري نگاهن سان متل وايو منڊل طرف تڪڻ لڳو هيس اچانڪ زوردار هوا جو تيز جهوٽو لڳل ان طرف واري ڪنعاتن کي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هو، جنهن بعد ان پاسي پردي ۾ ويٺل اپسرائن جا چهرا بي نقاب ٿيڻ صاف صاف پسڻ ڪاڻ مليا هيا، سجايل پنڊال جي اوپر پاسي اسٽيج سامهون سفيد پوشاڪ سان هڪ خوبصورت اپسراء جو جسم پيرن کان وٺي هٿن تائي مڪمل طور ڏکيل نظر آيو هيو جنهن جون شيرين اکڙيون منهنجي وجود ۾ بي جان بت جتان تڪ ٽي اٽڪي بيهي رهيون هيون، شيرين اکڙين ۾ ڪاري ڪجلي جون رونقون ڪنهن ويران ڏنڊ ۾ پکيڙن جي ولر جيان پاسجڻ لڳيون هيون، سندرتا ڀري جسم مٿان سفيد پوشاڪ ڪبعت الله ۾ آيل غلاف جيان لڳي هئي، هُن شيرين اکڙين کي پسڻ بعد الائجي ڇو ائين محسوس ٿيو هو ڇڻ اهي اکڙيون ڇاتل سڃاتل آهن ذهن تي زور ڏيندي ياد ڪرڻ لڳو هيس تہ اهي اکڙيون ڪنهن جون ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪير آهي ڪٿي ڏٺيو هيم؟

ڇريا لل هيڏانهن نہ ڏس... ! ڇو جو عورتن جي پنڊال ۾ جي جي ننڍي موجود آهي، مرشد پاڪ جي ننڍي نينگري جنهن کي ڏسڻ سان تنهنجا گناهہ وڌي ويندا، مونکي ان طرف گهور گهور سان تڪيندي ڏسي حفيظ حويلي جي ورانڊي کان تڪڙو مون وٽ پهچي منع ڪندي وراڻيو هو.

عقيدت جي ڇار ۾ الجهيل حفيظ جي سوچ تي تعجب ٿيو هو، ۽ سوچڻ لڳو هيس هي ڪهڙو عقيدو ۽ انڌ آهي جو مرشد پاڪ جي پٽ کي ڏسڻ سان ثواب ۽ مرشد پاڪ جي ڌيءَ کي ڏسڻ سان گناهہ ملن ٿا ...!! خيالن جو تسلسل درهم برهم ڪندي حفيظ منهنجي ٻانهن جي ڪرائي کي مضبوطي سان پڪڙي هڪ ڪنڊ ۾ وجي ويهاريو هيو.ماسات چيڙي ڪري هٽ ويهي رهہ مارائيندي ڇا. ماسات حفيظ تنبيهہ ڪندي چيو هو. آئون ڪڇڻ بنا

خاموشي سان پنڊال جي ان ڪنڊ ۾ ويهي رهيو هيس. اچانڪ ڪجهه منٽن جي گذرڻ بعد پنڊال ۾ ويٺل عقيدتمندن واري هجوم ۾ چرپر ٿيڻ شروع ٿي هئي. ڪن پل ۾ اهو هجوم باهه مچ جيان پڙڪو ڪائي اپو ٿي پيو ۽ منهنجو مرشد سپ تي رحمت.تنهنجو پير منهنجو پير جهڙا نعرا هڻڻ لڳو هو، ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو هو اچانڪ ماڻهن جي انبوهه کي ٿي ڇا ويو آ؟ ڪجهه منٽن بعد ماڻار جي صورت ۾ جڏهن عقيدتمندن جي انبوهه کي پٺ تي وڇايل غالين مٿان ويهندي سامهون ڏٺو هيم ته اڪين تان ويساهه کڄي ويو هو ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ڏرتي پيرن هيٺان کسڪي رهي هجي، ۽ حيرت جي ساگر منجهه غوطا ڪائيندي وراڻيو هيس اهو ۽ مرشد نئڊو؟

مرشد نئڊو ڊونگي مسڪراهٽ مک تي سجائيندي عقيدتمندن کي کيڪاريندو رهيو هو، ۽ عقيدتمند بنا ڪنهن عمر جي لحاظ جو خيال رکندي مرشد نئڊي جي پيرن تي هٿڙا رکندي ملڻ لڳا هيا، اڳتي هل سائين نئڊي سان مل ماسات ؟ حفيظ نونٿ هڻندي وراڻيو هو.

مرشد نئڊي وٽ پهچندي ئي حفيظ جهڪيو ۽ پيرن تي هٿ رکندي مرشد سان مليو، مونتي نظر پوندي ئي مرشد نئڊڙي جي خوبصورت مُک تي تجسس جا تاثر پکرجي ويا هيا اکين اڳيان اسٽائلي چشمو لاهيندي منهنجو چهرو غور سان پسڻ لڳو هيو جهٽ ڏئي مون کي کٽي ياکر ۾ پريائين مرشد جي اهڙي ڪيفيت کي پسندي طنزيا لهجي ۾ وراڻيو هيس مرشد نئڊڙا ڪيئن آهيو؟

نيڪ! پر ساگر تون هت ڪئين؟ بس يارت اٿئي شرمساري واري ڪيفيت برقرار رکندي مرشد نئيڊڙو التجاء پري انداز ۾ مونکان پڇيو ۽ مونکان لنوائيندي متل وايومنڊل طرف متوجهه ٿجي پي طرف ڏانهن هليو ويو هو. مرشد نئڊي کي ڏسڻ بعد پنهنجي ابوجهه ماروئڙن تي افسوس ٿيو هو ۽ ماضي جي تيز وهڪري ۾ غوطا ڪائيندي سوچڻ لڳو هيس بيشڪ مرشد

نئيرڙي يونيورسٽي هاسٽل اندر ڪمپني دوران هام هڻندي سچ چيو هو تہ سنڌي قوم اڀوجهہ ۽ ڀوڪ بصر آهي ساگر جنهن کي لٽڻو ۽ ڦرڻو ڏاڍ زبردستي واري هٿيارن سان نہ پر عقيدت جي آڙ منجهہ تمام سولو ڪم آهي ان وقت مرشد نئيرڙي جي ڳاله کي سمجهي ڪين سگهيو هيس، مرشد نئيرڙي جي چيل الفاظن کي بيوقوفي سمجهي نٺول ڪندي ان مٿان وڏا وڏا طنزيا ٺهڪ ڏنا هيم جيڪي يونيورسٽي هاسٽل جي ڀتن سان ٽڪرائجي پڙاڏن جي صورت ۾ ڪنن سان ٽڪريا هيا، پر اڄ جڏهن مرشد نئيرڙي جو هي ناٽڪي روپ پسيو هيم تہ من جي ڌرتي ڏڏي وئي هئي اهو سچ پاسجڻ لڳو هيو تہ واقعي بہ سنڌي قوم کي ڏاڍ سان جهڪائي ڪين ٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ سنڌي قوم ڏاڍ جو جواب ڏاڍ سان ڏيڻ ڄاڻي ٿي ! هي ڌرتي ڏٽي تہ پيار محبت ونڊڻ ڄاڻڻ ٿا ۽ قرب محبت منجهہ پنهنجي گهر کي ساڙيندي بہ دير ناهن ڪندا.

واهہ ماسات واهہ سائين نئيو توکي سڃاڻي ٿو ڇا جو ڀاڪر ڀري توسان مليو... سوچن جي ٻڌتر ۾ الجهيل پسي حفيظ گد گد ٿيندي وراڻيو هو تو وارو مرشد نئيڙو مونکي سڃاڻيندو آهي ۽ آئون بہ مرشد نئيرڙي کي چڱي ريت سڃاڻيان ٿو... اداس لهجي ۾ ماسات حفيظ کي جواب ڏنو هيم.

سچ ۾ سائين نئيڙي کي سڃاڻيو... حفيظ حيرت ڀري لهجي ۾ پڪ ڪرڻ خاطر پيهر وراڻيو هو.

جي ها ۽ لا شعوري منجهان ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو هيس.

سائين نئيڙي کي ڪڏهن کان پيو سڃاڻين؟ ٻڌايو تہ ڪونہ هئي اهو تون ڪڏهن مونکي ماسات ؟۽ ٺهڪ پيو ڏئين خير تہ آهي نہ ان خوشي جو سبب ڄاڻي سگهان ٿو؟؟ حفيظ حيرت ۽ اداسي جي گاڏڙ صورت ڇهري تي برقرار رکندي وراڻيو هو.

من گهٽوئي چاهيو ته حقيقت خليل جبران جي ناول ٽڳل کنڀڙاٿيون وانگر ڪولي رڪانس جن ۾ نئڊرڙي مرشد جا يونيورسٽي اندر ڪيل ڪرتوتن جو هر هڪ گهٽيا ڪردار سونهري اکرين سان چٽيل هيو، پر حفيظ ڪي عقيدت جي زنجير ۾ مضبوطي سان جڪڙيل پسي ڪين ڪچيو هيس

ماسات تون سائين نئڊرڙي ڪي ڪيئن سڃاڻين؟؟ حفيظ هڪ دفعو ٻيهر التجاءَ ڀري لهجي ۾ وراڻيو هو

بس ماسات ٻوڳ ڪيم توسان... حقيقت ڪي ڪوڙ جو جامو اوڍائيندي وراڻيو هيس ۽ ذهن ۾ سوچيو ٿي چئي ڏيانس ته ماسات اوهانجو مرشد وڏو ناٽڪي نڳ ۽ ڪوڙو آهي ۽ اوهان اڀوجه اياڻان آهيو ڇوجو مرشد جي اولاد ولايت منجهان ديني تعليم نه بلڪي سنڌ يونيورسٽي جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ سان گڏوگڏ هاسٽل ۾ شراب شباب ڪباب جا ڪافي گرهم خيال عياش ڪلاس ميٽ دوستن سان گڏ ڪمپني ڪرڻ دوران سکندي آهي، مرشد نئڊرڙي جي بيهودگي وارا ڪرتوت يونيورسٽي جي ڪنهن به شاگرد کان ڳجها ڪين آهن پر خاموش رهيو هيس.

يار مون سچ سمجهيو هو ڏاڍو خوش به ٿيو هيس ته اوهان سائين نئڊي ڪي سڃاڻو پيا... حفيظ مايوسي منجهان وراڻيو هو.

ماسات مرشد وڏو اصل ڪاٿان جو آهي توکي ته سڀ خبر هوندي؟؟ حفيظ کي مايوس ٿيندي ڏسي مرشد بابت ڄاڻ وٺڻ ڪاڻ سوال ڪندي پڇيوهمانس.

ماسات پاڻ کي ايتري خبر نه آ، پر مرشد وارن جا ابي ڏاڏي کان وٺي دعا سڳي وٺڻ وارا اسين مريد آهيون...حفيظ جواب ڏنو هو

ماسات مطلب ته اوهين ابي ڏاڏي واري غلطي کي نئين سر دهرايو ٿا ۽ ... جملي کي اڌ ۾ ڪٽي وراڻيو هيم

۽...! منهنجو اڌ ۾ ڇڏيل جملو حفيظ دهرائيندي ۽ تي زور ڏيندي چيو هو

ڪجھ بہ نہ ماسات. . . ! حفيظ جي مک تي چانيل غصي جا تاثر پسي ڏيرج لهجي ۾ وراڻيو هيس
ماضي حقيقت جو روپ ڌاري ذهن اڳيان گردش ڪرڻ لڳي هئي جتي سائين ننڊي جون ڪيل سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون هيون، هاسٽل اندر ڪمپني دوران وسڪي کي گلاسن ۾ لاهي پيگ ٺاهيندي بي خودي ۾ مرشد ننڍڙي سنڌي اڀوجھ قوم جي همدردي ۽ مهمان نوازي تي ٺٺول ڪندي چوڻ لڳو هيو ساگر هي جيڪا سنڌي قوم اٿئي نہ سا جلد بيوقوف بڻجي پوندي آ رڳو ٿورو منڍي همدردي واري لهجي ۾ انهن کي پنهنجو داستان ٻڌاء تہ پوء ڏس هو ڪئين نہ تو مٿان سڀ ڪجھ فدا ڪري ٿي وٺي ويچاري ڀوڪ قوم. هن قوم جا اسان جي وڏڙن ۽ اسان تي هزارين احسان آهن اسان جا وڏڙا ورهاڱي وقت جڏهن جلاوطن بڻجي بي گهر بڻيا هيا تہ ان ويل بيوقوف سنڌي قوم ئي هئي جنهن اسان جي وڏڙن کي جيءُ ۾ جايون ڏنيون هيون. . . ! اهو وري ڪئين ٿوري وضاحت پليز مرشد ننڍي جي ڳالھ ٻڌندي ئي مدهوشي واري ڪيفيت ۾ جڪڙيل سندس جي روم ميٽ امجد شراب جو ڍڳهو پيڪ هڻندي پڇيو هيس
مرشد ننڍي وسڪي جي ڍڪ کي اندر ۾ اوتيندي نيم مدهوشي واري حالت ۾ ماضي واري داستانن کي کولڻ شروع ڪيو هيو ۽ امجد جي چهري طرف نظرون وجهي وراڻيو هيو. يار اسان کي پنهنجا وڏڙا ٻڌائيندا هيا تہ جڏهن اسين ورهاڱي وقت جلاوطن ٿي پاڪستان طرف آيا هياسين تہ اسان کي ڪٿي بہ ٽڪڻ نہ ڏنو ويو هيو .پر هزارين ڪلو ميٽرن جو سفر طئي ڪري اسين هڪ هنڌ پهتا هياسين تہ اتي اسان جو سٺو استقبال ڪيو ويو هو معلوم ڪرڻ تي خبر پئي هئي تہ اسان سنڌو نگر ۾ پهتا آهيون. هن سنڌو نگري جا رهاڪو ڏاڍا سڀاجهڙا سادڙا ۽ وڏا کي مهمان نواز هيا. اسان کي پاڻ وٽ ٽڪائي اسان کي ماني پاڻي لٽو ڪپڙو وس آهر سڀ

ڪجهہ ڏئي ڇڏيو هيائئوَ، اهو بہ نہ پڇيائون تہ اسين اتي ڇا ڪندا هياسين يا اسين ڪير آهيون نہ ذات پات نہ ڪٽنب قبيلو نہ ڏنڏوڪرت؟. بي انتها محبتون چاهتون هنن وٽان مليون هيون. وڏي بي وقوفي واري ڳالهہ تہ اهي نادان اسان جي ڪوڙ کي سچ سمجهي اسان تي اعتبار ڪري ويٺا هيا جڏهن اسان ڪوڙ ڳالهائي پاڻ کي شاهہ سڏايو هيو. پيري مريدي جا وڏا ڪٺل هيا تڏهن تہ پيرن تي ڪري گهر اندر وٺي رهائڻ لڳا هيا بس پوءِ تہ اڄ ڏينهن تائين اسان جا پاڳ نرالا بڻيل آهن هاڻي تہ اسان وڏي گادي جا وارث بڻيل آهيون. سڀ ڪجهہ آهي پاڻ وٽ عزت شهرت دولت خدمتگار اصل نت لڳا پيا آهن يار انهن بي وقوفن جي اياڻپ جي ڪري اسين اڄ بہ اعلي منزل جا پانڌيڙا بڻيل آهيون. سچ ۾ اسان سادات آهيون بہ نہ، بي وقوفن جي اياڻپ اسان جي وڏي ڪم آئي هئي جنهن اسانجي جياپن جي ڏنڌلن عڪسن کي روشن ڪري مرشد واري وڏي لقب سان نوازي ڇڏيو هو...! وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي مرشد ننڍڙي وسڪي جو ٺاهيل پيگ پورو ڪري هيٺ ليٽي پيو هيو ۽ چند منٽن بعد وڏا وڏا کونگهرا ريل جي ڪاري انجڻ جي وسل جيان هٽندي ننڊ جي آغوش ۾ هليو ويو هو .ننڍي مرشد جي زبان منجهان نڪتل اهڙا جملا ٻڌندي ئي هن جي روم ميٽ امجد مٿان قوم پرستي وارو جنون سوار ٿي ويو هيو ڪاوڙ منجهان آپي منجهان نڪرندي وسڪي جي نهيل پيگ واري شيشي جي پريل گلاس کي زور سان ڪمري جي ديوار ڏانهن اڇلي هنيو هيائين شيشي وارو گلاس ديوار سان ٽڪرائجڻ بعد ريزه ريزه ٿيڻجي ننڍڙن ٽڪرن ۾ وکرجي ويو هو . نيم مدهوشي واري حالت ۾ ڪروڌ تي ضابطو نہ آڻيندي ننڊ جي آغوش ۾ وڃائجي ويل مرشد ننڍي جي منهن ۾ پونڊو گهروڙي ڏئي چوڻ لڳو هو نمڪ خور احسان فراموش اڙي حيف اٿئي. تون سنڌي قوم جي باري ۾ هي ڇا ٿو بڪين...؟؟ جنهن قوم اوهان کي عزت پنهجائپ پيار ڏنو

جنهن قوم اوهان کي پناه ڏني جنهن قوم جي ٽڪرن تي اوهان پليا آهيو اڄ هن ئي قوم کي تون بيوقوف پيو ڪوٺين اڙي حيف اٿئي ڪتو به ٽڪر کائيندو آهي ته اهو ملهائيندو آهي چو ته ڪتو به ڪڏهن ٽڪر وجهندڙ مالڪ تي ناهي ڀونڪندو تون ته تون ته امجد ڪاوڙ ڪروڌ منجهان جملو مڪمل ڪري نه سگهيو هيو ۽ وسڪي جي خمارن ۾ گهيرجي نندڻ جي لپيٽ ۾ اچي ساڻو ٿيڻجي ليٽي پيو هيو .ان کانپوء امجد مرشد نندڻي کي پنهنجي ڪمري ۾ پاڻ سان گڏ نه رهايو هيو ۽ هن سان دوستي وارا سڀ لاڳاپا ختم ڪري هن سان نفرت ڪرڻ لڳو هيو .

ڇا ٿيو ماسات کهڙن سوچن ۾ گم ٿي ويو آهين ماسات حفيظ مونکي خاموش پسي چند منٽن کانپوء ڳالهايو هيو ماسات حفيظ جي آواز ماضي جي تصور منجهان نجات ڏياري خيالن جي دنيا مان حقيقت واري جهان ۾ رسايو هيو. ماسات ڪجهه به نئو سوچان بس عجب رنگ ڏسان پيو حفيظ کي مطمئن ڪرڻ خاطر جواب ڏيندي چيو هيم! ۽ مرشد پاڪ جي حويلي اندر متل عقيدت واري طلسمي سحر کي غور سان ڏسڻ لڳو هيس.

پنڊال اندران هڪ حسين عورت پنهنجي ڪُليل ذلفن کي آڱرين جي ڦڻي سان سنواريندي پنڊال کان ٻاهر نڪتي هئي ۽ حويلي جي دروازي طرف ڪنهن کي منتظري نگاهن سان جاچڻ لڳي هئي، لال سرخي جي ڳاڙهاڻ ڀري چپڙن کي زبان جي پاڻياٺ سان آلو رکڻ جو ڍنگ، ڪجلي جي ڪاراڻ سان خوبصورت اکڙين جو شرميلو انداز، رئي کي سٽيل ارهه تي رکڻ وارو طريقو، ٽچ اسڪرين موبائيل پرس منجهان ڪڍي ڪن تي رکي تيز لهجي ۾ ڳالهائڻ واري ان عورت جي نئين روپ کي پسندي حفيظ وراڻيو هو.

ماسات اها ڏس بي شرم مائي شهري اٿئي.

پر توکي ڪيئن خبر پئي ماسات تہ اھا شھري مائي آھي؟ حفيظ کي ان عورت متان جڪ ڪائيندي ڏسي وراڻيو ھيس.

يار ھن جو بنا پردي بي حيائي واري چال چلت مردن جيان گھمڻ ڦرڻ وارو ڍنگ ٻڌائي پيو، اھڙيون ڪوڙ چوڪريون پنھنجي يارڙن سان ملڻ لاءِ مرشد پاڪ جي حويلي طرف بھانو ڪري ايندي‍ون آھن، مونکي خبر آھي ۽ اھي ڌنڌا شھري ماين جا ھوندا اٿئي حفيظ ان عورت تي چوھ چنبڙيندي وضاحت سان ٻڌايو ھيو.

سچ ماسات......!! ان عورت بابت حفيظ جي سوچ ۽ ڏاھپ کي داد ڏيندي وراڻيو ھيس.

ھا ماسات مرشد پاڪ جو قسم سچ پيو چوان حفيظ جھٽ ۾ مرشد جو قسم کڻي پڪ ڏياريندي وراڻيو ھو.

ڪجي ڪين سگھيو ھيس بس خاموش ٿِجي سوچڻ لڳو ھيم ھن متل وايو منڊل تي جيڪو ھڪ اسٽيج ڊرامي جيان محسوس ٿيڻ لڳو ھيو ۽ مرشد وڏو ھڪ شاتر دماغ مڪار چالاڪ ذھن رکندڙ شخص جي ڪردار ۾ اداڪاري جا جوھر ڏيکارڻ وارو ماھر فنڪار لڳو ھيو ۽ عقيدت جي آڙ ۾ ھي (پٽڪيل ماڻھو) مظلوميت جي گھاٽي ۾ پيڙھندڙ پوڪ ۽ اپوجھ نسورا نادان ڪردارن جيان پاسجڻ لڳا ھيا. جيڪي انڌن عقيدن ڪوڙين ريتن رسمن جي زنجير ۾ ڪنھن ڏوھاري جي ٻيل ڪڙين جيان جڪڙيل ھيا .ائين لڳي رھيو ھيو تہ اھي اپوجھ ڳوٺاڻي ماحول سان وابستگي رکندڙ اياڻا ماڻھو علم جي زيور کان محروم ھئڻ سبب جھالت جي سحرا ۾ پٽڪي رھيا آھن جتي ٻونگي مرشدن ميرن پوتارن جو وجود ڪنھن ٿوھر جي ٻوٽي کان ڪمتر ڪين ھيو ۽ اپوجھ سادڙا ڳوٺاڻا جھالت جي سحرا ۾ ٻوڙي ٻوڙي نندھال ٿِجي ان ٿوھر کي سھارو سمجھي ان آس تي ٽڪ پيچڻ پيا تہ ھاڻي اسان جي ھي مسافت جلد ختم ٿي ويندي ۽ اسين منزل تي ضرور

پھچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين پر افسوس جو ھو منزل تي رسڻ بنا ڪڏين ريتن رسمن جي واچوڙن ۾ وڃائجي عقيدت جي آڙ ۾ پنھجو وجود وڃائي رھيا ھيا.

ڇا ٿيو...! مسلسل خاموش پسندي حفيظ تجسس منجھان ڇھري طرف نھاريندي چيو ھو.

ڪجھ بہ نہ ماسات؟ ماسات حفيظ ڪان اندر ۾ برپا ٿيل ڪروڌ ڪي لڪائيندي وراڻيو ھيس ۽ عقيدت سان سرشار ماحول ڪي پسڻ لڳو ھيم، ڪجھ منٽن بعد پيڊال اندران ايڪو سائونڊ جي وڏن اسپيڪرن منجھان نعت شريف گن گنائيندڙ زنانو آواز ٻڌڻ وٽان مليو ھيو جن ڪي ٻڌڻ بعد ڪنن تي اعتبار نہ نٿي آيو ھو پاڻ ڪي مطمئن ڪرڻ خاطر نعت پڙھندڙ جڏھن ان عورت جو چور نگاھن سان تعاقب ڪيو ھيم تہ وايون بتال ٿيڻ لڳيون ھيون اھا نعت پڙھندڙ زنانو آواز ٻئي ڪنھن جو نہ سعيده جو ئي ھيو جيڪا مرشد نندي سان گڏ سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم فل جي ڊگري ڪري رھي ھئي ۽ مرشد نندي جي نندي پيڻ ھئي ھوند ڪيڏو نہ فرق محسوس ڪيو ھيم يونيورسٽي واري سعيده ۽ مرشد پاڪ جي حويلي ۾ پرديدار ھن سعيده منجھ؟ ڪنھن ڏاھي جي اھا چوڻي سچ پاسجڻ لڳي ھئي ھر شخص جي ڇھري پٺيان ٻئون ڇھرو لڪيل آ ڇاڪاڻ تہ ھي ساڳئي سعيده، يونيورسٽي جي آزاد فضا ۾ شرٽ ۽ ٽائوزر پھري سيني ڪي وارن جي ڇانوءَ ۾ ڍڪي ڪنھن فيشن ايبل ماڊل جيان ماڊلنگ واري انداز ۾ واڪ ڪندي نظر ايندي ھئي ۽ ڪلاس فيلو شاگرد سان اوئي. ھاءِ ھيلو وارا لفظ زبان تي سجائي ڪريل حرڪتن جيان مذاقون ڪري وڏا وڏا ٽھڪ ڏيندي رھندي ھئي، بلڪل ان طوائف جيان جيڪا گيراھڪن ڪي پنھنجي رنگ ۾ الجھائڻ لاءَ اکيون ملائي مسڪراھٽ ۽ چال چلت جو ڪوڙو ڍونگ رچائي پنھنجي سحر ۾ قابو ڪري وٺندي آ. پر ھن جديد

ماڊرن دور واري سعيده کي جڏهن حويلي جي چوديواري اندر قديمي دور واري مذهبي روپ ۾ پسيو هيم تہ وڏو جهٽڪو لڳو هيو.
ماسات ان طرف نہ ويجهان ايڏانهن مردن کي وڃڻ منع ٿيل آهي چوتہ اتي رڳو زنانيون آهن ماسات حفيظ پنڊال ۾ عورتن واري پاسي وڌندڙ منهنجا قدم ڏسي روڪيندي وراڻيو هو.
امالڪ ٽرين کي لڳندڙ ايمرجنسي بريڪ جيان پنهنجا وڌندڙ قدم ان طرف وڃڻ کان روڪي ورتا هيم ۽ عقيدت جي چار ۾ قاتل اڀوجهہ ماروئڙن جي ناداني تي وڏا وڏا ٿهڪ ڏيڻ لڳو هيس.
ماسات چا ٿيو خير تہ آهي نہ. ٿهڪ چو پيو ڏئين حفيظ گهبرائيندي وراڻيو هو.
بس ايئن ئي ماسات! تو جو ان طرف کان روڪيو ان ڪري ٿهڪ نڪري ويا حفيظ کي دلجاء ڏيندي وراڻيو هيم.
اڙي انڪري روڪيم جو سامهون پنڊال واري دروازي وٽ بي حياءَ ڇوريون بيٺل آهن... بي پرده عورتن طرف اشارو ڪندي وراڻيو هو.
حفيظ جي هڙپي تخيل واري جامي کي جهالپ جي ڊاڳن سان اڊڙهيل پسي افسوس ٿيو هو ۽ وراڻيو هيس ماسات آزادي کي بي حيائي جو روپ نٿو ڏئي سگهجي، ڇوجو آزادي هر فرد جو پيدائشي حق آهي.
مطلب تہ پلي اسان جون رنون بي پرده بڻجي غير مردن سان کلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏ گهمن ڦرن اهو آزادي وارو حق آهي ۽ ان کي بي حيائي وارو نالو نٿو ڏئي سگهجي...؟ حفيظ غصي ۾ وراڻيو هو.
جي ماسات اهو سڀ ڪجهہ پنهنجو پاڻ تي آهي اگر پنهنجي سوچ سٺي آهي تہ هر فرد سٺو لڳندو آهي جي پنهنجي سوچ خراب آهي تہ هر فرد اسان کي خراب پسڻ ۾ ايندو آهي اهو سڀ ڪجهہ سوچ جي وسيع ۽ محدود هجڻ جو ردي عمل هوندو آهي باقي حيا شرم تہ عورت جو زيور آهي

عورت تي فرض آهي تہ هو پنهنجي لڄ لوئي جي حفاظت ڪري چادر ۽ چوديواري جي تقدس جو ڀرم قائم رکي سگهي هي ادب، حياءَ، عزت نفس مجروح ٿيڻ کنهن بہ پردي ۽ نقاب جي محتاج نہ هوندي آ، ماسات حفيظ کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو هيم.

يار تون بہ عجيب قسم جو ماڻهو آهين هوبهو بي ڀيري صدو جهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين ماسات حفيظ خفا ٿيندي وراڻيو هو.

ماسات حفيظ جي جملي ۾ بي ڀيري صدو نالي وارو ذڪر ٻڌندي ئي صدام جي شخصيت ۽ ڪردار جي پروڙ پوڻ لڳي هئي ان ويل صدام هڪ شعور رکندڙ باغي ڪردار ڀاسجڻ لڳو هيو. ، ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ انقلابي ذهن جهالت پٺي واري دور جي ڦردو ۽ ناڪاره ريتن سان متفق ٿي هن سماج ۾ زنده رهي نٿو سگهي ۽ پهريون ڀيرو اڻ ڏٺل شخص صدام جي ڪمي محسوس ٿيڻ لڳي هئي ڪاش جيڪر زنده هجي ها تہ ان سان ضرور ملان ها.

مرشد پاڪ وڏو ڪامل ۽ پهتل زنده ولي اٿئي ماسات هو اسان سيني ڳوٺ وارن کي هميشا بي پرده لکيل پڙهيل مردن جيان ويس پائيندڙ رنن جي اڦالن کان واقف ڪري انهن سان اليڪ سليڪ رکڻ کان روڪيندو آ، ۽ تلقين سان گڏ انهن جا لڇڻ بہ ڏيکاريندو آهي تہ ڏسو ٿا نہ شهري رنن جا افعال رئو مٿي اوڍڻ بجاءِ ڳچي ۾ سرڪڻ ڦاهي جيان لٽڪيل اٿن! ڪپڙا بہ ايترا سوڙها سبرائي پائينديون آهن جو لباس هوندي بہ ننگيون نظر اچڻ لڳنديون آهن ڳالهائڻ جي تہ ڪا خبر ئي نہ اٿن ايري غيري سان بہ ڏند ٽيڙي پيون ڳالهائينديون آهن، نہ وڏ نہ ننڍائي اٿن. بابلا توهان کي خبر ناهي چار اکر پڙهڻ سان ئي انهن ۾ بگاڙ اچي وڃي ٿو ان لاءِ ضائفان ذات کي پڙهائڻ جو مقصد هٿ وٺي انهن کي خراب ڪرڻ آهي. تنهن ڪري

ماسات اسين ڳوٺائي ضائفان ذات کي پڙهايون ئي ڪون! حفيظ ڳالهہ کي ڊيگهہ ڏيندي مرشد جو داستان بيان ڪيو هو.

مرشد پاڪ جي غليظ سوچ جي نشاندهي حفيظ واتان ٻڌي ڳوٺائي عورتن کي علم جهڙي زيور کان محروم بنائڻ جو ڪارڻ معلوم ٿي چڪو هيو تہ ڳوٺائي عورتن جي تعليم پرائڻ واري راهہ ۾ اهم رڪاوٽ جو سبب اهي پير مير ۽ پوتار ٻڌيل آهن جيڪي اڻوجهہ ۽ اياڻن ڳوٺاڻن ۾ غيرت ۽ مردانگي وارو ڀوت سوار ٻڌائي هنن جي نياڻين کي علم جي حاصلات کان روڪي رهيا آهن علم حاصل ڪرڻ هر فرد تي لازم آهي ڏاهن جي چوڻي مطابق اگر هڪ عورت علم جي ڪرڻن سان منور ٿيندي پوي تہ سمجهيو هن جو پورو ڪٽنب شعور جي لاٽ سان روشن ٿيندي پوندو آهي علم تہ انسان جي ٽئين اک مثل آهي سڌريل ملڪن ۾ ترقي ۽ سڌاري جو اهم ڪارڻ عورت جي آزادي ۽ ان جو تعليم يافتہ هئڻ ئي آهي علم تہ انسان جي اندر ۾ بگاڙ پيدا ناهي ڪندو بلڪي هن جي بگڙيل اندر کي اصلاح ڪري سنواريندو آهي دل چاهيو هيو تہ ماسات حفيظ کي سڄي چنبڙ پٽي هن جي مرشد پاڪ کي هن اڳيان ننگو ڪري چڏيان پر اهو سڀ ڪجهہ ان وقت مناسب نہ سمجهيو هيم.

ماسات تہ پوءِ مرشد پاڪ جي ڏي چوڻي پڙهي سعيده طرف اشارو ڪندي حفيظ کان پڇا ڪئي هيم.

اڙي ماسات جيجي نندي تہ ولايت ۾ ديني علم پرائڻ وئي هئي هنن ڇورين جيان مردن واري يونيوسٽي (يونيورسٽي) ۾ ڪونہ پڙهي آئي آهي اسانجو مرشد پاڪ پاڻ تہ اسان کي چوندو آهي اها تعليم ئي تہ ضائفائن کي بگاڙي ٿي! ڇرياڻ تہ پوءِ جيجي نندي کي سائين وڏو ڪيئن پڙهائيندو؟ وڏيري واري ڏي ڏس چار اکر تہ چا پڙهي آهي پر ڪيتري نہ بگڙي وئي آ ڪيئن تو اڳيان بي حجاب ٿيندي پئي ڪچهريون ڪندي آ... تون ئي انصاف

ڪري پڌاءِ اسان جو مرشد پاڪ سچو آهي يا نہ حفيظ عقيدت جي انڌ منجهہ صاديا جو مثال ڏيندي مرشد پاڪ جي وڪالت ڪندي وراڻيو هو.
ڇو ماسات صاديا ڇا ۾ بگڙيل آهي؟ جذبات واري ڪيفيت کي لڪائيندي حفيظ کان پڇا ڪئي هيم...
نہ مٿي تي ڍڪ سان رئو رکندي آ، نہ ڪنهن مرد اڳيان لڄ ڪندي آ، جيڪو چوڻو هوندو اٿس بي حجاب ٿي سريعام چئي ڏيندي آ...
پہ اڪر تہ پڙهيا اٿس پر ادب ۽ اخلاق جا ليڪا اوڙانگهي وئي آ تون پاڻ ئي ڏسندو آهينس تہ ڪيئن هر وقت مردن جيان آوارگي سان ٻنيون گهمندي رهندي آ !ماسات حفيظ صاديا جي زندگي تي تفصيل سان روشني وجهندي وراڻيو هو.
حفيظ جي گفتگو منجهان جهالت جا ڌنڌلا عڪس پيري مريدي جي زنجيرن ۾ غلام بڻيل ڪنهن قوم جيان ڇتا پسڻ وٽان مليا هيا ۽ ڳوٺاڻن ابوجهہ ماروئڙن جو سندر جياپو غلامي جي ڌٻڻ ۾ الجهيل نظر آيو هيو جنهن مان هنن کي نجات تعليم پرائڻ جي بعد ئي ملي سگهي پئي.
آزادي ۽ خودمختياري سان جيون گذارڻ جو هر انسان حق رکي ٿو ان کي بگاڙ نٿو چئي سگهجي حفيظ سان مخاطب ٿيندي وراڻيو هيس.
اڙي حفيظ تون هت بيٺو آهين توکي ڪيترو نہ ڳوليو آهي تڪڙو هل مرشد پاڪ توکي ياد پيو ڪري هڪ ڳوٺائي خدمتگار حفيظ کي مونسان گڏ بيٺل ڏسي اچي چيو هيو ۽ حفيظ مونکي ڪجهہ چوڻ بغير ئي ان ڳوٺائي جي ڪڍ مرشد پاڪ ڏانهن هليو ويو هو. حفيظ جي مرشد پاڪ ڏانهن وڃڻ بعد من اندر ڪروڌ واري آوي تچڪڻ لڳي هئي ڪاوڙ نفرت منجهان گهڻو وقت ان حويلي ۾ رچيل مرشد پاڪ واري ناٽڪ کي ڏسڻ جي وڌيڪ سگهہ نہ ڌاري سگهيو هيس ۽ ماسات حفيظ کان موڪلائڻ بنا

اتان پنهنجي قدمن جو رخ ماسات وارن جي ڳوٺ طرف رکي گهر ڏانهن تيز تيز وکون کڻڻ لڳو هيس
پُٽ حفيظ نہ آيو ڇا؟ ماسي مونکي گهر جي آڳنڊ تي هيڪل ڏسي وراڻي هئي
نہ ماسي ماسات حفيظ شايد مرشد پاڪ جي ڪمن ڪارن ۾ رڌل هيو ماسي کي جواب ڏيندي آڳنڊ تي پيل ڪتولي مٿان وجي ويهي رهيو هيس
صائما پاڻي جو پيريل لوٽو ۽ ماني اڳيان رکندي وراڻي هئي ماسات پوڙ ۾ مرچ اڄ تڪڙ ۾ شايد ڪجھہ سوايا پئجي ويا آهن توڪ نہ ڪجاءِ!
آئون موقعي جو فائدو وٺندي پوڇيا انداز ۾ جهٽ ڏئي وراڻيو هيس ها مونکي خبر آهي ڳوٺ جون مايون ڇريون ۽ بي لڇڻيون هونديون آهن ڪڏهن لوڻ گهٽو تہ وري ڪڏهن مرچ سوايا
واھ پٽ واھ شهر وارن ماين جي لڇڻن جي اسان کي بہ سڀ خبر آهي اهي ڪيتريون سلڇڻيون آهن آئون سڀ ڄاڻان ٿي چڙ ۽ خار منجهان ماسي وچ ۾ ڳالهايو هيو
ماسي اوهان کي مٺو پوندو! شهري عورتون هر ڪم ڪار ۾ ٻهراڙي جي عورتن کان وڌيڪ سلجهل آهن ماسي کي خار ۾ ڏسي ڪري وڌيڪ چيڙائيندي وراڻيو هيس
نهيو پٽ هاڻي نهيو اجايو منهنجو وات نہ کول ماسي چڙ واري ڪيفيت ۾ چوڻ لڳي هئي ۽ وڌيڪ وراڻيندي چيو هائين تہ ڇا شهري عورتون ٻهراڙي جي عورتن جيان مال جا ڇيڻا تغاڙي ۾ کڻي سگهنديون؟ ڇا شهري عورتون ٻهراڙي جي عورتن جيان مال متاع لاءِ ٻنين مان پنهنجي پٽارين پويان ڪپڙي جو ڪانبو ٻڌي گاھ ڪرڻ ڄاڻنديون آهن؟ ڇا شهري عورتون اسان ٻهراڙي جي عورتن جيان نتهڻ اُس ۾ مال چاري سگهن

ٿيون؟ماسي غصي منجهان ڳوٺائي عورتن جي ترجماني ڪندي سوال ڪرڻ لڳي هئي
ماسي اها ڪهڙي وڏي ڳالهہ آ هر انسان پنهنجي فن ۾ مهارت رکي ٿو. اهو سڀ تہ ماحول مطابق هوندو آهي ٻڌو ڪو نہ اٿئي تہ جهڙو ديس تهڙو ويس پلا مونکي ٻڌا ماسي ڇا ڀلا اڙي جون عورتون شهري عورتن جيان ڪمپوٽر هلائي سگهنديون؟ ڇا ڀلا اڙي جون عورتون شهري عورتن جيان جهاز کي آسمان تي اڏائي سگهن ٿيون؟ ڇا ڀلا اڙي جون عورتون شهري عورتن جيان ميڙاڪن ۾ وڏن وڏن اجلاسن ۾ بنا هٻڪ جي ڳالهائي سگهن ٿيون؟ بس ماسي اهو سڀ ماحول جو اثر اٿئي ڀلا اڙي جي عورتن وٽ شعور ۾ ڏاهپ تہ آهي پر وسائل جي اڻهوند سبب انهن وٽ ان شعور ۾ ڏاهپ کي استعمال ڪرڻ وارو ڏان ڪونهي اهو تڏهن ايندو جڏهن اهي تعليم حاصل ڪنديون ۾ شهري عورتن وٽ علم جهڙي دولت آهي جنهن کي هو هڪ مضبوط هٿيار جيان ڪتب آڻي پنهنجي حقن جي حاصلات ڪرڻ ڄاڻن پيون.
پٽ تنهنجون اهي ڳالهيون اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهن الائي ڪهڙا پيو سبق پڙهائين اسين ٿي بي لڇڻيون پليون...! ماسي منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڪتي خفا ٿيندي وراڻي هئي
شابس اٿئي ماسات بنا ٻڌائڻ جي هليو آئين
مرشد پاڪ جو شفا پريو لنگر منجهان ڪجهہ گرهہ ڪڻين پوءِ پلي هليو اچين ها ماسات حفيظ پنهنجي گهر واري ڪڙهہ پار ڪري مونکي ڪتولي تي ماسي وارن سان گڏ ويٺل ڏسي چوڻ لڳو ۽ ڪلهي تان رومال لاهي سامهون واري پيپل ڪٽ تي وڇي ويهي رهيو هيو
اهو تہ نصيبن وارن جي نصيب ۾ ڪائڻ لکيل هوندو آهي شايد آئون بدنصيب هيم انڪري مرشد جو شفا پريو لنگر منهنجي نصيبن نہ هيو تڏهن

تہ مونکي نصيب ٿي نہ سگھيو ماسات حفيظ جي جھالت تي ٺٺول ڪندي طنز ڀريل جملن سان مسڪرائيندي وراڻيو ھيس
۽ سوچڻ لڳو ھيس آخر ڇا ٿيندو ھن اياڻن اٻوجھہ حفيظ جھڙن ماروئڙن جو جيڪي عقيدت واري اونڌھہ ۾ پتڪي پنھنجي جيون جا اڳتي وڌڻ وارا سڀ روشن گس وڃائي ھٿ ٺوڪين ريتن رسمن ۾ پاڻ رولي رھيا آھن ۽ انھن جي اياڻپ جو فائدو وٺندي شاتر ذھن مير پير پوتار ھنن جي خواھشن ۽ جذبن جو سرعام خون ڪندي نظر آيا ھيا آخر ڪڏھن ھنن اٻوجھہ سادڙن ماروئڙن ۾ شعور جي ھڪ محفوظ شمع روشن ٿيندي جيڪا ميرن پيرن پوتارن جي ڍونگي ريتن رسمن عقيدن وارن گھلندڙ واچوڙن سان مھاڏو اٽڪائي روشن ٻٽيل رھندي! جيسين تائين تعليم جو اڀرندڙ روشن سج ڳوٺاڻن جي جھالت ڀري اونداھي زندگي منجھہ نہ اڀرندو شايد تيستائين جھالت واري ڪاري رات ڳوٺاڻن جي زندگي منجھان ڪڏھن بہ ختم نہ ٿي سگھندي تعليم ئي واحد ذريعو آھي جيڪو ھنن اٻوجھہ اياڻن ماڻھن جي ايندڙ نسلن کي انھي غلامي واري اونڌھہ منجھان نجات ڏياري ھنن جي مستقبل کي روشن بڻائي سگھي ٿو.

(9)

اچانڪ فون جي رنگ وڄڻ لڳي هئي جنهن منهنجي سوچن کي منتشر ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪيو هيو موبائيل فون کي ڪيسي مان ٻاهر ڪڍي اسڪرين طرف نهاريو هيم تہ سنڌو جو نمبر نظر آيو هو ڪال اٽينڊ ڪري موبائيل کي ڪن تي رکي هيلو ڪيو هيم.

اسلام عليڪم ساگر پريان سنڌو جو آواز ڪنن سان ٽڪرايو هو.

وعليڪم والسلام جو جواب ڏنو هيم.

ساگر آئون اوهانکي ڪا حقيقت ٻڌائڻ ٿي چاهيان پهريان واعدو ڪيو تہ ڪال نہ ڪٽيندو جيستائين منهنجي ڳالھ مڪمل نٿي ٿئي... سنڌو منٿ ڪندي پريان جهيڻي آواز ۾ چيو هو...!

ڇا مطلب .پنهنجي مقصد واري ڳالھ ڪيو بي رخي منجهان وراڻيو هيس مطلب تہ وچ ۾ ڪال نہ ڪٽيندا ؟؟ پڪ ڪندي سنڌو ڳالهايو هيو

آخر چوڻ ڇا ٿا چاهيو صاف صاف ٻڌايو ؟ تلخ لهجو زبان تي برقرار رکندي وراڻيو هيس.

ساگر غور سان ٻڌجان پليز...! شازيا کان اڻڄاڻائي ۾ هڪ وڏي غلطي ٿي چڪي آ. ان تي هن کي وڏو پڇتاءُ آهي هو ان غلطي کي سڌارڻ گهري پئي هو اوهان جي گنهگار آهي اوهان سان ملڻ چاهي پئي هن کي احساس ٿي چڪو آهي تہ ويساھ گهاتي سبب جڏهن دليون ٽٽنديون آهن تہ ان جو درد ڪيترو نہ اذيتناڪ هوندو آهي نادان پاڻ ان اذيت ۾ پيڙاءُ جي مسافت منجھ پيار جي رڃ ۾ پتڪيل ماڻهو جيان پتڪي آهي ...! ساگر شازو هاڻ توسان سچو پيار ڪرڻ لڳي آ...پليز هن کي پنهنجي غلطي سڌارڻ جو

هڪ موقعو ڏيو ها وهان کان معافي وٺڻ چاهي ٿي پليز هن کي معافي وٺڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪيو پليز پليز ساگر پليز !! سنڌو منٿ واري ڪيفيت ۾ شازو کي معاف ڪرڻ ۽ هڪ ڀيرو هن سان ملڻ لاء التجا ڪندي چيو هيو.
شازو جي پڇتاء ۽ ان جي معافي گهرڻ سان منهنجي جيون جا ڏنڏلا ٻڌجي ويل عڪس هاڻ چٽا ٿجي سگهن ٿا ڇا هو ازالو ڪري سگهندي منهنجي تڙپ جو جيڪا هرپل هر گهڙي منهنجي جيون جي پساهن کي اوڏوهي جيان کائي منهنجي وجود کي متائڻ جا جتن ڪري رهي آ ڇا هو مونکي وڃايل اهي جيون جا قيمتي پل موٽائي ڏئي سگهي ٿي جيڪي هن ڀٽيان مون خرچ ڪيا آهن نہ نہ مان ڪير ٿيندو آهيان هن کي معاف ڪرڻ وارو يا هن کي سزا ڏيڻ وارو ڪروڌ وچان سنڌو کان سوال ڪندي پڇڻ لڳو هيس.
ساگر هو نادان ڇوڪري آڪاش جي ڪوڙي چاهت واري وڇايل ڄار ۾ الجهي پئي هئي...! سچ پڇيو شازيا آڪاش جي گهٽيا ڪردار کان اڻ واقف هئي...!! جملن کي اڌ ۾ ڇڏيندي سنڌو ڳالهايو هو.
آڪاش جو نالو ٻڌندي ئي جسم ششي ويو هو ۽ خيالن واري بنا بريڪ ٽرين ۾ سفر ڪندي يونيورسٽي وارا ماضي جا ڪجھ منظر ياد اچڻ لڳا هيا آڪاش منهنجو همعصر، رازدار هڪ سٺو دوست هيو آڪاش سان منهنجي گهرائپ سمونڊ جي لهرن جيان جڙيل هئي.
آڪاش ڪزبانو کي حاصل ڪرڻ لاءَ شازيا کي استعمال ڪيو هو ۽ شازو سان پيار جو ناٽڪ ڪيو هيائين.
شازيا آڪاش سان پيار ڪندي هئي پر آڪاش ڪزبانو سان پيار ڪندو هيو ڪزبانو وري اوهان جي چاهت ۾ ڦاٿل هئي تڏهن تہ آڪاش شازيا کي استعمال ڪندي ڪزبانو جي دل اندڙ ڦٽندڙ پيار واري گونچ کي وڻ ٻنجڻ کان ڀهريان ئي ويساهہ گهاتي واري زهريلي آب سان ساڙائي ورتو هيو

ڪزبانو مونسان پيار ڪندي هئي ؟ هن تہ ڪڏهن اهو ظاهر ئي نہ ڪيو هيو ڪزبانو تہ منهنجي هڪ بهترين ڪلاس فيلو ۽ سٺن دوستن جيان دوست هئي اگر ڪزبانو سچ ۾ مونسان پيار پئي ڪري تہ هو پڪ سان مونسان پنهنجي پيار جو اظهار ضرور ڪري ها ڇاڪاڻ تہ هو شعور ۽ انقلابي سوچ رکندڙ هڪ همت ڀري ڇوڪري هئي ڪزبانو ڪي ڪير روڪڻ ۽ ٽوڪڻ وارو بہ نہ هيو وچ مان ڳالهہ ڪٽيندي جذباتي انداز ۾ سنڌو کي چيو هيم.

ساگر ڪاش ڪزبانو پنهنجي چاهت جو توسان اظهار ڪري ها تہ شايد ايترو ڪجهہ نہ ٿي سگهي ها هن جي سوچ اها هئي تہ سچي چاهت اظهار واري لفظن جي محتاج ناهي ٿيندي بس پيار تہ هڪ اندر جو احساس آهي جنهن کي بہ پريمي دل جي ڌڙڪن جيان پڙهي سگهندا آهن ۽ سچائي واري اک سان ڏسي سگهندا آهن ڪزبانو کي يقين هيو تہ تون هن جي پيار واري هن حسين احساس کي ڪنهن وقت محسوس ضرور ڪندي ان لاءِ تہ هو پنهنجي دل اندر ٻرندڙ هڪ طرفي محبت واري آوي ۾ تنها پچرڻ لڳي هئي پر جڏهن پيار واري تڙپ اڪيلي سر برداشت ٿيڻ کان وڌڻ لڳي هيس تہ هڪ ڏينهن هو موقعي جي تلاش ڪندي توسان پنهنجي چاهت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ويلنٽائن ڊي واري ڏينهن يونيورسٽي ڪيمپس اندر ملهائيندڙ ان فنڪشن اندر هٿن منجهہ گلاب کڻي آئي هئي اتي توسان گڏ شازو کي ويٺل ڏسي اظهار ڪري نہ سگهي هئي پر بعد ۾ وري جڏهن هن کي اها خبر پئي هئي تہ شازو توسان پيار ڪري ٿي ۽ تنهنجو افيئر شازو سان هلي رهيو آهي تہ هو خاموشي سان يونيورسٽي کي ڇڏي هلي وئي هئي جيڪا هن وقت تائين وري يونيورسٽي اندر ڏسڻ ۾ ناهي آئي ڇاڪاڻ تہ هن شازو ۽ تنهنجي پيار ۾ رڪاوٽ بنجڻ نہ گهريو هيو هو شازو جي هڪ سٺي سهيلي

هئي شازو پاڻ ٻڌايو آ تہ ڪئين آڪاش هن جي چاهتن سان ويساهہ گهاتي ڪندي شازو ڪي محبت ۾ آزمائش مان گذرڻ جو ناٽڪ ڪري ڪزبانو ڪي حاصل ڪرڻ پيو چاهي آڪاش ڪزبانو ڪي چاهيندو هيو ۽ شازو آڪاش ڪي ڪزبانو وري توڪي ۽ تون وري شازيا ڪي اها خبر جڏهن آڪاش ڪي پئي هئي تہ هن شازو ڪي توسان ڪوڙي پيار ڪرڻ وارو ناٽڪ ڪرڻ جو چيو هيو ۽ چيو هيائينس تہ اگر تون ساگر ڪي جنهن ڏينهن پنهنجي پيار واري فريب ۾ مڪمل طور تي ڦاسائي ورتو سمجهہ ان ڏينهن کان جيون ڀر لاءِ آئون تنهنجو ٿي ويندس آڪاش اهو سڀ ڪزبانو ڪي توکان ڌار ڪرڻ لاءِ شازس تحت ڪرڻ لڳو هيو هو ڪهڙي بہ طريقي سان ڪزبانو ڪي حاصل ڪرڻ پيو گهري ۽ اياڻي شازو آڪاش جي چاهت ڪي اپنائڻ خاطر توسان ڪوڙي چاهت جو ناٽڪ ڪري هڪ سٺي سهيلي جي جذبن ارمانن جو قتل ڪري ويٺي پر افسوس انهي سڀ ڪجهہ ڪرڻ باوجود بہ هن ڪي آڪاش جو پيار ملي نہ سگهيو آڪاش جو مڪار پڻو هن جي چاهتن جو مذاق اڏائي هن جي سچي پيار ڪي داغدار بڻائي هن ڪي دوکو ڏئي هن ڪي ٺڪرائي ڇڏيو آهي ! شايد اهائي شازو جي ڪيل گناهن جي هن لاءِ سزا آ جيڪا هن بدنصيب ڪي ملي شازو ڪزبانو اڳيان پنهنجي غلطي جو اعتراف ڪري هن کان معافي وٺي چڪي آ پر هاڻ هو توکان معافي گهرڻ چاهي ٿي هن ڪي وڏو پڇتاءَ آهي ساگر هو تنهنجي گهر ڪافي ڀيرا توسان ملڻ ڪاڻ بہ وئي هئي پر تون شايد ڪو نہ هئين ان لاءِ توسان نہ ملي سگهي !وري تون هن جو نمبر بہ بلاڪ لسٽ تي لڳائي ڇڏيو آهي ان لاءِ توسان ... سچائي بيان ڪين ڪري سگهي پليز ساگر پليز هڪ دفعو هن ڪي موقعو ڏي تہ جئين هو پنهنجي ڪيل خطائن جو ازالو ڪري توکان پنهنجو گناهہ بخشرائي سگهي شازو ڪي هن وقت وڏو پڇتاءَ آهي هو سچ ۾ هاڻ توسان

سچو پيار ڪرڻ لڳي آهي هو توکي هاڻ وڃائڻ نہ ٿي گهري پليز ساگر هڪ ڀيرو هن کي پنهنجي غلطي سڌارڻ جو موقعو ڏيو ۽ يونيورسٽي واپس اچو پنهنجا ڪلاس اٽينڊ ڪريو ۽ ها لاسٽ سميسٽر بہ شروع ٿيڻ وارو آهي سنڌو جيون جي تلخ حقيقتن تان پردو ڪڻندي مسلسل ڳالهائيندي رهي هئي

سنڌو جي گفتگو منجهان پنهنجي وڪري ويل جيون جو ڪارڻ دليلن سميت منهنجي اڳيان پيش پوڻ لڳو هيو ضمير جي عدالت ۾ هڪ طرف ڪزبانو کي نماڻن نيڻن سان بيٺل ڏٺو هيم تہ ٻئي پاسي شازو کي مڪار پڻي واري انداز ۾ ناٽڪ ڪندي ڪٺهڙي منجهہ بيٺل پانيو هيم ان ويل پاڻ کي پتڪيل ماڻهو جيان وڪرندي پائڻ لڳو هيس ڪوبہ فيصلو نہ ڪري سگهيو هيس بلڪل ڪنهن الجهيل هاء پروف اسڪيبڊل بڻيل ڪيس جيان جنهن جي فتوا ڏيڻ تمام اوکي بڻجي پوندي آ پاڻ کي منزل تي ڪاميابي سان رسڻ جو مقصد ڪٽي نڪتل ڪنهن راهي جيان جيون جي چواٽي تي بيٺل پائڻ لڳو هيس جيڪو طويل مسافت طئي ڪندي پتڪيل ماڻهو جيان پتڪي اچي اهڙي چوواٽي تي پهتو هيو جتان هڪ پيچرو انتخاب ڪرڻ ڪنهن جواري جي لڳايل داء جيان هجي جيڪو ڪٽڻ ۽ هارائڻ واري نتيجي کان بلڪل بي خبر هوندو آهي آڪاش طرفان دوستي جي آڙ ۾ ڪيل ويساه گهاتي ڪنهن پالي کان گهٽ ڪين پائڻ لڳي هئي جنهن کي زهر جو پاٽي شازيا ڏنو هيو پيار منجهہ ناڪامي ملڻ وارن جيون جي اڻپورن سوالن جا سپ جواب سنڌو ڏئي ڇڏيا هيا

هيلو هيلو . . . ساگر آواز اچي پيو هيلو ساگر ساگر. . . . س س س ساگ. . . نہ چاهيندي بہ ٿڙڪندڙ هٿڙن سان ڪال اڌ مان ڪٽي ورتي هيم ۽ سنڌو جو نمبر بہ شازيا جي نمبر جيان هميشا لاء بلاڪ لسٽ ۾ لڳائي ڇڏيو هيم. . .

ڳوڙها اکين منجهان منداڻتي مينهن جيان وسڻ لڳا هيا ۽ ريهون ڪري پارن جيان رڙيون ڪري روئڻ لڳو هيس پهريون ڀيرو ڀهراڙي جو جنت نماءَ سندر ماحول بي چين منهنجي من کي راحت بخشڻ ۾ ناڪام ويو هو. ٽڏڙي هير جا مڌر موسيقي جهڙا آلاپ جيڪي منهنجي وجود سان ٽڪرائندا ٿي رهيا هيا. سرسبز ٻنين جو ساوڪ ڀريو منظر جنهن کي پسڻ بعد خزان جهڙي زندگي ۾ بهار جو احساس محسوس ڪندو هيس. ڪونجن جو نير گگن هيٺان قطارن وارو دلڪش نظارو، ڀهراڙي جي ڪنوارين جا آزاد ٽهڪ، ڏنارن جون ڪوڪون، لهندڙ سج جي لالاڻ سان اردگرد جي ماحول جو ڳاڙهيسڙو چهرو جنهن کي تجسس منجهان اڪثر پسندو رهندو هيس سڀ ناڪام ٿيا هيا منهنجي جيون جي ٻٽيل سپني ڏنڌلن عڪسن کي چٽو بنائڻ ڪاڻ ويساهه گهاتن جا واچوڙا سوچن کي ذهن جي ريگستان تي واري جيان ڦيراٽيون پارائي قلابازيون ڪارائڻ لڳا هيا جتي ماضي جا گذريل پل يادن جي روپ ۾ اندر وارن جذبن کي وڪيري منهنجي جيون جا سمورا عڪس ڏنڌلا ڏنڌلا ثابت ڪرڻ جا جتن ڪرڻ لڳا هيا پتڪيل ماڻهو جيان پنهنجي جيون کي وڻ منجهان ڇٽي هيٺ ڪريل سڪل پنن جيان تصور ڪري وڪرندي پائڻ لڳو هيس جيڪي منزل کان اڻ واقف ٻڌجي گهلندڙ هوائن جي رحم وڪرم تي وڪري اڏامندا رهندا آهن اچانڪ ڪنهن عورت جي درديلي پڙاڏو ٻٽيل آواز ڪنن سان ٽڪرائجي خيالن جي دنيا مان ٻاهر ڪڍڻ وارو ڪردار ادا ڪرڻ لڳو هيو. وهندڙ ڳوڙهن کي اگهندي پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي هيم سامهون طرف نگاهه ڦيري ڏسڻ لڳو هيم ته سامهون ايندڙ هڪ نيم پاڳل ٻٽيل ڀيڙي عورت نظر آئي هئي جنهن جا وار ميرڙا ۽ وڪريل هيا. چتيون لڳل ڪپڙن تي مٽي جي رڀ ڄميل هيس. هٿ ۾ وڏي لڪڻ جنهن ۾ گندگي سان ٽمٽار ڪليون ٻڌيل

نظر ٿي آيون هيون لڪڻ کي ڦيرائيندي عجيب قسم سان چپڙن ۾ پڻ پڻ ڪندي مون طرف نگاهون ڦيري ڪجھ چوندي منهنجي پرسان لنگهي وئي هئي نہ ڄاڻ ان نيم پاڳل ٻڍڙي عورت جي وجود کي پنهنجي پرسان گذرندي ڏسي هڪ عجيب قسم جي ڪشش ٿيڻ لڳي هئي هن جي گهڻجيل ڇهري منجهان پنهنجائپ جي بوءِ اچڻ لڳي هئي ان نيم پاڳل ٻڍيل ٻڍڙي جي اهڙي حالت پسي اهو واضح پسڻ وٽان ملڻ لڳو هيو تہ شايد پٿيل ماڻهو جيان تقدير جي ڪا ستايل آ، هن جي ڪيفيت منجهان اذيتن پيڙائن جا انيڪ داستان ڏنڌلن عڪسن جو روپ ڌاري واضح پسڻ وٽان ملڻ لڳا هيا شايد جيون منجھ هن سان وڏا کي هاڃا ٿيل هجن، ان نيم پاڳل ٻڍيل عورت جي ڇهري مٿان گهڻج ٻڍيل لڪيرن جي ريکائن ۾ جيون جي اڻ ڪٿندڙ دردن وارن ڏنڌلن عڪسن ۾ پنهنجي وکري ويل جيون جي درد واري ڪٿا ۾ فرق نظر نہ آيو هيو سوچيو هيم آخر هن نيم پاڳل عورت سان منهنجو ڪهڙو ناتو ٿي سگهي ٿو هن سان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي جو هن منجهان مونکي پنهنجائپ واري خوشبو اچي پئي هن جي ڇهري تي اڀري آيل ريکائن منجهان مونکي دردن واري پيڙاء پنهنجي دردن جيان محسوس ٿيڻ لڳي هئي! آخر هي نيم پاڳل ٻڍيل عورت ڪير ٿي سگهي ٿي مان هن کي ڪئين سڃاڻان ٿو ۽ هن سان ڪهڙو رشتو آ منهنجو ذهن اندر اڀرندڙ ان نيم پاڳل ٻڍيل عورت بابت سوال ڪاريهر نانگ جي ڦڻ جيان ڪر ڪڍي پريشاني جي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي جوابن جي حاصلات ڪاڻ ڏنگڻ لڳا هيا پنهنجي وجود سان گڏ روح کي زخمي ٿيندي پائڻ لڳو هيس اچانڪ پاڻ طرف ايندڙ صاديا تي نگاھ پوندي ئي پاڻ کي ڪجھ هلڪو تصور ڪرڻ لڳو هيم من اندر دردن واري اٿيل طوفان کي ڪجھ مانار ۾ ايندي ڏٺو هيم ساگر سڀ خير تہ

آهي ڀِتڪيل ماڻهو جيان اڄ ڀلا ڪجھ اداس ۽ پريشان پيا نظر اچو؟ ۽ ڇا پيا سوچيو؟ صاديا مونکي پريشان ڏسي منهنجي ڪيفيت منجهان اندازو لڳائيندي چوڻ لڳي هئي

بس نيڪ آهيان ڪجھ منٽ پهريان هتان هڪ نيم پاڳل ٻڍيل ٻيڙي عورت جو گذر ٿيو هيو ان جي اجڙيل حالت ڏسي ان بابت سوچي رهيو هيس ته آخر اها عورت ڪير هئي ۽ ان جي اهڙي حالت جو ڇا سبب آ پنهنجي پيڙاء ڪي اندر ۾ لڪائيندي پاڻ سنڀالي صاديا ڪان پڇڻ لڳو هيس

شايد خالا صدوري ڪي ڏنو هوندئي ! ويچاري جي جيون جو هڪ وڏو الميو آ بس ڇڏ ان ڪي آئون توڪي ڪجھ ٻڌائڻ ڪاڻ آئي آهيان ڇوته اوهان منهنجي دوستي قبول ڪري مونکي اهو حق ڏئي ڇڏيو ته خوشي ۽ غمي واري ڪيفيت اوهان سان ونڊي سگهان. ان لاء سڀ ڪان پهريان اوهان ڪي ئي ٻڌائڻ بهتر سمجهيم صاديا ان عورت جو نالو خالا صدوري ٻڌائيندي وراڻي هئي

جي ڇا ڳالھ آهي سڀ خير ته آهي نه؟ پريشان ٿيندي صاديا ڪان پڇيو هيم سڀ خير آهي ساگر شايد اچوڪو هي ڳوٺ مٿان لهندڙ ڳاڙهسري سج وارو منظر ٿي سگهي وري توسان گڏ ڏسڻ وٽان ملي سگهي الائي نه مونکي يونيورسٽي ۾ ايم فل جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاء داخلا ملي وئي آهي سڀاڻي آئون يونيورسٽي ڏانهن هليويندس ۽ اتي گرلس هاسٽل تي رهي پنهنجي جيون ۾ سرجيل خوابن ڪي ساڀيائن جو جامو پهرائڻ ڪاڻ جستجو شروع ڪندس ان لاء سوچيم هي خوشخبري سڀ ڪان پهريان اوهان ڪي ئي ٻڌايان خوشي ۽ غم جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ صاديا چيو هو صاديا طرفان ڳوٺ ڪي ڇڏڻ وارا جملا ٻڌي من جي سرزمين ڪي ڪلراٺو ٿيندي تصور ڪرڻ لڳو هيس جتي خوشي جو فصل پوکي نه پيو سگجهي

پنهنجي وجود کي لرزندي پانيون هيم سوچڻ لڳو هيس تہ آخر ڇو مونسان ائين ڪجھہ اوچتو اوچتو ٿي رهيو آهي

ڇا ٿيو ساگر ڇا سوچي رهيو آهين اوهان کي شايد خوشي ڪانہ ٿي آهي مونکي يونيورسٽي ۾ داخلا ملڻ تي؟ مونکي خاموش ڏسي صاديا وراڻي هئي ڪجھہ بہ ناهي ٿيو ڏاڍي خوشي ٿي آهي بس ان نيم پاڳل عورت بابت سوچي رهيو هيس اندر منجھہ اپريل دردن واري سٽ کي برداشت ڪري موضوع جو رخ موڙيندي صاديا کي چيو هيم

بس ساگر اها ويچاري خالا صدوري آهي نالو تہ صدوري اٿس شايد ويچاري قسمت جي نندوري آ پهريان پاڳل ڪانہ هئي ! جوان پٽ جي اچانڪ موت واري صدمي هن جا هوش وڃائي ورتا آهن هي پرواري ڳوٺ ۾ رهندي آهي هاڻي تہ اڪثر ڀٽڪيل ماڻهو جيان هنن دڳن تي رولاڪين واري مسافت طئي ڪندي رهندي آهي صاديا ان عورت بابت ٻڌائيندي اداسائي ۽ نراسائي منجهان چوڻ لڳي هئي.

ڇا ٿيو هيو ان جي جوان پُٽ کي؟ ڇا نالو هيس پٽ جو تعجب وچان سوال ڪندي صاديا کان پڇيو هيم.

خالا صدوري هڪ ڏاهي عورت هئي .هن جي پٽ جو نالو صدام هيو جيڪو يونيورسٽي مان ڊگري پوري ڪري ڪجھہ ڏينهن لاء ڳوٺ آيو هيو خالا صدوري جو اڪيلو سهارو هيو صدام جي ابو جي وفات کان پوء خالا صدام جي پرورڙش ڪاڻ پنهنجي جواني جا سڀ عکس ڌنڌلا بڻائي ڇڏي شادي ڪانہ ڪئي هئي ۽ صدام کي ڪنهن مقام تي ڏسڻ خاطر پنهنجي نند ٽڪ وارين رلين ۽ چادرن تي پيرت پريندي ٽانڪي ورتي هيائين ۽ صدام کي يورنيورسٽي پڙهائڻ لاء موڪليو هيائين ان آس تي تہ صدام منهنجي پيري جو سهارو بڻجي منهنجي خواهشن جو پورائو ڪندو صدام هڪ سپاجهو ۽

سلڇڻو فرمانبردار ڇوڪرو هيو صدام شعور ۽ انقلاب جي آدرشن ۾ رنگجي هن ظلمت جي گهاٽي ۾ پيسندڙ اڀوجهه ماروئڙن جي دردن تي مرهم لڳائڻ پئي چاهي هئي شايد تڏهن تہ موت جي ورچڙهي ويو پاڻ سان گڏ ڪيترن کي ئي زنده لاش بڻائي مدام لاءِ تنهائين جا رڻ جهاڳڻ ڪاڻ هت رولي ويو صاديا جي اکين منجهان لڙڪ وهڻ لڳا هيا من اندر دردن جي طوفان گهلڻ شروع ڪري ورتو هيس ۽ هو سڏڪا ڀري رئڻ لڳي هئي

صاديا کي ائين ازيتن دردن جي ڦاهي گهاٽ تي لٽڪندي روئيندي ڏسي ڪجهہ ڪين ڪڇي سگهيو هيس ماسات حفيظ وارا اهي جملا ذهن تي گردش ڪرڻ لڳا هيا تہ ماسات تون صدو بي پيري واريو ڳالهيون ڪرين پيو ان ويل صدام جي شدت سان ڪمي محسوس ٿيڻ لڳي هئي دل گهريو هو تہ ڪاش صدام هجي ها ملي وٺانس ها صاديا جا ادا ڪيل جملا ذهن مٿان گردش ڪرڻ لڳا هيا تہ هن جي انقلاب ئي هن کي موت جو ڪاج بڻايو آهي صاديا کي سڏڪا ڀريندي ڀريندي جڏهن خاموش ٿيندي ڏٺو هيم تہ پڇيومانس صدام کي ڇو ماريو ويو هن جو ڪهڙو قصور هيو ۽ ڪنهن ماريو هيس؟

بس شايد آئون بہ هن جي موت جي ذميوار ٿي سگهان ٿي هي اڀوجهہ ڳوناٺان بہ هن جي موت جو ڪارڻ ٿي سگهن ٿا صدام جڏهن ئي يونيورسٽي مان واپس وريو هيو تہ مونسان مليو هيو هو ڏاڍو خوش هيو ان وقت پنهنجي مستقبل جا سندر خوابن کي حقيقي روپ ڏيارڻ لاءِ بي تاب هيو مان صدام سان بي انتها محبت ڪندي هيس هو بہ مونسان بي انتها پيار ڪندو هيو ان لاءِ آئون هن سان شادي ڪرڻ واري ڳالہ ابو سان ڪئي هئي ابو ڀريان تہ چپ ٿي ويو هيو پوءِ ڪجهہ سوچي ها ڪئي هيائين ڇو تہ ابو بہ منهنجي خوشي ۾ شايد خوش نہ هيو. صدام يونيورسٽي جي اعلي تعليم حاصل

ڪري ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙو ٽوشن سينٽر کوليو هيو، جتي ڳوٺ جي ڇوڪرن کي مفت ۾ تعليم ڏيڻ سان گڏ پيري مريدي کان ويندي وڏيرن جي ڦردو رسمن بابت انهن کي آگاهي ڏيندو هيو تعليم جي زيور کان محروم ٻٽيل ڳوٺ جي ڇوڪرن ۾ شعور جي شمع ٻاري جهالت واري ٻاٽ کي مات ڏيڻ لاءِ انقلابي ليڪچر بہ پڻ ڏيڻ لڳو هيو ايتريقدر جو غلامي جي چنبي ۾ آيل ڳوٺاڻن کي آزادي سان جيون گهارڻ جا آدرش سيکارڻ لڳو هيو اهو ڪم شايد هن جو اهڙو هيو جو درياءَ ۾ رهي مانگر مڇن سان وير رکڻ جنهن جي ڪري ڪافي بار ڌمڪيون مليون هيس ۽ هڪ بہ پيرو مار بہ کاڌي هيائين پر تنهن هوندي بہ پوئتي ڪين هٽيو هو ۽ انقلاب انقلاب ڪندو رهندو هيو! آخر هڪ ڏينهن روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ ماريو ويو اها خبر هر ڪنهن جي واتان ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي هئي؟؟ اهو صدمو خالا صدوري کان برداشت نہ ٿي سگهيو تڏهن کان وٺي هو نيم پاڳل عورت بڻجي وئي آهي خالا صدوري هنن ڏڳن پيچرن تي صدام جي واپس ورڻ جي منتظر بڻجي هن جو اوسيئڙو ڪندي رهي ٿي .صدام يونيورسٽي ۾ انقلابي تنظيم سان وابستگي رکندڙ هڪ سرگرم ڪارڪن هيو جڏهن هنن کي هن جي ايڪسيڊنٽ ۾ ٿيل اچانڪ موت جي خبر پئي هئي تہ هنن اچي هن جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو هيو ڊاڪٽرن پاران جيڪا پوسٽ مارٽم جي رپورٽ پيش ڪئي وئي هئي ان ۾ موت جو سبب ايڪسيڊنٽ نہ بلڪي تيز ڌار واري اوزار سان صدام جي موت واري رپورٽ ٻڌائي وئي هئي پوسٽ مارٽم جي رپورٽ بعد پوليس تحرڪ ۾ اچي وئي هئي شڪ جي بنياد تي ڪجهہ گرفتاريون ڪيون هيائين ۽ صدام جي ئي ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ فرد جنهن اهو تسليم ڪيو هو تہ مان مرشد پاڪ جي چوڻ سان صدام جو قتل ڪيو آهي ڇوجو صدام منهنجي ڪامل مرشد خلاف گهٽتا لفظ

ڳالهائيندو هيو......!! هو اسان جي مرشد جو گستاخ هيو ان ڪي ماري مون جنت ڪمائي ورتي آهي مونکي ڪو بہ پڇتاءُ نہ آ... آئون صدو جهڙي ڪافر ڪي ماري جيئري جنت جو حقدار بڻجي ويو آهيان مان هن ڪي ماريو آهي ها مان هن ڪي ماريو آهي ! اهو عقيدت جي جنون ۾ ورتل جنوني قاتل جيل جي سلاخن پٺيان صدام جي خون ڪرڻ سبب اڄ بہ سزا ڪاٽي رهيو آهي بس ساگر صدام ڪي انقلاب آڻڻ جي سزا ڏني وئي هن ڪي هنن ماروئڙن جو آواز بڻجي ظلم جي گهاٽي هيٺ پيسندڙ مظلومن ڪي انصاف ڏيارڻ ڪاڻ پنهنجو آواز بلند ڪرڻ سبب ماريو ويو صدام تہ بي قصور هيو هن جو ڏوهہ اهو هيو تہ هن پيري مريدي جي آڙ ۾ ڍونگي مرشدن جي ڍونگ ڪي ننگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي هن تہ پوتارڪي سستم هيٺ هٿرادو بڻايل ريتن رسمن ڪي مڃڻ کان انڪار ڪيو هيو هن تہ اياڻن سادن سودن ماروئڙن ڪي جهالت جي اونداهہ منجهان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ علم جي شمع ٻاري جگنو بڻجي روشني آڻڻ چاهي هئي شايد تڏهن تہ ماريو ويو ! ها ساگر پڌ مان صدام سان بي پناهہ چاهت ڪندي هيس جڏهن توڪي پهريون ڀيرو وڏي ڳوٺ واري رستي تي بيٺل ڏٺو هيم حفيظ سان گڏ تہ نہ ڄاڻ الائجي ڇاڪاڻ مونکي تنهنجي روپ ۾ صدام پسڻ ۾ آيو هيو ان لاءِ تہ آئون توسان ايترو هجت ڪري ڳالهائڻ ۽ ويجهڙائپ رکڻ لڳي هيس ها توڪي ياد هوندو مان توسان محبت جو اظهار بہ ڪيو هيو جيڪو تو قبول نہ ڪيو ڏاڍو صدمو رسيو هيو. ساگر مان ايتري بہ ڪريل ڪردار واري ڇوڪري نہ آهيان شايد اوهان اهو محسوس ڪيو هجي ...جڏهن آئون اوهان سان گهرائپ شروع ڪئي هئي ان ويل مان توهان جي روپ ۾ پنهنجي صدام جو عڪس ڏسڻ لڳي هيس ان لاءِ توهان سان ملڻ ڪچهريون ڪرڻ ۽ هجتون رکڻ ۾ سڪون ملندو هيو پليز ساگر مونکي

معاف ڪجان اگر مون کا غلطي ڪئي هجي ۽ منهنجي هجت ويجهڙائپ سبب اگر اوهان کي ڪا تڪليف پهتي هجي پليز معاف ڪجو ائين چئي صاديا سڏڪندي سڏڪندي تڙڪون وڪون ڪٽي واپس هلي وئي هئي صاديا جي وڃڻ بعد به ڪافي ٽائيم پاڻ کي ڪنهن مندر ۾ سجايل پٿر جي مورتي جيان پٿر بڻجي بيٺل پاتيو هيم ڳچ ٽائيم سڪتي ۾ رهڻ بعد پتڪيل ماڻهو جيان پنهنجي قدمن جو رخ ڳوٺ جي ڪوهه طرف موڙي وڌڻ لڳو هيس ڪوهه تي پهچي پلٽي ڪوڙي ڳوٺ جي مٿان چائنل لهندڙ سج جا ڳاڙهسرا ڪرڻا پسڻ لڳيو هيم ۽ جاهل پٽي جا ڏنڊلا عڪس ڳوٺ جي خوبصورت منظر مٿان ڳجهه جيان لامارا ڏئي رهيا هيا جن کي پر کڻ بعد بي مقصد جياپي منجهه اميدن جا وساميل ڏيئا هڪ دفعو ٻيهر روشن ٿيندي پاتيان هيم. بنا ڪنهن رڪاوٽ واري جيون ۾ هڪ نئون منصوبو جوڙي ڪوهه تان اٿي ماسي وارن جي گهر پهتو هيس ۽ ڏاندن ۾ پنجالي جيان پنهنجو ٿيلهو ڪلهن سان جوٽي اهو سوچڻ لڳو هيس ته زندگي صرف پيار نه آ زندگي ۾ هزارين شيون سمايل آهن جهڙوڪ معاشرو ۽ ان جي اردگرد ٿيندڙ مظلوم پورهيت سان ناانصافين واريون وارداتون جن جو سڌارو به اسان اهل علم رکندڙ فردن تي اولين فرض آهي ۽ پهراڙي جي وڻندڙ ماحول کان الوداعي نظرن سان موڪلائيندي من جي ڪائنات منجهه گهري ننڊ پيل پتڪيل ماڻهو سان ڳالهيون ڪندي شهر طرف روانو ٿيو هيم.

***

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



هونئن ته لکڻ کو ڏکيو مرحلو نه آهي خاص ڪري ان انسان لاءِ جيڪو روز ڪجهه نه ڪجهه لکندو هجي پر جڏهن پنهنجن تي لکڻو هجي تڏهن هڪ لکندڙ لاءِ سڀ کان ڏکيو وقت اهو ئي هوندو آهي ڇا لکجي؟ ڪيئن لکجي؟ ڪٿان شروعات ڪجي؟ گهڻا ئي سوال ذهن مٿان سوار ٿي پوندا آهن.

هن دور ۾ هر شخص ڪهاڻي آهي هر ڪهاڻي جا انيڪ روپ آهن ۽ ڪهاڻيڪار انهن جو پاليندڙ آهي لفظن کي ساهه ۾ سانڍيندڙ آهي بلڪ احساسن سان ڀرپور جذبن کي حياتي ڏيندڙ آهي. جڏهن الفاظن سان وفا نڀائبي آهي ته احساس سماج کي ڪتابي صورت تحفي طور ملندا آهن ۽ تاريخ انهن ڪتابن کي صدين تائين محفوظ رکندي آهي.

"پٽڪيل ماڻهو" ناول ۾ به هڪ پٽڪيل اهڙي ماڻهو جي ڪهاڻي آهي جيڪو محبت جي رڃ ۾ پٽڪي يونيورسٽي کي اڌ ۾ ڇڏي ڪري ڇڏيندو آهي جنهن کي شهر جون روشنيون به موهي نه سگهنديون آهن زندگي کي بي مقصدو سمجهي بازي هارايل جواري جيان رهيل پل ڪاٽڻ لاءِ ڳوٺ جي سادڙي ماحول جو رخ ڪندو آهي جتي هن کي جياپي جو هڪ نئون مقصد ملي ٿو وڃي ۽ ڪوڪلي جيون ۾ نئون مقصد کڻي هڪ دفعو ٻيهر شهر طرف روانو ٿي پوندو آهي.

هن ناول اندر ڳوٺن ۾ رونما ٿيندڙ مسئلن کي دليلن ۽ سوالن سان بيان ڪيو ويو آهي سماج جي رسمن رواجن کان وٺي محبت هجر ويراڳ جي موضوع کي ڀڻ چڱي ريت تحرير ڪيو ويو آهي هونئن ته گهڻا ئي ڪتاب هر موضوع تي لکيا ويا آهن پر هڪ ئي ڪتاب ۾ هر مسئلي کي جنهن نموني بيان ڪيو ويو آهي اهو يقينن ساراهه جوڳو عمل آهي اميد آهي ته امر ثناءِ جو نالو تاريخ جي بهترين قلمڪارن ۾ شمار ڪيو ويندو

شازيا ناز

ابراهيم حيدري ڪراچي

Rs. 250/-